









Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ستين آسمان جا فرشتا

(ڪهاڻيون)

## ماڻڪ ڪنگراڻي




ٿوون ٽياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

**ڪتاب جو نالو:** ستين آسمان جا فرشتا
**موضوع :** ڪھاڻيون
**ليکڪ:** ماٹک ڪنگراٹي
**تعداد:** ھڪ ھزار
**ڇاپو پنجون:** نومبر 2014
**ڇاپو:**
نئون نياپو اڪيڊمي،
C_4 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال ٽائون، ڪراچي سنڌ
Ph # 021_32624153, 34690389
Cell # 0333_32115821
E_mail:naonniapo@yahoo.com

**مُلھ:** Rs. 100/=



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ارپڻا

پنهنجي شهيد ياءُ
نصر الله ڪنگراڻي جي نالي جنهن کي 14 مارچ 2013 تي ڏينهن ڏٺي جو وچ شهر ۾ بي گناهه شهيد ڪيو ويو آهي. نصر الله
جنهن سان منهنجا اڻ ڳڻيا رشتا هئا.
همراز دوست، بهادر ياءُ ۽ سياسي رفيق طور هن مون کي
سنڌ سان شناسائي ۽ عشق جو هنر ڏنو.

ماڻڪ ڪنگراڻي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ستين آسمان جا فرشتا“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب نامياري ليکڪ، ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار محترم **ماڻڪ ڪنگراڻي** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

طارق قريشي لکي ٿو:
”بس ماڻڪ جي تعريف ڪجي ته مختصر طور ائين چئبو ته ماڻڪ ڪاڇيءَ جي ڪنڌيءَ جو ۽ ڪاڇي جهڙو ئي آهي، (ڪاڇي جي ميدانن جيڏي دِل وارو ماڻهو) پوئتي پيل ۽ نظر انداز ڪيل پرڳڻي وانگر اڪيلو، خاموش ۽ موسمن جي مهربانيءَ تي انحصار ڪندڙ پنهنجي (Instinct) جبلت جي زور تي باقي رهندڙ هي جدوجهد جي علامت! ٻين جي لاءِ آسيس جهڙو.“

هي ڪتاب 2014ع ۾ **نئون نياپو اڪيڊمي، سچل ڳوٺ، ڪراچيءَ** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون نئون نياپو اڪيڊمي جي سرواڻ انعام عباسيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، يائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# سڇاءُ

پبلشر جو نوٽ: سنڌي انعام/7
مهاڳ: طارق قريشي/8
پنهنجي پاران: ماٽڪ ڪنگراڻي/12

## ڪهاڻين جي ترتيب

اجاڙ واڙواڙ۾.../16
رڻ ۾ رات ٽري/21
هڪڙو ماڻهو لڪ ٽئي تو...!/30
ڪاري ڍڳي جا چور/36
390 ڏهاڙين جو حساب/43
پي ايس 57 /47
ڪونج ڪاڏي وئي؟/52
ستي آسمان جا فرشتا/59



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# پبلشر جو نوٽ

سنڌي ڪهاڻيءَ ڪي جهڙيءَ ريت نوان نڪور نانءَ وقت سِر ملن ٿا ان مان چِٽو ٿي پيو آهي تہ، هاڻي سنڌي ڪهاڻيءَ جي دڳ آڏو جيڪو آيو سو سمجهو تہ ڪک پن ٿي ويو....

هڪ وڏي اُتساهيءَ مان سنڌي ڪهاڻي نڪتي آهي ۽ هاڻي پاڻيءَ جيان پنهنجا گس گهاڙيندا پاڻ ناهيندي اڳتي وڌندي ۽ انکي ڪير بہ سولائيءَ سان روڪي رنڊڪ نٿو سگهي..

نئون نياپو پاران گڏوگڏ تي ڪهاڻي ڪتاب پڌرا ڪرڻ تي اسان تہ جڻ پنهنجو پاڻ کي پيا واڌايون ڏيون ۽ گد گد ٿيون.

*ستين آسمان جا فرشتا: ماٽڪ ڪنگراٽي*

*مان سنڌ گهمڻ نہ ويندس: عبدالواحد سومرو*

*پکين جي ڪا سرحد ناهي هوندي: عباس سارنگ*

هڪ پاسي ڪهاڻين جا آبشار تہ ٻي پاسي ناولن جي لڳاتار ٿيندڙ ڪٽڪڻ ۽ هاڻي تہ جڻ ڪو وڏ ڦڙو هجي هڪ کان پوءِ ٻيو ناول بہ پنهنجي سونهن سندرتا سان عام آڏو اچي رهيو آهي..

۽ هي نوان نڪور ڪهاڻيءَ جا هڪ نہ، ٻہ بہ نہ پورا ٽي ڪتاب بہ تہ، اوهان جي من جي ڪليل ميدانن تي ڪبوترن جيا انيڪ رنگ ڇڏيندا...

ڪهاڻين جا ٽيئي ڪتاب نون ڪهاڻيڪارن جا آهن انڪري انهن منجهہ ڪهاڻيو بہ بنهہ نئون نڪور ۽ نون پاسن سان ٽمٽار آهي....

هڪ پاسي سنڌ پرستي، ٻئي پاسي محبوبن جي مُرڪ تہ ٽئين پاسي من اندر جي لوچ، لڇ پڇ ۽ ويراڳ...

ائين ٿو لڳي جڻ رنگ برنگي ڪپڙن جا ٿانَ هجن جي ڪلندا ٿا وڃن ۽ اسان بتال انهن جي رنگن، روپن ۽ سروپن جي ڳهر ۾ پاڻ ڇڏيندا جڻ محبوب جي پاڪر ۾ پرندا ٿا وڃون..

ڪتاب پڙهي پنهنجي راءِ کان ڄاڻو ضرور ڪجو..

ڇوجو ائين ڪرڻ سان لکارين کي ساهس سان گڏ اتساهہ پڻ ملي ٿو ۽ لکاري نئين نڪور دنيائن جي کوج ۾ لهي ٿا وڃن ۽ جڏهن اچن ٿا تہ ساڻن انيڪ ڪٿائون بہ رنگين پوپٽن جيان سندس چئوڦير ڦيراٽيون ڏينديون اچن ٿيون ۽ نراساين کي ڀلهارپ، سانت کي سُرٻاٽ ۽ ڪونجهائپ کي سندرتا ملي پوي ٿي...

## سنڌي انعام



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## مهاڳ

# ڪاڇي جي ميدانن جيڏي دِل وارو ماڻهو

ستين آسمان جا فرشتا ڪتاب جو ليڪڪ ماڻڪ ڪنگراڻي، ڌرتيءَ جو پُٽ آهي، ۽ اُهو ٻه هن جي ڪهاڻين تي تبصرو ڪرڻ کان پهرين، اڻ سندس شخصيت بابت ويچار ونڊيندا سين.

آگسٽ 2004ع ۾ مونکي، ڪي ٽي اين تي ماڻڪ ڪنگراڻي سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. فبروري 2011ع ۾ اِهو سلسلو تڏهن ختم ٿيو جڏهن مون ڪي ٽي اين تان ڏکي موڪل ورتي ۽ سوشل ڊولپمينٽ سيڪٽر (جنهن کي سولي سنڌيءَ ۾ اين جي اوز چوندا آهن) ڏانهن واپسي ڪئي. انهيءَ سموري عرصي ۾ ماڻڪ مون کي ۽ مون ماڻڪ کي نه رڳو برداشت ڪيو پر انجواءِ به ڪيو. هڪ ٻئي سان ڪي زيادتيون به ڪيون ۽ هڪ ٻئي جو لحاظ ڪيو. ماڻڪ پنهنجي پاران لکيل پيش لفظ ۾ پاڻ لاءِ لکيو آهي ته دوستن جي چواڻي پنهنجي ذات کي لوڙهو ڏئي رهندو آهي، پر مان سمجهان ٿو ته ماڻڪ ڪنگراڻي ته ڪُليل آڱنڌ آهي جتي حُجت ۽ حق جتائڻ جي هوا هر وقت هلندي آهي، نه ته ماڻهن کي مون به ڏٺو آهي، انهن جي شخصيت جي ٻاهران نه رڳو Fencing ٿيل هوندي (لوڙها ڏنل هوندا آهن) پر ڏاڙهيندڙ ڪُتا به ٻڌا هوندا آهن.

ماڻڪ سِڌو آهي، چريو آهي، بلڪ چرڀٽ آهي، هُو سمجهندو آهي ته جيئن هُو ٻين جا (خاص طور دوستن جا) پاڻ تي حق ۽ حُجتون واجب سمجهي ٿو تيئن ٻيا به (خاص طور تي دوست ۽ پنهنجائپ وارا ماڻهو) به هن جي حقن کي ۽ حجتن کي Intact رکن ٿا.

شعبو ڪٽي ڪهڙو به هجي، هنڌ پلي ڪهڙو به هجي، پر پوتارڪو انداز ساڳيو ئي هوندو آهي، جتي ڪٽي ماڻهو پنهنجي ئي مفادن جو نگران هوندو آهي. ماڻڪ جي غلطي چئجي يا معصوميت، هُو پنهنجي فائدن جو نگران، سنگت کي سمجهندو هئو نتيجي ۾ پاڻ ئي پريشان ٿيندو هئو. ۽ پوءِ مون هن کي مايوس ٿيندي ڏٺو ته ۽ اڪيلو اڪيلو به محسوس ڪيم. پر ياد رهي ته ماڻڪ اڪيلو ناهي. پر وڏو ڪهول اٿس، جنهن ۾ امڙ، پائر، ڀيڻيون، ڀاڻيجا ڀئيٽيا، ۽ گهڻا ماڻهو آهن، جيڪي هن سان پيار ڪن ٿا ۽ جن تي هُو نڇاور ٿئي ٿو موجود آهن. ماڻڪ پنهنجي ذات ۾ ان لاءِ اڪيلو آهي جو پنهنجون خوشيون ته شرڪت ۾ رکندو آهي ۽ تڪليفون خلوت ۾.

بس ماڻڪ جي تعريف ڪجي ته مختصر طور ائين چئبو ته ماڻڪ ڪاڇيءَ جي ڪنڌيءَ جو ۽ ڪاڇي جهڙو ئي آهي، (ڪاڇي جي ميدانن جيڏي دِل وارو ماڻهو) پوئتي پيل ۽ نظر انداز ڪيل پرڳڻي وانگر اڪيلو، خاموش ۽ موسمن جي مهربانيءَ تي انحصار ڪندڙ پنهنجي (Instinct)



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جبلت جي زور تي باقي رهندڙ هي جدوجهد جي علامت!پين جي لاءِ آسيس جهڙو

هاڻي ماڻڪ ڪنگراڻي جي ڪهاڻين جو جائزو وٺنداسين جيڪڏهن هي ڪهاڻيون جنهن جي ڳنڍڪي جو نالو "ستين آسمان جا فرشتا" آهي فقط ڪهاڻيون سمجهي پڙهبيون ته به مزو ايندو ۽ وندر حاصل ٿيندي جيڪو Fiction جو بنيادي مقصد (Objective) هوندو آهي. پر نه هي ڪهاڻيون ته ماڻڪ جي اندر جي اوک ڊوک آهن. ۽ ان ريت اُپٽار ٿئي ٿي ۽ سماج جي مختلف طبقن ۽ دؤرن جي هنن ڪهاڻين ۾ هڪ تاريخ آهي. سماج توازن ۾ خرابيءَ جو هڪ داستان آهي ۽ جذبا آهن. ڪيفيتون آهن ۽ وڏي ڳالهه ته ماڻڪ ڪهاڻين ۾ ڪنهن به فارميٽ (گهاڙيٽي) جو محتاج به نه رهيو آهي.

ماڻڪ جي ڪهاڻي "هڪڙو ماڻهو لک ٿئي ٿو" (موجوده) دؤر جي هڪ Case Study آهي ۽ سچي ڪهاڻي آهي. جدوجهد جو هڪ بي مثال ثبوت آهي. 2010ع جي مهابوڏ ڪنهن کان وسري هوندي؟ جوهيءَ وارن پنهنجي ڳوٺ کي ٻوڏ کان بچائي ورتو ۽ سنڌ ۾ ٻڏي ۽ ايڪتا، عزم ۽ حوصلي جو هڪ لافاني داستان درج ڪري ورتو.

ماڻڪ ڪنگراڻي جيئن ته هڪ گهڻ رخي شخصيت آهي، مثال طورسياسي ڪارڪن به رهيو آهي، صحافت به ڪئي اٿائين، ڪجهه ترجمو ۽ تحقيق جو ڪم به سرانجام ڏنو اٿائين ۽ گڏوگڏ شوبز جو ماڻهو به آهي. هن بي شمار آرٽ پليز، لانگ پليز ۽ سنڌي توڙي اردو ۾ سيرئلز پڻ تحرير ڪيا آهن. تنهنڪري هن جي ڪهاڻين ۾ يا ائين چئجي ته هن جي تحريرن ۾ هن جي تجربي جا اولڙا محسوس ٿين ٿا. مثال طور هن جي ڪهاڻي پي ايس 57 هڪ خوبصورت سيرئيل جي ون لائين محسوس ٿئي ٿي. سياست جي نالي ۾ ٿيندڙ استحصال جي ڪهاڻي آهي ۽ ڏيکاريو ويو آهي ته هيءُ واحد شعبو آهي، جنهن ۾ماڻهو ڏاڍو بي حس ۽ خود غرض ٿي ويندو آهي جتي نفيس رشتا به ماڻهو لاءِ اهميت وڃائي ويهن ٿا فقط انهن کي ذات جي ترجيح هجي ٿي ۽ ماڻڪ هن ڪهاڻي ۾ سياستبازيءَ جي ستم ظريفين کي وائکو ڪيو آهي. نه رڳو اهو پرسياست جي قلابازين ۽ چالاڪين کي پر دغا ۽ دولاب کي هن ٻين ڪهاڻين ۾ پڻ ظاهر ڪيوآهي . انهن ڪهاڻين ۾ "اُجاڙ واڙ واڙ ۾" هڪ اهم ڪهاڻي آهي. هي ڪهاڻي اقتدار جي ايوانن ڏانهن ڊوڙندڙ ماڻهن جي ناهي، بلڪه "اُجاڙ واڙ واڙ ۾" انقلاب جي نقيبن کي ٻن گروهن ۾ ورهائجندي ڏيکاريو آهي، هڪڙا اُهي جيڪي جوانيون، ڳاري پاڻ لوڻ ٿي ويا، ٻيا اهي، جن اُنهيءَ لوڻ کي پنهنجي دسترخوان جي ذائقي وڌائڻ ۾ ڪتب آندو. باقي پچيا رلندڙ ۽ تڙپندڙ خواب. جيڪي اڄ به قومي تحريڪ جي شهيدن جي مزارن جي آس پاس مجسم ۽ غير مجسم حالت ۾ مجاوري ڪندي نظر ايندا.

"ڪونج ڪيڏانهن وئي" ڪهاڻيءَ ۾ به طاقتور ايم پي اي جي ڏاڍ ۽ جَبر کي ڏيکاريو ويو آهي جيڪو علم جي ڏيئي کي اُجهائي ٿو ۽ گڏوگڏ ماستر حبن کي نور پکيڙڻ جي ڏوهه ۾ ڏاڍي ڳري سزا



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڏئي ٿو ، هن ڪهاڻيءَ ۾ ماڻڪ جا هي خوبصورت جملا جڻ ته سنڌ جي سمورين تڪليفن جي مختصر تاريخ آهي ۽ هڪ حوصلي جو Symbol آهن. ماستر حبن چوي ٿو: ”پُورو شهر ڪائي وڃو پر اسڪول جي پلاٽ جي هڪ انچ تي بيهڻ ڪونه ڏيندس. جيڪو وٽيو وڃي ڪريو پر اسڪول جي پاسي نه لڙجو اسڪول معنيٰ روشني ۽ مان پنهنجي شهر کي اونداهه ۾ ڪرڻ ڪونه ڏيندس. منهنجي شهر جي مستقبل سان جيڪو به کيڏڻ جي ڪوشش ڪندو ان کي مان بخش ڪونه ڪندس.

ڪهاڻي ”ڪاري ڏيگي جو چور“ طوالت جي ڪري پنهنجو اثر قائم نه ڪو نه ڪري سگهي آهي، پر بلاشڪ ڪهاڻيءَ جي ٻولي، مختصر جملا، تشبيهون ۽ منظر نگاريءَ مان عبدالقادر جوڻيجو جي لکڻين واري Frankness ۽ نسيم کرل جي تحريرن جو انداز به جهلڪي ٿو. اهو ان ڪري جو هڪ ته ماڻڪ، سنو پڙهندڙ به رهيو آهي ۽ پڪ سان ڪهاڻيءَ جي انهن Icon ليکڪن کي پڙهيو به هوندائين ۽ اثر به قبول ڪيو هوندائين. پر منهنجو اندازو آهي ته هن جو ”ڳوٺ“ سان جيڪو تعلق آهي، اُهو ساز جو تند سان تعلق جهڙو آهي ۽ وڏي ڳالهه اها آهي ته ”ڳوٺاڻي سماج“ جي روايتن، داستانن، خوبين ۽ خرابين کي حڪيم وانگر سڃاڻيندڙ ليکڪ عزيز ڪنگراڻيءَ جي Non Formal تربيت جو نتيجو به آهي.

ماڻڪ جي ڪهاڻين ۾ ڪجهه ڪهاڻيون هن مجموعي جون شاهه ڪهاڻيون آهن (جيئن غزل ۾ ڪو بند شاهه بند هوندو آهي)، مثال طور ”390 ڏهاڙين جو حساب“ هن ڪهاڻيءَ جي باري ۾ گهٽي اُپٽار نه ٿا ڪيون جو، پڙهندڙ جو تجسس کي برقرار رکڻ به ضروري آهي البته اهو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته ”رڻ ۾ رات ٺري“ ۽ ”پي ايس 57“ وانگر هيءَ ڪهاڻي به اهو ثابت ڪري ٿي ته ماڻڪ شهري زندگيءَ جي اڀياس کي به تمام گهڻو اهم سمجهيو آهي ۽ ان تي وقت به خرچ ڪيو آهي. شهري زندگي جي الڳ Dynamics ٿئي ٿي، چو ته ماڻهو روزگار جي پنيان ۽ شهر ماڻهوءَ جي زندگاني جي پنيان هوندو آهي. انهي Cat & Mouse واري گيم ۾ ماڻڪ پاڻ به شامل رهيو آهي. (۽ اهو ٻڌائڻ جي ضرورت ڪونهي ته هر شريف ۽ ايماندار ماڻهو وانگر ماڻڪ هڪ Mouse ٿي رهيو آهي. پر( Cat ڪو نه ٿي سگهيو آهي). منهنجو خيال آهي ته لکڻ جهڙو ڪم، دنيا جي ڏکين ۽( Challenging ) وارن ڪمن مان هڪڙو آهي. لکڻ وڏي وِٿ آهي. ماڻڪ ڪهاڻيون لکي وڏو پورهيو ڪيو آهي. پر اها به حقيقت آهي ته هن دؤر ۾ ڪتاب ڇپرائڻ ان کان به وڌيڪ ڏکيو ڪم آهي تنهنڪري منهنجي نظر ۾ مبارڪ آهن اُهي هٿ جيڪي ڪتاب ڇپرائين ٿا.

ويندي ويندي مان ماڻڪ جي ڊرامن تي به ڪجهه ڳالهائيندس. ڪيترن ماڪوڙن جهڙي هينڊ رائيٽنگ واري ماڻڪ کي ڊرامي لکڻ جي خداداد صلاحيت حاصل آهي. ڊراما نگار سان وڏي ويڌن اها هوندي آهي ته هُو پروڊيوسر جي فرمائش/ مرضيءَ/ پاليسي مطابق لکندو آهي، هڪ پيري



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پروڊيوسر فرمائش ڪئي ته 14 آگسٽ جي حوالي سان هڪڙو سولو پلي لکٽو آهي. ماٽڪ مون کي چيو ته: ”مارڪيٽ ۾ ٻاڙائي آهي، اِهو Play مان لکندس.“ پروڊيوسر کان اجازت ورتم ماٽڪ اِهو پلي لکيو ۽ پوءِ توهان کي چا ٻڌايان ته اِهو ڊرامو مون لاءِ ڪيڏو وڏو ”بُحران“ بڻيو هوندو. ڇو ته اسڪرپٽ ايڊيٽر طور ان ڊرامي جي سڄي ذميواري مون تي ئي اچڻي هئي. بس ايترو ٻڌايان ته ماٽڪ بندوق ڪٽي، مٿان بينو هئو ته هڪڙو لفظ به هيٺ مٿي ناهي ڪرڻو ۽ مونکي 14 آگسٽ جي ڊرامي کي ڳاڙهي مان سائو ۽ ڪجھ سُفيد ڪرڻ لاءِ هر لفظ ۽ هر جُملي کي بدلائڻو هئو.. بهرحال..... اهو هڪ وڏو امتحان هئو.

ماٽڪ جي ڊرامن تي جيڪڏهن مان فقط هڪڙو جملو چوان ته اهو هيءُ آهي ته جيڪڏهن قسمت ساٿ ڏئيس ته هُو اردو ميڊيا ۾ ملڪي سطح تي ناماچاري حاصل ڪري سگهي ٿو.

ماٽڪ جي بيشمار سولو پليز ۽ سيرئلز ۾، ڪڏهن به يڪسانيت نظر نه آئي، ڇو ته ماٽڪ وٽ Subject جي گوناگونيت آهي ۽ ڪردارن ۾ به ڏاڍي Variety آهي، ماٽڪ جا ڊراما سرڪاري ٽي وي چينل تان به نشر ٿيا آهن ۽ انعامن ۽ اعزازن سان به نوازيا ويا آهن، تنهنڪري اِهو چئي سگهجي ٿو هُن پاڻ کي شوبز رائيٽر طور مڃرايو آهي. (باقي ڪو مڃي يا نه مڃي، ان جي مرضي!) مرضيءَ تي، ماٽڪ جي ڏڦير هجڻ جي ڳالھ ياد اچي وئي آهي ڇو ته ماٽڪ هلندو ئي پنهنجي مرضيءَ سان آهي. سو ڳالھ اُها ڪري ئي ڇڏيان ته چڱو آهي. ماٽڪ جو هڪڙو جملو يا تڪيه ڪلام مون کان ڪڏهن به نه وسرندو آهي: پنهنجي مزي لاءِ ڪجھ به ڪري سگهجي ٿو.“

(اصل حقيقت اِها آهي ته صوفي صفت ماٽڪ، هميشه ٻين جي مزي ۾ ئي مزو وٺندو رهي ٿو). ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته ٻين جي خوشيءَ کي پنهنجي خوشي ۽ مزو سمجهندڙ ماٽڪ اجاين ۽ اٽانگهن معاملن ۾ هٿ وجهندو آهي. ته ڇو؟

بس ايترو ئي سمجھ ۾ ايندو آهي ته اها ئي ته Abnormality آهي ۽ اها ئي Super.......Normal هجڻ جي نشاني آهي. ليکڪ، شاعر ۽ فنڪار جيڪڏهن جِينئس آهن ته ان لاءِ جو هُو چريا، ڪريا ۽ خر دماغ هوندا آهن. ماٽڪ انهيءَ قبيلي جو ماڻهو آهي.

**طارق قريشي**



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

## پنهنجي پاران

# سنڌ، امان ۽ مٽي!

مون ڪٿي پڙهيو آهي تہ ماڻهو جو ذهن ۽ دل سندس گهر جي اڱڻ جيتري وسيع ۽ ڪشادي ٿيندي آهي

منهنجو ٻالڪ پڻ نج ڳوناٽي ماحول ۾ گذريو آهي ، ڳوٺ جتي لک مفادن جي جنگاڻ باوجود هر شيءِ نج ۽ خالص هوندي آهي بلڪل فطرت جي رنگن وانگر هر رشتي ۾ احساس محسوس ٿيندوآهي ، هر رشتو ساف سترو ڳوناٽي ڪائنات ۾ ماڻهو جي محبت توڙي نفرت جو اظهار گهڻي ياڳي تيز ترار ۽ سڌو هوندو آهي جتي ڪنهن نفيس رشتي جي پناهہ ۾ دوکو ڪرڻ شهر جي زندگي وانگر رنگن ۾ ڪٿي لڪل نہ هوندو آهي. منهنجو خمير ڳوٺ جي مٽي جو ڳوهيل آهي . مان بہ هڪ ڳوناٽي ٻار وانگر مٽي جي کيڏوڻن سان کڏي جوان ٿيو آهيان

اسان جي ڳوٺ جي اولهہ ۾ نائين شاخ وهندي هئي ( جيڪا سرڪاري جي لاپرواهي ۽ بااثر زميندارن جي بي رحمي جي ڪري هاڻ نالي جي شاخ وڃي بچي آهي سالن ۾ مٿان جي زميندارن بچت پاڻي ڇڏيو هجي تہ واهہ نہ تہ ٻارهو ئي سڪل رهندي آهي ) مان بہ ڳوٺ جي ٻين ٻارن وانگر ان شاخ جي ميري پاڻي ۾ تڙڳي جوان ٿيو آهيان

هڪڙو زمانو اهو بہ هو تہ ادا عزيز ڪنگراڻي جي ڪتابن ۾ سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻين واري رجسٽرڊ تي سنڌي ادبي سنگت شاخ جوهي پڙهي حيران ٿيندو هئس ڇو تہ ان وقت نائين شاخ ۽ شاخ جوهي وارو مسئلو منهنجي سمجهہ کان ڳورو هو جنهنجي تلاش مونکي ادا عزيز جي ڪتابن ڏانهن متوجہ ڪيو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهو بہ آيو تہ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين جو حصو بڻيس . مون پنهنجي پهرين ڪتابن ۾ ڪٿي لکيو بہ آهي تہ منهنجي پهرين ٻاراڻي ڪهاڻي منهنجي ياءُ ۽ دلبر دوست شاعر ۽ صحافي شهيد نصرالله ڪنگراڻي ڪراچي جي اخبار سنڌ سجاڳ جي ٻاراڻي صفحي تي ڇاپي هئي جڏهن تہ ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ وري پهرين ڪهاڻي ” پوسٽ کان رهجي ويل خط “ هئي جنهن جي سنگت جي سينيئر دوستن تعريف بہ ڪئي هئي ۽ ان واهہ واهہ مون کي لکڻ لاءِ وڌيڪ اتساهيو هيوپر ان ڪهاڻي جي ڪردارن وانگر منهنجي پيرن ۾ بہ نہ ڄاڻ ڪهڙا سفر پئجي ويا هئا پنهنجي ڪهاڻي جي ڪردارن جو وڇوڙو ۽ بنا موڪلائڻ جي نڪري پوڻ جڻ تہ منهنجي پيرن جي پنڌ ۽ مسافري جو بنياد بنجي ويا هئا . منهنجو من بہ اپاڻڪو ٿي پيو هو من ۾ متل مانڌاڻ کي ماٺ ڪرڻ لاءِ ادبي توڙي سياسي سرگرمين جو حصو بڻيس. پر دل نہ مڃو ۽ پوءِ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هڪ ڏينهن پنهنجي وڏي پيڻ (جنهن کي مون سدائين امڙ نازبيبي جي نظرن ڏٺو آهي ) کان اڏائي سو روپيا وٺي بنا ڪنهن پختي پناهہ جي پنهنجي هڪ دوست حسين ڀٽي سان گڏجي حيدرآباد نڪري پيس

ائين ئي ڳوٺ جا سمورا رشتا ۽ محبتون ڳوٺ ۾ رهائي شهرجي واپاري رشتن ۾ پنهنجي لاءِ پناهہ ڳولڻ وارن جتنن ۾ لڳي ويس. حيدرآباد انساني هجوم هجڻ باوجود مونکي ايئن لڳندو هو تہ شايد اڪيلو رهجي ويو هجان وقت گذرڻ سان واقفڪارن جي هڪ ڊگهي لسٽ جڙي پئي پر دل کي شيئر ڪرڻ لاءِ شهر جي ميلي ۾ اڪيلورهيو آهيان. مون رشتن کي ڪاروبار جي ٻارڻ تور بيدردي سان سڙندي ڏٺو آهي محبتن جي ادائن ۽مسڪراهٽن جي ڪچ ۾ ڇري بہ ڏٺي آهي.

16 سالن کان ميڊيا سان وابستگي رهي آهي پر ادارن اندر ٿيندڙ سياست سمجهي نہ سگهڻ ڪري منهنجي نوڪري سدائين داوءَ تي رهي آهي . ڪڏهن ڪڏهن ايئن ڀَلندو آئم تہ منهنجي مٽي ۾ جهوڪ جي انڪار جي چپٽي شامل آهي تڏهن تہ سامهون ٿيندڙ ناانصافي تي سپ کان پهرين احتجاج منهنجو اٿندو آهي. منهنجا دوست منهنجي سيني ناڪامين جو ڪارڻ ٻڌائيندي چوندا آهن تہ مان ماڻهن سان ميل ميلاپ بدران پاڻ کي لوڙهو ڏئي هلان ٿو جڏهن تہ مان اهو سوچيندو آهيان تہ اعتبار ٽٽڻ ۽ دل ڏکڻ کان بهتر آهي تہ پنهنجو پاڻ کي سوڙهو ڪري ڇڏجي چاڪاڻ تہ مون سدائين دل سان سوچيو آهي جيڪو بہ منهنجي دوستي دائري ۾ داخل ٿي ويو لک چاهڻ باوجود ان کي خارج نہ ڪرڻ منهنجي اختيار ۾ نہ هوندو آهي

چوندا آهن تہ هر لکڻي ۾ ليکڪ ڪٿي نہ ڪٿي موجود هوندو آهي ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن وڌ پر پنهنجي تحرير ۾ موجود هوندو آهي

منهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن وٽ ڳالهائڻ ۽ انڪار جي جريت رهي آهي اهي ڪڏهن ناحق ۽ ڏاڍ جي خلاف آواز بلندي ڪندي نظر ايندا تہ ڪڏهن وري ڌرتي جي آجپي جي لاءِ محاذ تي مورچا بند هوندا آهن. محاذ جيڪو سماج جي براين کان شروع ٿئي ٿو ۽ ڌرتي جي آجپي تي وڃي دنگ ڪندو آهي . منهنجي ڪهاڻين جا هيرو هر هنڌ ڏاڍ جي سامهون بيٺل نظر ايندا سماج جي هر اٽائي خلاف فرنٽ لائن تي بيٺل هوندا آهن شايد اهو سپ ان ڪري بہ ٿئي ٿو تہ جن براين خلاف ڳالهائڻ جي مان همت نہ ڪري سگهيو آهن اتي منهنجي لکيٽين جا ڪردار حق ۽ سچ جو نعرو بلند ڪندي جهوڪ جي سنت تي هلندي انڪار جو ڪلمو ادا ڪري وٺندا آهن. منهنجي ڪهاڻين جو هيرو رڳو ويڙهاڪ بہ نہ آهي اهو تہ پيار جي سمورن نفيس رشتن جي ذميوارين جي نڀائڻ ۾ بہ اڳيرو نظر ايندو پر وقت جي رهزن گهڙين هٿان شڪست کائي دل ٽوڙي وطن جي آجپي جي خوابن جي ساڀيا کان محروم ٿي ويندو آهي . مون سدائين پاڻ کي ڌرتي سان جوڙي رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ان ڪري منهنجي لکڻين ۾ ڪٿان نہ ڪٿان ڌرتي جي ذڪر نروار ٿي پوندو آهي ، جڏهن ڌرتي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

شامل ٽيندي آهي تڏهن منهنجي امڙ کي لڪٽين ۾ اچڻ کان ڪو روڪي ڪون سگهندو آهي ۽ امڙ جي شفقت سبب ڪچي گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ مني به بيٺل نظر اچي ويندي آهي . مني پلي منهنجو فرضي ڪردار هجي پر منهنجون سموريون محبتون ايمان ۽ عشق جا عقيدا ان سان جڙيل رهيا آهن محاذن تي وڙهندڙ منهنجي هيرو لاءِ مني جي مرڪ ڏانوڻ ته هوندي آهي پر ان کي اڳتي وڙهڻ ۽ وڌڻ کان روڪي ڪون سگهندي آهي توڙي جو ان جي دل جي هڪ ڪنڊ هر وقت ڌڪندي رهندي آهي، امڙ جيڪا منهنجي ڪردارن جي پناهه رهي ٿي سو جڏهن به اهي اباڻڪا ٽيندا آهن تڏهن پنهنجي امڙ جي گوڏي تي ڪنڌ ٽيڪي سمهڻ سان ان جا سمورا ٿڪ ڪافور ٿي ويندا آهن . منهنجي ڪردارن جي امڙ باجهاري ۽ وڏي صابرين هوندي آهي اها ڪنهن به تڪليف ۾ پنهنجي پٽ جي راهه جي رڪاوٽ بڻجڻ بدران ان لاءِ آسانيون مهيا ڪندي آهي هيرو توڙي جو ماءُ جو مڃو آهي پر ڌرتي جي ۽ امڙ مان چونڊ ڪرڻ وقت هن جي ترجيح ڌرتي بڻجي ويندي آهي ماءَ جي اکين ۾ فقط التجائون رهجي وينديون آهن جڻ ته انهن گهڙين لاءِ صدين کان تيار هجي هيرو وٽ مٽي ۽ امڙ جي عظمت برار هوندي آهي چونڊ جي وقت تي ڌرتي کي ترجيح ملندي آهي . امڙ جون نگاهون ۽ دل سدائين پٽ جي الڪي ۾ در تي ٽنگيل رهيون . پٽ آزادي جي جنگ وڙهڻ يا وري ڪنهن ڏوراهين شهر ۾ گهٽ پگهار تي نوڪري جنهن جي لاءِ سدائين اهو مسئلو رهندو آهي ته ماءُ ساڻ ملڻ ڳوٺ وڃي يا وري ان جي پيٽ گذرءِ دوائن جي خرچ پکي لاءِ پيسا موڪلي. سو هن جو بهتر فيصلو ماءُ کي پئسا موڪلڻ هوندو آهي نتيجي ۾ امڙ پيري جي سهاري پٽ سان ملڻ بنا بيمارين ۾ چڙي چڙي چالاڻو ڪري ويندي آهي ۽ مني پنهنجي محبوب کي ماڻڻ لاءِ بي قرار رهندي ان لاءِ هر سماجي بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار رهندي آهي نيٺ هڪ ڏينهن ڪنهن به ٻئي جو نصيب بڻجي ويندي آهي ۽ هيرو پاڻ ڌرتي جي ويڙهه وڙهندي ويري به واهرو به جهڙي ڪردار رکندڙ پنهنجي سڄڻن جي سازش جو شڪار بڻجي ماريو ويندو آهي. اهو رشتن سان نياهه به چاڻي ٿو اهو ئي ڪارڻ آهي جو امڙ جي مرتيي جي اطلاع تي تمي پيل ڳوڙهي بابت اهو فيصلو نه ڪري سگهندو آهي ته اهو امڙ جو لاڏاڻي جو ڏک آهي يا مني جي وڇوڙي جو درد .

منهنجا دوست منهنجي لاءِ وڏي وٿ رهيا آهن مان پنهنجي دوستن سان پاڻ جيترو پيار ڪندو آهيان مان جيڪو ڪجھ آهيان اها دوستن جي مهرباني آهي ڇو جو مون دوستن وٽان سکيو آهي ايوب گل ، نواز پنو طارق قريشي ، راز شاهاڻي مصطفي ملاح ،حميد هاليپوٽو ، منظور مگسي (مرحوم ) اعجاز شيخ ، مظهر علي رند ، محمد موسي رند, ساگر ڪوري ، خادم جسڪاڻي ،گهايل لغاري، فياض نائيڇ شاهنواز ڪنگراڻي ۽ ٻيا ان ڳڻيا دوست آهن خاص ڪري همسفر گاڏهي، ارشاد ڪوکر ۽ پائو ذولف پيرزادو اهڙا دوست آهن جن مون کي ننڍڻ اس جهڙين حالتن ۾ سنڀاليو آهي مٿي ذڪري ڪيل دوستن ۾ انعام عباسي جو ذڪر نه ڪرڻ گناه جهڙو ڪم هوندو ڇاڪاڻ ته هن نه



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

رڳو منهنجا ٻه ڪتاب ڇپرايا آهن پر مونکان زبردستي لکرايو ٻه آهي، انعام عباسي جو فون ڪري حڪم ڪندو آهي " سيٺ" فلاڻي تاريخ تي ڪهاڻي کپي ۽ مون هر حال ۾ ڪيس ڏنل تاريخ تي ڪهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڪهاڻي ڪٽي وچڻ ڪانپوءِ سٺي لڳس ته دل سان تعريف ڪندو پر جيڪڏهن انعام عباسي جو فون نه آيو ته سمجهي ويندو آهن سيٺ کي ڪهاڻي نه وڻي ، تڏهن وري مان ڪال ڪري چوندو هئس ته ظالم سيٺ ڪجه ته تعريف ڪر تڏهن کلي چوندو هو ته چوان ته پيو نه سٺي آهي منهنجي ۽ انعام عباسي جي هڪڙي هڪ جهڙائي اها ٻه آهي ته اسان ٻئي سنڌ لاءِ اجان ٻه چرياڻن وانگر سوچون پيا . جيڪا اسان جي عشق جو مرڪز رهي آهي ۽ زندگي جي آخري لمحن تائين رهندي.

**ماڻڪ ڪنگراڻي**

ڪراچي

Manik_ kingrani@yahoo.com



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# اجاڙ واڙ واڙ ۾...

نبن لاءِ ڄڻ تہ زندگيءَ جا سڀ رنگ بي معنيٰ بڻجي ويا هجن. گهر کان آفيس ۽ آفيس کان گهر، باقي حرام جو ڪيڏانهن وڪ وڌي هجيس يا وري لڙيو هجي. ها البتہ ايترو ضرور آهي تہ ايندي ويندي واٽ تي پونڊڙ ٻاڪڙا هوٽل تي جهٽ گهڙي ويهي بہ گرهہ مانيءَ جا پيٽ ۾ وڌا هوندائين. باقي ڄڻ زندگيءَ جا سڀ در هن لاءِ بند ٿي ويا هجن ڄڻ جيئڻ جا سڀ ڏڳ وساري ۽ وڃائي ويٺو هجي. نہ ڪاڏي اچڻ نہ وڃڻ. نہ وري ڪنهن سان دعا سلام. اهو ئي هن جو ڏهنين سورنهن سالن جو معمول بڻيل آهي. ان سموري عرصي ۾ هن جي آس پاس جي ماحول ۾ اڻڳڻيون تبديليون آيون. پر هن تي انهن جو ڪو بہ اثر ڪونہ ٿيو. اهي جن جا هن پنهنجي هٿن سان جوائننگ آرڊر ٽائيپ ڪيا سي ترقي ڪري پيلا آفيسر بڻجي ويا تہ ڪن وري زندگيءَ کان ئي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. پر نبن اهو ئي ڪلرڪ آهي. ڪيس نہ ترقي جو الڪو نہ وري پڇاڙيءَ جي پريشاني...

نوڪريءَ جي پهرين ڏينهن کان اڄ تائين سيني کان پهرين آفيس پهچڻ ۽ آخر ۾ گهر نڪرڻ واري معمول ۾ هڪ پل جي ساهي ڪونہ ڪئي اٿس. آفيس پهچڻ سان ڪم ۾ لڳي ويندو آهي. بنان ساهي پٽڻ جي سڄو ڏينهن ڪم ۾ رڌل رهندو آهي. حرام جو ڪنڌ ڪٽي ڪاڏي ڏٺو هجيس، نبن جي اهڙي انداز سان ڪم ڪرڻ تي آفيس جا ساٿي هر وقت ڪونہ ڪو چرچو ڪو ريمارڪس پاس ڪندا رهن ٿا. ڪن جي خيال ۾ آفيس هن جي سڱن تي بيٺل آهي. ڪجهہ اجان بہ اڳتي وڌي گهٽو ڪجهہ چئي ويا هوندس. پر نبن اهو سڀ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي ڪم ۾ رڌل رهيو آهي. اهو سوچڻ بنان تہ ڪنهن ڪهڙو ريمارڪس پاس ڪيو. ڪڏهن تاري نہ سگهڻ جي صورتحال ۾ ڏانهنس مسڪرائي ڏٺو هوندو ۽ بس... اهو ئي نہ ڪجهہ ڪم چور ماڻهن جو ڪم بہ هن جي حصي ۾ رهيو هو.

”نبن صاحب! هن فائيل کي هڪ نظر مان ڪڍجو...“ ۽ نبن بنان ڪنهن سوال جواب ڪرڻ جي ان ڪم کي پنهنجي ڪم جو حصو سمجهي اُڪلائي ڇڏيو. اها ئي هن جي آفيس ۾ سڃاڻپ آهي، باقي نہ ڪو دوست نہ ڪو مٽ، سدائين تنها نہ وري ڪنهن ڪيس ٿهڪ ڏيندي ٻڌو ۽ خوش ٿيندي ڏٺو هو.

شروع شروع ۾ ڪجهہ آفيس جي ساٿين سندس جوانيءَ تي ترس کائي ڪيس زندگيءَ طرف وٺي اچڻ جون ڪوششون ڪيون ويون پر نبن جي حياتيءَ ۾ رنگ پرڻ ۾ ناڪامي نصيب ٿين. نبن جي زندگيءَ ۾ تبديلي نہ آڻي سگهيا. مايوس ٿي پنهنجي پنهنجي ڪمن ڪارن ۾ گم ٿي ويا تہ وري



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪنهن نبن طرف مڙي ڪونہ ڏٺو. سڄي سنسار ۾ اڪيلو رهجي ويل خزان ۾ ڇڻيل پيلي پن وانگر هوائن جي آڌار تي وقت جي پيرن هيٺ لتاڙبو رهيو آهي. بنان ڪنهن احساس ڏيارڻ جي چاڪيءَ جي ڏاند وانگر هڪڙي ئي چاري، گهاڻي جي پڙ تي وهندي زندگيءَ کي انت طرف وٺي وڃڻ واري خاموش معاهدي تحت هلي رهيو آهي.

آفيس جي ساٿين لاءِ وندر جو وکر بڻجي ويو آهي. ڪليڪ ايندي ويندي ڪا نہ ڪا هٿ جي حرڪت يا پوڳا ڪندا رهن ٿا ۽ هي بنان ڪنهن احتجاج ۽ ردعمل ظاهر ڪرڻ جي پنهنجي ڪم ۾ رڌل هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ ساٿي مٿس رحم ڪائيندي هڪڙو هلڪي براند جو سگريٽ پياري ڪائنس ضرورت پڇندا آهن. ۽ موٽ ۾ نبن چپن تي ڦڪي مسڪراهٽ آڻي احسان قبول ڪرڻ جو سگنل ڏيندو آهي. ڇني ڇهہ ماهي جنرل مينيجر احسان ”آزاد“ ڪيس پنهنجي آفيس ۾ گهرائي ڪلاڪ کن ويهاري ڪيس وڏو مگ ڪافيءَ جو پياريندو آهي. نبن جيئن ئي احسان ”آزاد“ جي آفيس مان ٻاهر هونڪرندو آهي تہ شاپر ۾ هڪ نري جو آڏيو ۽ سئي براند جي سگريٽن جا ٻہ ٽي پاڪيٽ هٿ ۾ ڪٽي ايندو آهي. تڏهن سڄو اسٽاف حيرتن جي جهان ۾ پئجي ويندو آهي بلڪ ٽرٽلو مچي ويندو آهي سڄي آفيس ۾. اهو سڄو ڏينهن پورو اسٽاف احسان ”آزاد“ کي مهربان شخص ثابت ڪرڻ لاءِ هڪٻئي سان ٽيل احسان ”آزاد“ جون چڱايون ياد ڏياريندي گذاري ڇڏيندو آهي. هر ڪو احسان ”آزاد“ جي وڏ ماڻهپي جا ڳڻ ڳائيندي نظر ايندو آهي. جڏهن تہ ڪجهہ ساٿي نبن جي اهڙي ڀاڳ تي سڙندا بہ آهن. ڪي ڪم چور قسم جا ساٿي وري نبن کي احسان ”آزاد“ جو ايجنٽ هجڻ واري فتوي جاري ڪندي چوندا آهن تہ. اهڙا ماڻهو ئي ورڪر دشمن ٿيندا آهن. ورڪرن جون غلط رپورٽون بالا آفيسرن کي ڏئي پنهنجي لاءِ مراعتون حاصل ڪندا آهن.

اهو ڏينهن آفيس ۾ ڪم گهٽ ۽ احسان ”آزاد“ جون تعريفون وڌيڪ ٿينديون آهن. جڏهن تہ باقي بچيل وقت ۾ نبن کي ڏٻيل لفظن ۾ گارين جا دس چاڙهيا ويندا آهن. جڏهن تہ ڪجهہ ٻي ضرر قسم جا ڪليگس خاموش تماشائي بڻجي اهو سڄو تماشو ڏسندا آهن.

ٻين لفظن ۾ اهو تہ سڄي اسٽاف کي ان ڏينهن نبن جي آفيس ۾ هجڻ وارو احساس ٿيندو آهي.

باقي نہ تہ گذريل 16 سالن واري سڄي عرصي ۾ گهٽي پاڻي دنيا جو هر پوڳ ۽ ٺوڪ نبن جي حصي ۾ رهندو آيو آهي. اهو ئي نہ پر نبن نظرانداز ٿيل رهيو آهي.

نوڪريءَ کان اڳ نبن خانہ بدوشن وانگر آزاد زندگي گذاري آهي. پنهنجي ڌرتيءَ جو اهڙو ڪهڙو ڳوٺ ۽ شهر ناهي جنهن تي نبن جي سفر جا پيرا نہ مليا هوندا .ڪڏهن ڪهڙي ڳوٺ تہ ڪڏهن ڪهڙي شهر مان پوڙهي امڙ کي سندس سلامتيءَ جا سنيها پيا ملندا هئا. هفتن جا هفتا مهينن جا مهينا گم. پوڙهي امڙ ڪيس پنهنجي پيرسني ياد ڏياريندي اهڙين رولاڪين کان ڏاڍو روڪيو هو. پر نبن امڙ کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائي بہ ڪونہ پئي سگهيو تہ هي ڪهڙي رستي جو مسافر



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ٻڌيو هوا ۽ ٻڌائي ٻه پيلا ڪيئن؟ زمانو ئي اهڙو هوا آزاديءَ جو نالو وٺڻ جي معنيٰ ڪاريهر تي پير پوڻ تصور ڪبو هو. نبن ماءُ جي مريدپنهنجي پوڙهي امڙ جون سموريون منٿون نظرانداز ڪري ڌرتيءَ جي آجپي جي راهه کي اوليت ڏني هئي. جڏهن سندس ماءُ اندر پڙهي ورتو ته نبن پنهنجي پوڙهي امڙ کي ڌرتيءَ جي آجپي جي اهميت جا دليل ڏئي لاجواب ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ جهڙوڪر ٻنهي ماءُ پٽن جي وچ ۾ هڪ خاموش معاهدو ٿي ويو هو. ملڻ لاءِ آتا ته ٿيڻ لاءِ تيار. جڏهن نبن ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي وڃڻ لاءِ موڪلائيندو هو تڏهن وقت جي هٿان شڪست کاڌل پوڙهن نيڻن مان هڪڙو لڙڪ لڙي ڌرتيءَ جي سلامتي لاءِ دعا ٻڻجي ويندو هو. ۽ پوءِ ٻنان ڪجهه ڳالهائڻ جي ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪم سان لڳي ويندا هئا. پوڙهي امڙ اوسيئڙي ۾ ۽ جوانيءَ ۾ قدم رکندڙ ڳڀرو پٽ ڌرتيءَ جي آجپي جي جنگ واري محاذ تي وڃي رسندو هو. پوڙهي امڙ پٽ جي نسرندڙ جوانيءَ واري ويلي اهڙي واٽ وٺڻ تي سراپجي وئي هئي. امڙ جي اکين ۾ پٽ جي اهڙي جدائيءَ جو درد حياتيءَ جي آخري لمحن تائين انتظار جي تصوير ٻڻجي رهجي ويو هو. ٻي پاسي جوان پٽ ۽ پوڙهي امڙ جي ملڻ وارو وقت جيئن پوءِ تيئن گهٽ ٿيندو ويو. هفتن وارو گيپ مهينن جي وٿيءَ ۾ بدلجي ويو. جوان پٽن جي پيرن ۾ تحريڪ جي مسافري ۽ پوڙهي امڙ جي جهور نيڻن ۾ انتظار ۽ ڪجهه ٿي پوڻ وان سوين الڪن ۽ انديشن آکيرا جوڙي ورتا هئا. حالتون ئي اهڙيون هيون جو رياست جي داداگير بندوق آزاديءَ جي ويڙهه وڙهندڙ جوانن جي تاڙ ۾ رهندي هئي. آئي ڏينهن ڪٿان نه ڪٿان ڪنهن امڙ جي جهولي خالي ٿِيڻ وارا اطلاع ملڻ معمول ٻڻجي ويو هو. سوين ڳڀرو جوان ڌرتي ماءُ کي حياتيءَ جي پيتا ڏئي چڪا هئا. ۽ اَڻڳڻيا جوڏا لانگ بوٽن جي لتاڙ هيٺ هئا. خاڪي وردي ڌرتي ڄاون لاءِ موت جي علامت ٻڻجي چڪي هئي. پوءِ به آجپي جا خواب ڏسندڙ جوان رت اڳيرو هو انهن جي دلين مان لانگ بوٽ جي وحشت ۽ موت جو خوف لتاڙجي چڪو هو. ملندڙ سزا کي ڪو به جوڌو لڪائيندو ئي ڪونه هو. نبن به اهڙي راهه جو اهم سپوت ٻڻجي ويو هو. نبن پنهنجي امڙ جي مڙني اوجاڳن کان بي نياز ٻڻجي ويو هو. در در وڃي آزاديءَ جا خواب ورهائي رهيو هو. آخرڪار هو به آزاديءَ جي اهم اڳواڻن منجهان هو. جيترو ذهين هو ان کان به وڌيڪ مقرر هو. جتي پهچندو هو آزادي جا پتنگ فدا ٿيڻ لاءِ بي قرار هوندا هئا. ڪيس اکين ۾ ويهارڻ لڳا هئا. نبن جي خطابن نوجوانن جي دلين کي پڙڪائي وڌو هو. جڻ ته جلندي تي پيٽرول پوي هڪ طرف نبن جي سرگرمين سامراجي قوتن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون هيون ته ٻي طرف ڪارڪنن سان سني ورتاءَ ۽ محبتون ونڊڻ ڪري پنهنجي سينيئر قيادت کي گهٽو پوئتي ڇڏيندو اڳتي وڌي رهيو هو. ڪيس آزاديءَ جي ڪارڪنن دلين ۾ ويهاري ڇڏيو هو. هر ننڍي وڏي کي پابوهه مان مرڪي ڳل لائڻ واري ادا ڪيس هزارين جوانن ۽ جوانڙين جي دلين ۾ جاءِ ڏني هئي. ڌرتيءَ جي عشق ۽ ڪارڪنن جي چاهه سندس پوڙهي امڙ ۽ منڻ جا عڪس لڙاڻي ڇڏيا هئا.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

نبن کي ياءَ پيڻ هئا ئي ڪونہ پيءُ جي ٻاجھ کان ننڍي هوندي ئي محروم ٿي چڪو هو. پيءُ بابت امڙ واتان ئي ٻڌو هئائين تہ اريگيشن ۾ داروغو هو. ڪاري ٻوڏ واري سال بچاءَ بند تي ڊيوٽِي ڪندي سورنهن بيلدران سان گڏ بند ٽٽڻ ڪري لڙهي ويو هو. وڏي ڳولا باوجود ڪنهن جو بہ لاش هٿ ڪونہ آيو هو. ابي جي چالاڻي کان پوءِ امڙ ئي ڪيس هٿ جا پورهيا ڪري پالي تاتي جوان ڪيو هو جوان ٿيندي ئي پنهنجي مامي جي ڌيءُ منڻ جي زلفن جي زنجيرن ۾ ونگجي ويو هو. تڏهن ڪيس زندگي منڻ جي آس پاس ئي محسوس ٿيندي هئي. ائين پائنين بہ چو نہ! منڻ ڳوٺ جو نڪ هئي. ڳوٺ جا جوان ڪيس ڏسندي ئي حواس وڃائي ويهندا هئا. منڻ جي ايتري ملندڙ پيار تي ڳوٺ جي ڳڀرن کي ريسون ٿينديون هيون. منڻ جي مسڪرائڻ سان ڪائنات جا مظهر نظر ايندا هئا. ۽ ادا سان آرس پيڃڻ سان موسمون بدلجڻ لڳنديون هيون. سڄي ترجا جوان منڻ تي فدا هوندا هئا. ۽ منڻ نبن لاءِ ماندي هوندي هئي جيسين نبن کي نہ ڏسي حرام جو سک جو ساهہ کڻي.

نبن ڪاليج پهتو تہ رنگ ئي ٻيا ڏٺائين. هر طرف جواني ۽ حسن جو درياءُ ڇلندي نظر پي آيو. ڪجھ شاگردن کي ڳجهين سرگرمين ۾ ڏٺائين تہ اَجهل جواني ۽ دل ۾ تجسس پيدا ٿي پيس. بنان ڪنهن هٻڪ جي انهن شاگردن سان وڃي مليو. ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ڳجهين گڏجاڻين جو حصو بڻجي ويو. هن کي پهرين پيري معلوم ٿيو هو تہ ڌرتي غلام بہ ٿيندي آهي. تڏهن اها بہ خبر پيس تہ ڌرتي ڌڻين کي غلاميءَ هيٺ رکندي سامراجي قوتن انهن جا سڀ حق ڦٻائي رکيا آهن. سامراج کان آزاديءَ لاءِ تحريڪ هلائي پئي وڃي. غلاميءَ جي احساس نبن کي نهوڙي وڌو هو. سڄو ڏينهن ڌرتيءَ جي آزادي ۽ پنهنجا ڦٻايل حق وٺڻ متعلق سوچڻ لڳو هو. رهيل ڪم آزاديءَ جي تحريڪ جي سرواڻ "آزاد" سان ملاقات ڪيو. پروفيسر آزاد ڌرتي جي آزادي خاطر وڏيون اذيتون برداشت ڪيون آهن ۽ زندگي جو وڏو حصو جيلن ۾ گذاريو اٿس. آزاد سان جيڪو بہ مليو هڪ نظر ۾ ئي ان جو اسير ٿي ويندو هو. نبن تي بہ آزاد جي سحر اهڙو ئي اثر ڪيو هو.

نبن ڏسندي ئي ڏسندي ڌرتيءَ جي آجپي واري تحريڪ جو اهم اڳواڻ ٿي سامهون آيو.

آزاديءَ جي خواب نبن کان پوڙهي امڙ جي ٻاجھ ۽ منڻ جي زندگيءَ جهڙِي پيار کان گهٽو پري ڪري ڇڏيو هو. اهو ئي نبن هو جيڪو رات جو سمهڻ کان پهرين امڙ جي جا پير چمڻ ۽ منڻ سان ملڻ پنهنجا اولين فرض سمجهندو هو. سندس اهڙي زندگي جي معمول ۾ فرق اچي ويو.

نبن جيئن پوءِ تيئن سامراج لاءِ ٽف گاءِ جو درجو ماڻي ورتو هو. لانگ بوٽ ٽرٽلي ۾ اچي ويا هئا. لانگ بوٽن جي هر حرڪت نبن کي هٿ ڪرڻ واري جستجو بڻجي وئي هئي. هڪ نہ ٻي ڏينهن لانگ بوٽ نبن جي اڱڻ چيپاٽڻ ۽ پوڙهي امڙ کي ڊيڄارڻ لڳا هئا. نبن گهر هجي تہ هٿ بہ اچي نہ. پوري رياستي مشنري استعمال ڪئي وئي پر نبن هٿ ڪونہ آيو. ڌرتيءَ جي قابض قوتون جون ننڊون حرام ٿي ويون هيون.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

نبن آخري ڀيرو گهران پوڙهي امڙ جا پير ته چهي نڪتو هو پر، هن ڀيري موڪلائڻ مهل منڻ جي مرڪ ۾ پيار جي احساسن واري هڙ ڪٽي ڪو نه نڪتو هو. نبن ڪي منڻ جي نه موڪلائڻ ۾ ان جي ٻئي هنڌ شادي ٿي وڃڻ واري درد ڏاڍي چوٽ رسائي هئي. منڻ ڪي نه ماڻڻ وارو گهاءُ وڏي عرصي تائين ڱرندو رهيو هئس. اندر رهڙجي پيو هئس. پر درد جي اذيت پئي ويو هو ته ڌرتي جو درد منڻ جي وڇوڙي تي غالب ٿي ويو هو. وطن جي غلاميءَ جي درد جي تڙپ رولاڪ بڻايو هئس پر منڻ جي وڇوڙي جو درد اندر ۾ لهي ويو هئس. منڻ سان نه ملڻ جو درد ڪڏهن ڪڏهن ننڊ کسي ويندو هئس. تڏهن بي اختيار لطيف جو ورد شروع ڪندو هو پر سڪ سڄڻ جي ماني ڪو نه ٿيندي هئي. منڻ جي ماٽن رولاڪ ڇئي منڻ جو سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هئس. نبن، منڻ ڪي چاهڻ باوجود منڻ جي ماٽن جا شرط نه مڃيا. مامي سڌي ڳالهه ڇئي هئس ته اگر مني سان شادي ڪرڻ چاهين ٿو ته اهي فضول ڪم ڇڏي روزگار جي ڪر. نبن منڻ ڪي ساهه جو درجو ڏيڻ باوجود ڌرتيءَ کي اوليت ڏني هئي. ڌرتيءَ جي آجپي کي ترجيح ڏيندي گهران نڪتو ته هو پر منڻ جو وڇوڙو هر لمحي سندس ساهه سان سلهاڙيل رهيو. منڻ جي سار کان هڪ لمحو به غافل نه رهيو ڪڏهن ڪڏهن ته يارن دوستن کان لڪي ٻارن جيان ٻي اختيار سڏڪڻ لڳندو هو. ٽن مهينن کانپوءِ نبن کي، رني ڪوٽ ۾ تحريڪ جي اهم گڏجاڻيءَ دوران امڙ جي چالاڻي جو اطلاع مليو هو. تڏهن نبن جي اکين ۾ ڄمي ويل منڻ جي وڇوڙي واري گليئشر مان ڦهريون ڀيرو ڳوڙهو اکين جون سرحدون ڇڏي ڳلن جي صحرا ۾ گم ٿي ويو هو. ان ويل نبن اهو فيصلو نه ڪري سگهيو هو ته ڳڙي نڪتل ڳوڙهو پوڙهي امڙ جي حصي جو آهي يا منڻ جي جدائيءَ جو. ٻنهي جي کسجڻ تي سڏڪي پيو هو جنهن تي آزادي جي امام وڏي چاهه منجهان ڪيس ياڪر ۾ ڀري ورتو هو. ان ويل تحريڪ جي سرواڻ ”آزاد“ جون ڪليل ٻانهون ڪاري ٻوڏ ۾ لڙهي ويل داروغي جو ياڪر محسوس ٿيو هئس. ان پل ”آزاد“ کي داروغو ڄاڻي چنبڙي پيو هو. ۽ پوءِ جڏهن هوش آيو هئس ته پاڻ کي ڪئمپ آفيس ۾ ڏٺو هئائين جتي آزاد خاڪي وردي وارن سان هر ننڍي ڳالهه تي وڏا ٺهڪ ڏئي ڳالهائي رهيو هو. هڪ لمحي لاءِ اهو محسوس ٿيو هئس جڻ ته آزاد جي خاڪي وردي وارن سان ڪاپراڻي نيازمندي هجي. ڪاري ٻوڏ ۾ لڙهي ويل داروغي جي حيثيت رکندڙ آزاد پنهنجي ڪجهه وڏيڪ قيمت مقرر ڪئي هئي. نبن کان بنان پڇڻ جي سودو ڪيو ويو. نبن کي اڄ به اُهو قيامت خيز لمحو ياد آهي جڏهن پروفيسر آزاد خاڪيورديءَ واري جي هٿان پنهنجي پٽ احسان لاءِ آفيسريءَ ۽ نبن لاءِ ڪلرڪي جي نوڪريءَ وارا آرڊر مرڪي وصول ڪندي ڏٺو هئائين.

***



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# رڻ ۾ رات ڏري

پاپوليشن کاتي ۾ ڪلرڪي ڪندي 17 سال گذري ويا آهن. ان سڄي عرصي ۾ شايد ئي ڪو اهڙو آفيسر آيو هجي جنهن مون کي ماڻهو واري رويي ۾درجي سان ٽريٽ ڪيو هجي، يا وري ڪنهن وڏي آفيسر جو ويجهو ۽ پر اعتماد ماڻهو ٿي سگهيو هجان. توڙي جو مون کي صاحبن جو ماڻهو سڏجڻ واري تمام گهڻي خواهش رهي آهي پر اها خواهش لک ڪوشش باوجود اجا سوڌو پوري ڪونه ٿي سگهي آهي. هيل تائين شايد ئي ڪنهن بالا آفيسر چڱي نموني ياد ڪيو هجي يا واري منهنجي مسئلي تي ڌيان ڏنو هجي، سترنهن سالن جي نوڪري واري عرصي ۾ اگر مون سان ڪنهن ڪا مهرباني ۽ ڀلائي ڪئي هوندي ته بس، اهائي آهي ته مان کاتي ۾ ڪچي ملازم جي حيثيت ۾ ڀرتي ٿيو هئس، ۽ مرحوم آغا صاحب مهرباني فرمائي مون کي پڪي ٿيڻ ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي، توڙي جو رڳو مون هڪ چِٺي جو ڪيس ڪونه هو. تقريبن 307 ملازم هئاسين، پر مان پنهنجي پڪي ٿيڻ وارو سڄو ڪيريڊٽ آغا صاحب کي ڏيندو رهيو آهيان. ڇاڪاڻ ته اگر اها مهرباني آغا صاحب نه ڪن ها ته شايد 307 بدران 306 ملازم پڪا ٿين ها بس رڳو هڪڙو مان ئي ريگيولر نه ٿي سگهان ها. ڇو ته ان ڪانپوءِ اسان جي کاتي ۾ ڪچا ملازم ڀرتي ڪونه ٿيا آهن. جڏهن ڏهاڙي تي ٻيو ملازم هجي ئي ڪونه ها ته پوءِ مون هڪڙي تي ڪير مهربان ٿي ڪري منهنجو ڪيس موو ڪري ها. پڪن ملازمن جي لسٽ ۾ نالو ڏسي پورو اسٽاف حيرت ۾ پئجي ويو هو ۽ اها حيرت مون کي اجا به ڪڏهن ڪڏهن ٿيندي آهي ته آغا صاحب اهڙي مهرباني ڪيئن ڪئي. ڇاڪاڻ ته منهنجي جاب ڪيريئر ۾ سڀ کان وڏيڪ ڏکيو دور آغا صاحب جي صاحبي وارو رهيو آهي. آغا صاحب جي مون تي نگاهه پوندي هئي ته اهڙو تاثر ڏيندو هو ڄڻ مون سندس ڪو وڏو گناهه ڪيو هجي. جنهن جي معافي هن جي وس ۾ اختيار ۾ نه هجي.

اهڙي ڪاوڙ مون پنهنجي ڳوٺ جي پاڙيسري ڪاڪي ڪوڙي جي اکين ۾ اڪن لاءِ ڏٺي هئي، اڪن اسان جو هم عمر ۽ سهڻو نوجوان هو جنهن جي حسن تي ڳوٺ جي هر نينگري نڇاور ٿيڻ لاءِ تيار هئي. اسان ننڍي لاءِ گڏ راند ڪندا هئاسين، اڪن ڪچي جواني ۾ ڪاڪي ڪوڙي جي ڌيءَ ملوڪي (ملوڪان) سان عشق ڪندوهو. سگ نه ملڻ جي ڪري هڪ رات اڪن ملوڪي کي گهران وٺي نڪري ويو هو. وڏي جاکوڙ ڪانپوءِ پوري ڳوٺ وارن گڏجي اڪن ۽ ملوڪي کي ڪچي ڳنڍي واري علائقي مان ٻنهي کي هٿ ڪري ڳوٺ وٺي آيا هئا. وڏي ميڙ منٿ ۽ هٿ جوڙ آزين نيازين ڪانپوءِ ڪاڪي ڪوڙي اڪن کي معافي ته ڏني هئي پر پنهنجي حياتي ۾ ڪاڪي ڪوڙي جي اکين ۾ اڪن لاءِ نفرت رهي. ۽ مون سان به اهڙي حالت رهي آهي. خاص ڪري آغا صاحب ته



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڏمرجي حد تائين ڪاوڙيل هو مان ڪاتي ۾ پٽيوالي طور پرتي ٿيو هئس ۽ ان نوڪري ملڻ جو مون کي واحد هڪ ئي سبب سمجهه ۾ ايندو هو سو آهي امڙ جون دعائون نه ته مون کي نوڪري ملڻ جو ڪوبه آسرو ڪونه پيو نظر اچي. مون به ته امڙ جي دل سان خدمت ڪئي آهي ماڻهو آهيان غلطي ڪوتاهي ٿي هوندي پر مون کي ياد نه ٿو اچي ته امڙ جي هدايتن ۽ سوچن جي دائري کان ٻاهر ٻيهي ڪو فيصلو ڪيو هجي، هر وقت امان جي خدمت ۾ رهندو هئس. ايتري تائين مٺي جي عشق ۽ ان سان شادي واري دلي خواهش به مروڙي ڇڏي هئي، امڙ جو هڪڙو جملي مون کي هن سان اٽواقف ڪرايو. ته اڄ ڪانپوءِ هن گهر ۾ توکي لڙڪندي نه ڏسان تنهنجي لاءِ ٻانهون (ڇوڪريون) ڪوڙ آهن ڳوٺ ۾ اها آخري ڇوڪري ڪو نه آهي. توکي هن ڇوري ۽ مون مان ڪنهن به هڪ جي چونڊ ڪرڻي پوندي ۽ مون امڙ کي ترجيع ڏني هئي. منهنجي پوسٽ ته پٽيوالي جي هئي، پر ميٽرڪ پاس هئس مٿان وري منهنجي ٽاپنگ اسپيڊ تمام سٺي هئي. اها خصوصيت منهنجي ترقي ۾ ڪم آئي، ٿيو ائين جو اسان وٽ عادل صاحب ڊائريڪٽر طور ڪجهه سال رهيو هو. عادل صاحب جو ننڍو ڀاءُ شهزاد اسان وٽ ڪلرڪ هو. شهزاد يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو. رڳو پگهار کڻڻ واري ٽائيم آفيس ايندو هو. شهزاد سهڻو سيبتو ۽ باادب نوجوان هو. هوندن ته صاحب ڪانسواءِ باقي سڀ ملازم منهنجا يار هئا. سڄو اسٽاف مون کي ڀائيندو هو سو شهزاد صاحب به منهنجو ڏاڍو سٺو دوست ٿي ويو. هم عمر هجڻ ڪري يونيورسٽي جي ڇوڪرين سان پنهنجي عشقن جا داستان مون کي ٻڌائيندو هو. شهزاد باقي اسٽاف کان اک بچائي مون کي ٻاهر وٺي وڃي چانهه ۽ بسڪوٽ به ڪارائيندو هو. شهزاد جي طفيلي مان امڙ جي بيماري جو بهانو ڪري هڪ ڀيرو يونيورسٽي به ويو هئس. جڏهن يونيورسٽي جا رنگ ۽ شاگرد لائيف جا لطف ۽ جواني جي اصل معنيٰ مفهوم ۽ ارڏايون منهنجي سامهون آيو ته شديد قسم جو محرومي وارو احساس ٿيو هو پنهنجي غربت ۽ بيوسي جو ان لمحي سموريون محروميون ڪر موڙي جاڳي پيون هيون ۽ اندر ۾ هڪڙي عجيب بي چيني جو لائو ٻري پيو هو. تڏهن پنهنجي پيءُ جي فوت ٿيڻ وارو درد بلڪ غربت جي احساس جو درد دل ۾ ڪنهن نوڪدار ڪاتي جيئن چيڀڻ لڳو هو. ٻا ٻري ڪندو هانو ۾ ڪپي ويو هيم. يونيورسٽي کان موٽڻ ڪانپوءِ منهنجي اندر ۾ هڪ انقلابي تبديلي برپا ٿي هئي ۽ پوءِ شهزاد جي صلاح سان انگريزي سڏارڻ ۾ لڳي ويس، گڏوگڏ استاد رحيم بخش جي مهرباني سان موڪل ڪانپوءِ روزانو ڪلاڪ کن ٽائپنگ جي پريڪٽس به ڪرڻ لڳس. رحيم بخش اسان جي آفيس ۾ هيڊڪلرڪ آهي، جنهن پنهنجي بااثر ماتحت شهزاد جي چوڻ تي مون کي پريڪٽس جي اجازت ان شرط تي ڏني هئي ته اگر ڪو مسئلو ٿيو يا ڪنهن به قسم جي هيٺ مٿاهين ٿي ته ان کي ڪي فيس شهزاد ڪندو ۽ ذميوار مان پاڻ هوندس جنهن تي راضي ٿيو پوءِ ته رات ڏينهن هڪ ڪري انگريزي به سڌاريم ته ٽائيپنگ اسپيڊ به ٺاهيم. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو به آيو جو آغا صاحب انگريزي جو ٽائپنگ وارو ڪم مون کي ڏيندو هو جڏهن



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ٻہ آغا صاحب مون ڪي ٽائپنگ جو ڪم ڏيندو هو.تڏهن منهنجي باقي اسٽاف تي اک ئي ڪونہ ٻڏندي هئي. هرڪو مون کان پاسو ڪري گذرندو هو. ٿوري عرصي ڪانپوءِ آغا صاحب مون ڪي ڪلرڪي ڪرڻ لاءِ چيو اهو ڏينهن ۽ اجوڪي ڏينهن ڪم ڪلرڪي جو ۽ پگهار پٽيوالي واري ڪٽندو آهيان. پٽيوالي هجڻ باوجود ڪلرڪي جو ڪم ڪندي مان ڏاڍو خوش ۽ مطمئن هوندو هئس, بلڪہ پنهنجي وڏي ڪاميابي سمجهندو هئس. تڏهن کان شهزاد جي بي انتها عزت ۽ استاد رحيم بخش ڪي پيار ۽ عزت مان استاد سڏڻ لڳو هئس. منهنجي اهڙي ڪاميابي تي اسٽاف مان ڪنهن ڪي بہ خوشي ڪون ٿي هئي. هڪ اڌ ڇٽي تہ روبرو چئي ڏنو هو تہ پاڻو اها تنهنجي صلاحيت نہ هئڻ تي لڳل مکڻ جو ڪمال آهي ۽ مان اهو مکڻ سترنهن سالن کان ڳوليندو پيو اچان, جيڪو مون ڪي اڃا سودو هٿ نہ آيو آهي. جنهن جي استعمال سان مان بہ ڪنهن بالا آفيسر جي گڏ ٻڪ ۾ اچي سگهان, منهنجي اهڙي ڪاميابي تي امان ۽ مني تمام گهڻيون خوش ٿيون هيون, امان ڪي تہ خوش ٿيڻ بہ گهرجي جو هن جي پٽيوالي پٽ ڪي ڪلرڪي جهڙي ۽ اهم ٽيبل ملي هئي, پٽ جي اهڙي ڪاميابي تي ماءُ کان وڌيڪ ٻيو ڪير خوش ٿيندو. اهم ٽيبل ملڻ ڪانپوءِ امان ڪي خط ۾ ڪراچي اچڻ لاءِ تيار ٿي ويهڻ جو چيو هئم, امڙ بہ ڪراچي جو ٻڌي سڀ تياريون ڪري ويٺي هئي. تياري وري ڪهڙي گهر ۾ الله جو نالو هو, رڳو بہ ڪپڙن جا جوڙا ۽ بہ تي ٽانو پوتي جي هڙ ۾ ٻڌي رکيا هئائين مان بہ رات ڏينهن هڪ ڪري امڙ ڪي ڪراچي وٺي اچڻ لاءِ محنت ۽ حڪمت عملي جوڙي پر امڙ جي حياتي ۾ اهو سڀ ممڪن نہ ٿيو ، ۽ پوءِ مان ڪڏهن پگهار نہ بچڻ تہ ڪڏهن وري موڪل نہ ملڻ ڪري ڳوٺ وڃي نہ سگهيس, تان جو امڙ هي دنيا تہ ڇڏي وئي, پر ڪراچي تائين وارو سفر هن جي پيرن ڪي نصيب نہ ٿيو. امڙ ڪي ڪراچي گهمڻ جو تمام گهڻو شوق هو, خاص ڪري سمنڊ ڏسڻ جو. امڙ ڪي مون سمنڊ تي نڪتل پنهنجا فوٽو ڏيکاريا هئا. صحرا جي رهاڪن ڪي پاڻي گهڻو پسند هوندو آهي. امڙ ٻي جهان جو سفر تہ ڪري وئي پر ان کان ڳوٺ ۽ ڪراچي وارو سفر جنهن جي ڪل قيمت اڍائي هزار هئي نہ ڪري سگهي. امڙ بہ ان ڪري سمنڊ ڪي پسند ڪندي هئي, پر شايد هن ڳوناٽي ڪائنات ڪي اها ڄاڻ ڪونہ هئي تہ سمنڊ جا ماڻهو ڪيترائي لوٽيانا آهن, جو دوستي جي نالي تي دنيا جا سڀ ڪرائيم ڪندا آهن, بلڪہ ذات کان ٻاهر ڪنهن جي بہ سوچ سفر ئي نہ ڪيو آهي. هو تہ بس هڪڙي مهربان ڪائنات هئي, پنهنجي گهر اندر مٽي جي ٺاهيل مسيت وانگر پاڪ پويتر هئي. ڪنهن ڪي ڪهڙي ڄاڻ تہ شهر جي دنيا ۾ رشتا بہ ڪاروبار جا ٿيندا آهن. دل تہ جام چوندي هئي تہ معصوم دل امڙ جي سمنڊ ڏسڻ واري خواهش پوري ڪريان پر مان وقت جو ڪٽل ماڻهو امڙ جي حياتي ۾ اهو معمولي ڪم ۽ ان جي معصوم خواهش پوري نہ ڪري سگهيس. شهر جي لوٽياڻ ۽ آفيس جي دائرن جي سياست کان اٽواقف هجڻ ڪري اڪثر ڪري بي عزتين جي طوفان ڪي منهن ڏيڻ ڪري بيزار ٿي فراريت جي راهہ وٺندي. ڇاڇي موساٽي واري هوٽل تي ٻيهر وڃي ڪم



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪرڻ وارو فيصلو ڪري وٺندو هئس, پر امڙ جي هدايت ٿڌي ڇانو جي نوڪري غنيمت آهي. سا وڏي احتياط ۾ محنت سان ڪندو رهه ۽ پوءِ مون امڙ جي هدايتن ۾ شهزاد جهڙي دوست جي صلاحن ڪي اکين تي رکندي نوڪري نه ڇڏڻ وارو فيصلو ڪري وٺندو هئس جنهن ڪانپوءِ اڄ تائين سيني ڏکيائين ڪي فيس ڪيو. تان جو خيرن سان امڙ مون سان ملڻ ۾ ڪراچي توڙي سمنڊ ڏسڻ واري خواهشن سان گڏ هن دنيا جو سفر پورو ڪري هلي وئي. امڙ جي چالاڻي ته هڪ گهڙي لاءِ خوشي به ٿي هئي ان لمحي سوچيو هئم چڱو ٿيو ان آزار مان آزاد ٿي ويس. پر ڪڏهن امڙ جي گوڏي تي ڪنڌ رکي روئڻ لاءِ دل چوندي اٿم.

وقت گذرڻ سان گڏ منهنجي وارن ڏانهن سفيدي سفر ڪرڻ شروع ڪيو آهي, سرين اذيتناڪ ڏهاڙا ڏسڻ ڪانپوءِ به مان خوش هئس. منهنجي ارڏائي ۾ ڳوڻاٽي انا وقت جي ڳري پٿر هيٺيان ايندي رهي ۽ مان حالتن سان ٺاهه ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سوچڻ لڳو آهيان.

ڪيترن ئي ڪئي نه ڪئي گناهه جون سزائون ڀوڳڻ ڪان ويندي آفيس جي دائرن ۾ ٿيندڙ سياست ڪي فيس ڪندي سوين ڀيرا اذيت ناڪ گهڙين مان گذرندي اکين مان لڙڪ لڙيا هوندا ۽ پاڻ ڪي شهر جي ڪاساين وٽ ڦاٽل رڍ جيئان ڏسڻ باوجود امڙ جي لفظن ته ٿڌي ڇانوءَ جي نوڪري منهنجي مجبوري ٿي پئي آهي. تنهن ڪري هاڻ استاد موساٽي جي هوٽل تي گٽر واري (ٽانو ڏوئڻ) ڪرڻ جو خيال ماري ڇڏيو اٿم ۽ بس ڪم ڪرڻ ۾ پاڻ ڪي مصروف رکڻ لاءِ ڪم ڪندو پيو اچان.

جڏهن ڪان ميڊيم ماه نور اسان وٽ ڊائريڪٽر طور جوائن ڪيو آهي تڏهن ڪان منهنجي لاءِ پنهنجي آفيس ۾ قدرن درجا بلند ٿيڻ لڳا آهن. جونيئر سينيئر سڀ عزت ڪن ٿا. ايتري تائين جو منهنجي دور جو اسٽاف جيڪو ڳالهه ڳالهه تي چڙي منهنجي بي عزتي ڪرڻ لاءِ پٽيوالي هجڻ جو احساس ۾ حيثيت ياد ڏياريندا هئا, اڄ ڪلهه اهي به گهور گهور پيا وجن ۾ اٿي بيهي ملن ٿا. اهو سڀ ڪجهه منهنجي سينيئر هجڻ ڪري انقلاب نه آيو آهي. پر اصل ۾ سيني ڪي خبر آهي ته ميڊم ماه نور منهنجي جگري يار شهزاد جي گهرواري آهي. ميڊم ماهه نور ماڊرن قسم جي عورت آهي. هن جو اٿڻ ويهڻ ۾ ڊريسنگ تي سڄو اسٽاف مون ڪان لڪي لڪي مختلف قسم جا ڪمينٽس به ڪندو آهي, مگر منهنجي سامهون سڀ ميڊم ماهه نور ڪي ادب سان ۾ احترام ڀري ٻولي سان ياد ڪندا آهن, باقي نه ته جيڪو جتان ايندو آهي گذري ويندو آهي. هڪ اڌ ڀيرو مون به ايندي ويندي ڳالهيون ٻڌي ورتيون هيون. پر مون ٻڌيون اڻ ٻڌيون ڪري بي خبري جو تاثر ڏنو هوندو. ائين ڪريان به ڇو نه. هاڻي ته وقت گهڻو ڪجهه مون ڪي سيکاريو آهي. دراصل سڀ ڄاڻن ٿا ته منهنجا ميڊم ماهه نور توڙي ان جي مڙس روينيو جي سيڪريٽري شهزاد صاحب سان تمام گهڻا ۽ گهاٽا واسطا آهن. تنهن ڪري هرڪو پيو مون ڪان ڪن هٽندو آهي. آفيس وارا ته منهنجي ۽ شهزاد جي دوستي آزمائي به چڪا آهن. جڏهن شهزاد سيڪريٽري صحت هو تڏهن اسان جي ڊپٽي ڊائريڪٽر راهب صاحب جي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

منسٽر جي ناراضگي باوجود منهنجي چوڻ تي شهزاد صاحب ٽرانسفر روڪرائي هئي. ان معاملي ڪانپوءِ اسٽاف تي منهنجي هاڪ ويٺل هئي. پر اها مون کي خبر هئي ته شهزاد صاحب مون کي ڪهڙي چنڊ ڪيدي هئي, سيني مون کي شهزاد صاحب جو جگري يار جون پوزيون ڏئي موڪليو هو. راحب صاحب جي بدلي رڪي به صحيح پر منهنجي ۽ شهزاد جي وچ واري تعلق ۾ حيثيت جي مون کي ڄاڻ پئجي وئي هئي, شهزاد صاف لفظن ۾ چيو هو ته ٻيهر اهڙي قسم جي جرئت نه ڪجان, شهزاد اهڙي حالت ڪئي هئي جيڪا پنهنجي ڪنهن به آفيسر اهڙو رويو اختيار ڪونه ڪيو هو. آفيشل ڪيريئر ۾ اهڙي جٺ ڪنهن به ڪونه ڪئي هئي. سڌو سڌو چيو هئائين هجت ڪرڻ کان پهرين پنهنجي پوزيشن چيڪ ڪندو ڪر. مون کي شهزاد جي رويي کان وڌيڪ دوستي جو ڌڪ ٽيو هو. پر خبر ناهي ڇو شهزاد اهڙي بي عزتي ڪرڻ باوجود راهب صاحب جي بدلي روڪرائي هئي ۽ مان سڀ سور دل ۾ سانڍي مُني به ماٺ ته مني به ماٺ چئي. اسٽاف طرفان مليل عزت تي خوش ٿي ويو هئس. هاڻ جڏهن ميڊم ماهه نور ڊائريڪٽر طور آئي آهي ته اسٽاف وارا هر ننڍي وڏي مسئلي ۾ مون کي اڳيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ۽ مان پنهنجي ڀرم ۽ دوستي واري پردي ۾ ملندڙ عزت کي سنڀاليندي اجا وڌيڪ پريشان ٿي ويو آهيان. ميڊم ماهه نور گهڻو ڪري ڪنهن تي گهٽ چڙندي آهي, پر جنهن تي ناراض ٿي ته ان جا ڇڪا ڇڏائي ڇڏي ٿي. پورو اسٽاف ميڊم جي اهڙي رويي کان بچڻ لاءِ مون کي اڳيان ڪرڻ لاءِ آتو هوندو آهي ۽ مان وري پنهنجي دوستي ۽ حيثيت کان واقف آهيان. ان ڪري اڄ ڪلهه اجان وڌيڪ محتياط ٿي ويو آهيان. عام روٽين ۾ ميڊم منهنجي ڪم کان مطمئن هجڻ ڪري گهڻو ڪري پنهنجا سڀ ڪم مون کان ڪرائيندي رهي ٿي. جنهن ڪري مون سان ڪجهه بهتر هلندي آهي. بلڪ ننڍا وڏا ڪم به منهنجي چوڻ تي ڪري وٺندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ننڍي وڏي معاملي مون کان صلاح به وٺندي آهي. جنهن جو تاثر پوري اسٽاف تي اهو آهي ته ميڊم ماهه نور منهنجي ۽ شهزاد جي دوستي جي ڪري منهنجو خيال رکي ٿي. مان اسٽاف طرفان مليل عزت ۽ ميڊم جي اعتماد کي گڏ ڪٺي هلڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هئس ته هڪ ڏينهن استاد رحيم بخش اچي چيو ته 20 پگهارون ۽ 3 مهينن جي موڪل وٺي ڏي, استاد رحيم بخش جي ڳالهه ٻڌي منهنجي ذهن تي راهب صاحب وارو واقعو تري آيو. ائين لڳو ڄڻ منهنجي ذهن کان نڪاءُ نڪري ويا هجن. واٽڙو ٿي ويس ته استاد رحيم بخش کي ڪهڙي طريقي سان سمجهايان ۽ ٽاريان ڇاڪاڻ ته سڌو انڪار تمام ڏکيو پي لڳو جو ڪنهن زماني ۾ هن به منهنجي مدد ڪئي هئي. بلڪ اڄ جيڪو ڪجهه آهيان ان ۾ ڪافي هٿ رحيم بخش جو به آهي, اگر آغا صاحب سان منهنجي انگريزي ۾ ٽائپنگ اسپيڊ جي ڳالهه نه ڪري ها ته شايد اڄ مان ڪپ ڏوئيندو ۽ آفيس وارن جي خدمت ڪندي نظر اچان ها. ڪم پلي شهزاد جي چوڻ سان ٿيو هجي, پر استاد رحيم بخش جو احسان وڃائڻ جهڙو ڪونه هو.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

الائي ڇو مون کي ائين لڳي رهيو هو تہ ڪجهہ ٺيڪ وارو آهي. اهو خيال ايندي ئي اصل ماٿ ۾ پئجي ويس. ائين پئي لڳو ڄڻ وڏو ڪو طوفان اچڻ وارو هجي. نہ چاهيندي بہ استاد جي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويس تہ دل ٻڏي استاد رحيم بخش خاطر هر سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿي ويس. هر ننڍي وڏي سني ۽ خراب نتيجي لاءِ پاڻ کي تيار ڪري ورتم. ميڊم ماهہ نور جي آفيس ۾ ڏٺم تہ ڪنهن سان فون تي ڳالهائي رهي هئي. ڪال ختم ڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. ميڊم جيئن ئي فون تي ڳالهائي بس ڪيو تہ دل ٻڏي ڪري استاد رحيم جو فائيل ڪڍي اندر داخل ٿيس. ميڊم جي چهري تي ڪاوڙ ۽ اوپرائپ جا تاثر نظر آيا. پر ٿوري دير ڪانپوءِ هن نہ چاهيندي بہ پاڻ سنڀاليندي ڇيو ها فضلو ڏي خبر ڪم آهي. فائيل ڏيکاريندي چيم جي سائڻ هي استاد رحيم بخش جي قرض ۽ موڪل جو فائيل آهي. رحيم بخش کي ڇا ٿيو آهي. ميڊم ماهہ نور جيڪا گهڻي پاڳي مون سان هجت ۾ ڳالهائيندي هئي. تنهنجي لهجي ۾ هلڪي چڙ ڏسي، بوکڙاهتجي ويو هئس، ميڊيم جي سوال تي وضاحت ڪندي چيم ميڊم استاد عمري تي وڃڻ پيو چاهي. ميڊم جي لهجي ۾ ڪوڙاڻ اچي وئي هئي. سخت لهجي ۾ چيائين جاهل مون اهو ڪونہ پڇيو آهي. رحيم بخش هن وقت ڪٿي آهي؟ ميڊم جي ان لهجي تي منهنجا تہ ڇڪا ئي ڇڏائجي ويا هئا. واتڙاٽپ مان چيم هوءَ ميڊم هوءَ آفيس ۾ ڪم ڪري رهيو آهي ميڊيم وڏيڪ تلخ ٿي چيو. هوءَ پاڻ ڇو نہ آيو آهي. پاڻ کي وڏو نواب ٿو سمجهي. تڏهن نہ آيو ۽ توکي موڪليو اٿس ائين نہ پريشاني مان ڪنڌ هيٺ ڪري چيم جي ميڊم، هوءَ پاڻ کي وڏو آفيسر ٿو سمجهي ۽ سڀ ان جا ماتحت آهيون. ائين نہ. انڪار ۾ ڪنڌ لوڏي چيم نہ ميڊم ائين نہ آهي هوءَ ڪم ڪري رهيو آهي. ميڊم ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿيندي ڇيو پر تنهنجي عمل مان تہ ائين ٿو لڳي. ميڊم هوءَ ڪم..... ڪاوڙ مان ميڊم ماهہ نور اٿي بيهي رهي پوءِ تون هن جي درخواست کڻي حيثيت ۾ ڪٺي آيو آهين. مون چور نظر سان ٻاهر ڏٺو تہ آفيس جي ڪافي ماڻهن جو ڌيان اسان طرف هو. پر مون کي ائين لڳو تہ پورو اسٽاف ميڊم جي آفيس ۾ موجود آهي. ۽ منهنجي بي عزتي جو منظر ڏسي رهيو آهي. مان توسان پئي ڳالهايان. مان لاجواب ٻڃي هيٺ نظرون ڪري بيهي رهيس ۽ پوءِ ميڊم ماهہ نور جيڪا تاريخ ڇڏائي ساهيل تائين ڪنهن آفيسر بہ نہ ڪئي هئي. اصل ٽڪو مهل ڪري آفيس مان ڪيڍي ڇڏيائين. آفيس مان نڪرڻ وقت مٿو ڇڪرائجڻ لڳو. ارڙهن پيرا ڇڪرائجي ڪرندي ڪرندي پاڻ سنڀاليم. ٽي پيرا فائيل هٿ مان ڪريو جنهن تي ميڊم اجا ناراض ٿي ۽ هارش انداز ۾ وڏي آواز ۾ ڳالهائڻ لڳي. مان آفيس مان نڪري پنهنجي آفيس ۾ آيس جتي ڏٺم تہ سواءِ استاد رحيم بخش جي باقي سڄو اسٽاف چپن ۾ مسڪرائي منهنجي بي عزتي تي خوشي جو اظهار ڪري رهيو هو . مان زندگي ۾ پهرين پيري ناقابل قبول حد تائين ڏڪارو ٿيو هئس. مون کي خبر ناهي ڪهڙو مان هو ميڊم ماهہ نور تي ايترو ڏک مون کي پنهنجي جگري يار شهزاد جي ڪاوڙجڻ ۽ بي عزتي ڪرڻ تي بہ ڪونہ ٿيو هو. بي شمار پيرا آفيسرن منهنجا ڪلاس



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ورتا آهن. ليٽر لي گارگند به ملي هوندي، پر ڪڏهن به ايترو ڏک ڪونه ٿيو جيترو ميڊم ماهه نور جي بي عزتي ڪرڻ تي ٿيو هو. سدائين ٿيندو هو ته اگر ڪو آفيسر پنهنجي صاحبي جهاڙي منهنجي بي عزتي ڪندو ته مان ان سڄي ڪيفيت کان نڪرڻ لاءِ رڳو به ٻيڙيون (سگريٽ) پي ڪري تياري ٿي ويندو هئس ۽ پوءِ اهو مان ۽ ساڳيو روٽين پر اڄ ائين نه هو. اڄ منهنجي ڪيفيت به سگريٽن سان تبديل ڪونه ٿي هئي، ايڏو ڏک ٿيو هو جو هوش به ڪو نه هئس وڏي عرصي کانپوءِ نوڪري ڇڏڻ تي دل اسرار ڪيو هو ڏاڍو اداس ۽ بيچين ٿي ويو هئس. زندگي ۾ پهريون ڀيرو هو جو دٻ ملڻ کانپوءِ آفيس ڇڏي سمنڊ تي آيو هوندس. سمنڊ تي هونئن ته اڪثر ڪري ايندو رهندو آهيان، سمنڊ ئي آهي جنهن سان اڪيلائي شيئر ڪندو آهيان. پنهنجو من ونڊيندو آهيان.ا مڙ جون يادگيريون ۽ مٺي جي وڇڙڻ جي اذيت ،ڪراچي جي دوستن جا رنگ ۽ ٻيو گهڻو جيڪو ٻي ڪنهن سان شيئر نه ڪري سگهندو آهيان. اهو سڀ ڪجهه سمنڊ سان سليندو آهيان ۽ سمنڊ جون لهرون وڏي آواز سان همدردي ڪندي ساٿ نڀائڻ جو وچن ڪنديون آهن. پر اڄوڪو ماحول ڪجهه ٻيو هو. اڄوڪي منهنجي ڪيفيت پرشور ۽ زندگي سان ڀريل سمنڊ کي به ڏڪارو ڪري ڇڏيو هو. سمنڊ به مون وانگر خاموشي جي ور چڙهي ويو هو. مان ڪنهن وقت سمنڊ.تي پهتو هئس ۽ منهنجي آس پاس ۾ ڇا ٿيو هو. مون کي ڪا به خبر ڪونه پئي هئي. بلڪل بي نياز ٿي ويو هئس. اڄ امڙ جي تمام گهڻي ياد آئي هئي. دل چيو هو ته ڳوٺ وڃي امڙ جي مزار جو مجاور بڻجان گهٽ ۾ گهٽ هن اذيت مان ته آجو ٿيندس. اڄوڪي ڏينهن ۾ هڪ نه هزار ڀيرا امڙ ياد آئي هئي ۽ دل جي هڪڙي ڪنڊ ۾ مٺي جو تصور ايندي ئي امڙ جي غير موجودگي جو ڪنڊو بار بار هانو ۾ چڀي رهيو هو. مٺي جي نالي تي ڪيترائي ڀيرا دل پنهنجي محور جا ڏک گسايا هئا، پوءِ به مان سڄي دنيا کان بي خبر هئس. اوچتو منهنجي فون تي رنگ وڳي هئي. جنهن ڪري هڪ لمحي لاءِ مان سمنڊ جي گهرائي جيڏي خاموش ۽ خيالن جي دنيا مان ٻاهر آيو هئس. فون تي اوپرو نمبر ڏسڻ هيڪر دل چيو ته اٽينڊ نه ڪريان پر پوءِ دل ۾ خيال آيو چلو اگر ڪو رانگ نمبر هوندو ته روئي دل جي ڀڙاس ڪيندس. مون فون اٽينڊ ڪئي ته پريان کان پنهنجائپ ڀري لهجي ۾ آواز آيو ڪٿي آهيو؟ آواز ٻڌل ٻڌل هو. ايتري پنهنجائپ تي حيرانگي ٿي سوچڻ لڳس ته ڪير ٿي ٿي سگهي جيڪو ايترو مهربان هجي، اهو به مون جهڙي ماٺهو تي جنهن جي قسمت به دشمن رهي آهي. ايتري ۾ ٻيهر آواز آيو. فضلو خاموش ڇو آهين؟ مان پي ڳالهايان ماهه نور، ميڊم ماهه نور جو نالو ٻڌي هڪ لمحي لاءِ دنگ رهجي ويو هئس. ڇا پيو سوچين مان پنهنجي صبح واري لهجي تي پشيمان آهيان، سوري ڪرڻ لاءِ توکي ڪال ڪئي اٿم. خبر نه آهي ڇو بي ساخته دل پڪي محسوس ڪيم ۽ بنا سوچڻ جي وراڻيم نه ميڊم ان جي ضرورت نه آهي. توهان لاءِ ڪوڙ سارو احترام آهي. ها ـ پر تون آهين ڪٿي؟ ميڊم ماهه نور منهنجي ڳالهه اڻ ٻڌي ڪندي چيو. سي ويو تي ميڊم منهنجي جواب تي ميڊم چيو اڇا تڏهن ايترو شور آهي. خير تون هيئن ڪر وليج



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هوٽل واري سائيڊ تي اچ. مان توکي پڪ ڪري ٿي وٺان. مون رڳو جواب ۾ ”جي“ ميڊم چيو ته ميڊم چيو اچا ڀڄو دير نه ڪجان مان ويجهو ئي آهيان. ميڊم ماهه نور اهو چئي فون بند ڪري ڇڏيو ۽ مان ڪي لمحا ميڊم جي ان لهجي تي حيران رهجي ويس ٿوري دير بعد وليج هوٽل واري پاسي هلڻ شروع ڪيم. مان جيئن ئي وليج هوٽل جي پرسان پهتس ته ميڊم کي انتظار واري ڪيفيت ۾ ڏٺم. مان ميڊم ماهه نور طرف ويس ته هن بنا ڪنهن سلام دعا ڪرڻ جي گاڏي جو در کوليو ۽ مان ويهي رهيس ۽ پوءِ گاڏي سمنڊ وارو رستو ڇڏي ڊفينس جي شاندار بنگلن جي سيريز ۾ داخل ٿي وئي چند لمحن بعد هڪ شاندار گهر جو مين گيٽ گاڏي جي هارون تي بنا دير کلي ويو.

هڪ لمحي لاءِ ائين لڳو ڄڻ واچ مين گاڏي جي هارون سان ڪنيڪٽ هجي. گاڏي ڪار پورچ ۾ اچي بيٺي ته ميڊم لهڻ جو اشارو ڪندي چيو پليز. پهرين پيري ميڊم جي لهجي ۾ حد کان وڌيڪ احترام نظر آيو. ان کان پهرين پنجن ڇهن منٽن جي ڊرائيو واري رستي تي ميڊم مسلسل خاموش هئي، البته رکي رکي چور نظر سان مون ڏانهن هڪ اڌ ڀيرو ڏٺو هئائين. جيڪو انداز مون کي ڪنهن به پاسي ڏانهن اشارو نه پئي ڏنو. اسان ٻئي ڊرائينگ روم ۾ آياسين ته هٿ جي اشاري سان ويهڻ جو اشارو ڪندي پاڻ به ويهندي چيائين شهزاد اڄ ڪلهه پنهنجي لاڏلي زال سان گڏ فيز فور ۾ رهي ٿو. هتي مان ۽ منهنجي ننڍڙي زويه رهون پيا. اهو سڀ ڪجهه ٻڌي مون کان بي ساخته رڙ نڪري وئي. پر هو ته توهان سان بي پناهه محبت ڪندو هو. درد جي ڳنڍ جو روپ اختيار ڪندي ميڊم ماهه نور چيو ها اسان ٻئي هڪٻئي لاءِ دنيا جون سڀ آسائشون ڇڏڻ جون دعوائون به ڪندا هئاسين. توکان ڇا ڳجهو آهي. ميڊم ٽڏو ساهه کڻي چيو شهزاد اهو ساڳيو نه رهيو آهي. مڪمل طور تبديل ٿي ويو آهي. هو ته پنهنجي هڪ به ڳالهه تي قائم ۽ ثابت قدم نه رهيو آهي. پنهنجي سيني دوستن توڙي عزيزن کان به ڪٽجي ويو آهي.

مان هڪ لمحي لاءِ وساري ويٺو هئس ته ڪٿي ۽ ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هئس. بلڪ ان لمحي مان چوڏهن پندرنهن سال اڳ واري انداز ۾ هجت سان ميڊم سان مخاطب ٿيندي چيو هئم، ها تون ٺيڪ ٿي چوين، شهزاد جي اڪين مان سچاٽپ ختم ٿي وئي آهي. هاڻ هو اڳ وارو نه رهيو آهي. منهنجي ان ڳالهه تي ميڊم هڪ لمحي لاءِ بي اختيار ٻڄي ڏسڻ لڳي ٿي. شايد شادي کان اڳ وارو دور ياد اچي ويو هجيس، ڇاڪاڻ ته جڏهن ميڊم ماهه نور ۽ شهزاد جي شادي نه ٿي هئي تڏهن اسان ٽئي هڪٻئي سامهون بي حجاب ۽ انتهائي حد جا هجتي هئاسين. توڙي جو شهزاد ۽ ماهه نور هڪٻئي کي بي پناهه چاهيندا هئا. پر مون اڳيان کليل ڪتاب هئا ۽ پوءِ آهسته آهسته وقت ايڏيون ته ديواريون کڙيون ڪري ڇڏيون هيون جنهن کي اورانگهڻ جي ست گهٽ ۾ گهٽ مون جهڙي ماڻهو جي وس ۾ ڪونه هئي. ميڊم چند لمحه ائين ڏسڻ ڪانپوءِ بي اختيار ٻڄي پنهنجي جاءِ ڇڏي اچي منهنجي انتهائي ويجهو ويهندي سڏ ڪندي چوي ٿي هوءَ مون کي مارڻ واري حد تائين لهي آيو آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

اڱين ڪيئن ٿو ڪري سگهي. اسان اڄان ايڏا ڪمزور ڪو نہ ٿيا آهيون تون ڪنهن قسم جو فڪر نہ ڪر مان توسان گڏ آهيان. تون پاڻ کي اڪيلو نہ سمجهندو ڪر. مان توسان گڏ آهيان، تون ڪوبہ فڪر نہ ڪر. مون پنهنجائپ منجهان هن جو هٿ ڇا جهليو هوءَ ڄڻ تہ وڻ ويڙهي وانگر مون ۾ ويڙهجي وئي هئي ۽ پوءِ وقت جي بي لغام گهوڙي تي سوار ٿيندي هن پنهنجو سڀ ڪجهہ مون کي ارپي ڇڏيو ان لهجي ۽ اهو سڀ ڪجهہ مون کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ تہ هوءَ صدين کان اڃاري ۽ پياسي هجي. هن جي وجود تي هڪڙي زماني جا ٿڪ هجن، جيڪي منهنجي وجود ۾ اوتڻ چاهيندي هجي.

***



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# هڪڙو ماڻهو لڪ ٿئي ٿو....!

سڄو تر هراسجي ويو هو. وسامجي ۽ سراپجي ويو هو. زندگي مفلوج ٿي رهي هئي. ڪنهن کي به زندگيءَ ڏانهن ويندڙ ڏگ نه ٿئي مليو. ماڻهو ئي نه پر جانور به حياتي بچائڻ لاءِ سرگردان هئا. چئوڦير آويساهيءَ واري ڪيفيت هئي. نيڻ نهار تائين پاڻي ئي پاڻي هو جيڪو مست هاٿيءَ وانگر وسنديون ۽ زندگيون ميساريندو پئي ويو. چئو ڏسا ۾ پاڄ هئي. ڄڻ فطرت زندگي ۽ موت ۾ گوءِ رکي هجي. هزارين زندگيون موت جي ور چڙهي چڪيون هيون.

ڀوڏ هاڻي خانڻ وارن جي ڳوٺ ڏانهن وڌي رهي هئي. پاڻي فتن جي حساب سان مٿي چڙهي رهيو هو. ڄڻ ته سڪيءَ تي سمنڊ جڙي پيو هجي. بزرگ ٻڌائن پيا ته اهڙي ڀوڏ انهن منجهان ڪنهن ڪون ڏٺي هئي...

ايڏي خوف ۽ دهشت ڀري ماحول ۾ به، خانڻ جي ذهن ۾ هڪ ئي سوال ڪر ڪنيو بيٺو هو ته ڪيئن پنهنجي ڳوٺ کي پٽ پوڻ ۽ ڀوڏ ۾ ٻڏڻ کان بچائي.

پاڻي ڳوٺ کان اڃان ته چاليهه ڪن ڪوهه پرتي هو خانڻ ان جو فائدو وٺندي ڳوٺ جي ماڻهن کي بچاءِ بند کي محفوظ ڪرڻ لاءِ اتساهي رهيو هو. ڳوٺ جي هڪ هڪ ماڻهوءَ سان مليو موٽ ۾ ڳوناڻن جو ورتاءُ توڙي جو چڱو ڪو نه هو. پر پوءِ به خانڻ ان جو ڪو به اثر ڪو نه ورتو.

ماڻهن کي موت کان سواءِ ڪجهه به نه نظر نه ٿئي آيو. ڄڻ ته زندگيءَ کي موت جي راڪاس حوالي ڪيو ويو هجي.

پاڻي جو چاڙهه رخ ۽ چوهه پسي ڳوٺ جي مجيرين چيو ته، ”پاڻي آ جهاڳ ۽ آجهل آهي، ڳوٺ کي ڏنل بچاءَ بند ته، پهرين سٽ ۾ ئي هليو ويندو. تنهنڪري ڀلو ان ۾ آهي ته ڳوٺ خالي ڪري ڪنهن محفوظ جاءِ ته هلون ۽ جيئن ئي پاڻي لهي ته موٽي ماڳن تي اچبو.“

مجيري جي فيصلي کي پوري ڳوٺ اکين تي رکيو. اوطاق ۾ ويٺلن مان ڪنهن به ڳوناڻي مجيريءَ جي فيصلي کي پٺ نه ڏني. پر خانڻ مجيريءَ جي ان فيصلي تي نابري واريندي سڌو سنئون انڪار ڪري ڇڏيو. خانڻ جي انڪار مجيريءَ کي ته نه وڏيو پر ڪمدار ڪارائن کي به نه آئڙيو. سڄو ڳوٺ خانڻ جي ان هوڏ تي واٽڙو ٿي ويو. مجيريءَ خانڻ کي رد ڪندي ڳوناڻن کي صلاح ڏني ته، ”هو ضروري سامان ٻڌي تياري ٿي سوير ئي نيڪر جو ڪن ان ۾ ئي سندن ڀلو آهي.“ ڇو ته هنن لاءِ ڳوٺ نه پر ڳوناڻا اهم آهن.

حياتي سڀ کي پياري هوندي آهي ڳوٺ جي اڪثر ماڻهن کي مجيري محمد صديق جي صلاح سٺي لڳي رهي هئي، مجيري محمد صديق ڳوناڻن کي محفوظ هنڌ ڏانهن پهچائڻ لاءِ پنهنجي ٽيڪٽر ٽرالي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

مفت ڏيڻ جو اعلان ڪيو هو. جڏهن ته مجيريءَ جي موپي پٽ آچر خان پاڻ پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهن کي ٻاهر محفوظ هنڌ پهچائڻ جو اعلان ڪيو هو.

ڳوٺ ۾ مجيري محمد صديق جي اصل واهه واهه ٿي وئي. هر ڪنهن جي وات تي هڪ ئي وائي هئي ته مجيري محمد صديق هن ڏکي گهڙي ۾ ڳوناٽن کي نه ڇڏيو.

خانڻ وري به ڳوٺ جي ماڻهن سان مليو ۽ هٿ جوڙي منٿ ميڙ ڪئي ته، ”مجيري جي ڳوٺ سان سچا آهن ته ٺيڪتر سان ڳوٺ جي بچاءَ بند کي محفوظ ڇو نه ٿا ڪن.“

۽ مجيرين خانڻ جي ان خيال تي ٺهه پهه ان ڪار ڪندي چيو ته، وات ڳاڙهو رولو ڇورو ٿو ڳوٺ جا فيصلا ڪري.

خانڻ پوءِ به ڳوناٽن کي منٿون ڪيون ته، ڳوٺ ڇڏڻ کان بهتر آهي ته بچاءَ بند محفوظ ڪيون پنهنجو ڳوٺ قدرتي طرح اڳ ئي مٿي آهي ان پلائيءَ ڇو نه مان فائدو وٺون. اسان کي ته بلڪل ٿوري محنت ڪرڻي پوندي.

هٺندي مارينديءَ نيت خانڻ جي اها ڳالهه ڳوناٽن کي دل سان لڳي.

خانڻ جي اسان مڙسي ڪيون ته اسان پنهنجي ٻچڙن ۽ عورتن کي در بدريءَ کان بچائي سگهون ٿا. ۽ توهان ئي ٻڌايو پلا نياڻين ۽ معصوم ٻچڙن کي ڪٿي گهليندا وتنداسين.

پر مجيري صديق جي وري به ساڳي ڳالهه، ”پاڻي آجهاڳ آهي ان سان مهاڏو اٽڪائڻ سوکو ناهي.“ تنهن ڪري اسان جي بهتري ان ۾ آهي ته پيچي جان ڇڏائجي.

ڳالهه مجيري صديق جي به غلط نه هئي پاڻي واقعي به اهڙو هو.

ڳوناٽن جي هر ڪر تي مجيري صديق ڪاوڙ مان ڳوناٽن کي چيو ته، ”ان خانوءَ جي چوڻ ۾ اچي پنهنجو ٻڻ ٻٽياد گم ڪرائيندائو. پاڻي اجان پري ۽ گهٽ آهي. نيڪر جي مهل اجان نه وئي آهي پاڻي جهڙي انداز سان وڌندو ٿو اچي سو ڪنهن کي به نه ڪو نه بخشيندو.

پوڙهن پڪن جا ساهه مٺ ۾ هئا. هڪ پاسي مجيري صديق جي ڳالهه به صفا سون سان تورڻ جهڙي بي طرف وري خراب ڳالهه خانڻ جي به نه هئي. هن به مڙسي جي ڳالهه پئي ڳٽائي.

پنهنجو تر ڇڏي ڪانپوءِ خبر ناهي ڪهڙي حالت مان گذرڻو پوي، ماڻهو پيٽ جي پاڻي چڪي لاءِ مجبور، نياڻيون سياڻيون الڳ بي بردي ٿين. ڪو عزت پريو اجهو ملي الاءِ نه !

انهن ڳالهين هٽي ڳوناٽن کي منجهائي وڌو هو. اڻڳٽيا سوال ڳوناٽن جي ذهن ۾ ڪوڪن وانگر ڪپي ويا هئا. ڪو به ڪنهن هڪ فيصلي تي ڪو نه پئي بيهي سگهيو.

پاڻي ڏسي ڪو به ان کي منهن ڏيڻ واري همت ڪو نه پي ساري سگهيو پاڻي کي منهن ڏيڻ واري خانڻ جي ڳالهه ان ڪري به ڪمزور لڳي رهي هين جو پاڻي جيئن پوءِ تيئن چڙهندو پئي آيو. تنهن مان ڳوناٽن کي لڳو پئي ته، ان کي منهن ڏيڻ ڪنهن جي به وس جي ڳالهه ناهي. پاڻي هڪ ئي ڏک سان


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ٻوٽ ڪي اصل ڪک پن ڪري ڇڏيندو. ٻئي پاسي وري پنهنجي ڪکن کي ڇڏڻ به ڏکيو هو. اباڻن ڪکن ۾ عزت ڀريو ساهه کڻڻ وارو اتساهه به اهم هو.

ڏسندي ئي ڏسندي پاڻي ٻوٽ کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو هو. جيئن جيئن پاڻي ٻوٽ کي سڙهو ڪندو پئي ويو تيئن تيئن جڻ ٻوناڻن جو ساهه سوڙهو ٿيندو ويو. اصل ماڻهن جو ساهه سڪي ويو هو.

ڪجهه ماڻهن ڌپ مان مجيرين وٽ وڃي هٿ جوڙي مدد وٺي ٻوٽ مان نڪر ڪيو.

ٻوناڻن کي ٻاهر پهچائڻ لاءِ مجيرين جون ترايون تيار بيٺل هيون ٻوناڻن ۾ خوف وڌي ويو هو. اهي آهستي آهستي ٻوٽ ڇڏڻ لڳا هئا مگر خانڻ جي ذهن تي هڪ ئي سوال سوار هو هن نه صرف ٻوٽ پر ماءُ جي بني بچائڻ پي چاهي. خانڻ جو هوڻئن ته هن ٻوٽ ۾ پنهنجو ڪير به ڪو نه آهي بلڪ امڙ حاجران جي چالاڻي ڪان پوءِ ته هن پري ڪائنات ۾ اڪيلو رهيو آهي. جڏهن ڪان حاجران لاڏاڻو ڪري وئي آهي تڏهن ڪان خانڻ گهر ۾ رات جا چار پهر سمهڻ لاءِ ايندو آهي. پر سمهي به ڪو نه سگهندو آهي جو گهر ۾ ايندي ئي امڙ جي يادگيرين ۾ گهيرجي ويندو آهي. تڏهن بي اختيار ٻڌجي پنهنجي امڙ جون سنيالي رڪيل عام استعمال وارين شين کي چمي ماءُ کي پري جهان ۾ اڪيلو ڪري وڃڻ واريون شڪايتون ڪندي سڄ اڀاري ڇڏيندو آهي. گهر جي اڱڻ تي بيٺل پوڙهي نم جي ڇانو خان کي امان حاجران جي جهولي جيترو سڪون ڏيندي هڪ ٻانهين ڀڳل ڪٽ ڪوني جي وچين مناري سان ٽاهيل ڪچي مٽي جي مسيت ۽ ٻيون اهڙيون بي شمار شيون آهن.جن سان خان جي ماءُ جون يادگيريون جڙيل آهن جن کي سهيڙي ٻوڏ ڪان بچائڻ به ڏکيو ته ٻوڏ ۾ ميسارجڻ جي صورت ۾ ڪيس ائين لڳي رهيو هو. جڻ سندس ماءُ هڪ ڀيرو ٻيهر وڇڙي رهي هجي. خان اهو درد ٻيهر برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هن لاءِ سڀ ڪان اهم پنهنجي امڙ جون يادگيريون بچائڻ آهن. هو هڪ ڀيرو وري جذباتي ٿي ٻوناڻن وٽ آيو ۽ انهن کي ويڙ ڏيڻ لڳو ته، "اڙي! اسان اڳ ته ڪڏهن پنهنجيون نياڻيون ٻاهر ڪو نه ڪڍيون هيون ڏکي سکي ۾ گهر عزت سان وينا آهيون ۽ هاڻي ساهه جي ڌپ ڪان هٿيار ڦٽا ڪيا آهن اها ڪهڙي غيرت آهي، جو ساهه جي ڌپ ڪان ننگ رلائڻ نڪتا آهيون.؟"

هڪ طرف حياتيءَ جي تانگو ته ٻئي پاسي خانڻ جا ويڻ ٻوٽ وارن لاءِ وڏو ذهني منجهارو ڪڙ ٿي ويو. ٻوناڻن جو ساهه به ٽنگو ڦاسي پيو.

هڪ پاسي خانڻ جون ٻوٽ نه ڇڏڻ جون منٿون ۽ صلاحون ته ٻي پاسي مجيري صديق ماڻهو ڍوئڻ شروع ڪيا. تڏهن خانڻ جو هانو ڇڄي پيو. جڏهن ڪاڪي ڪوڙي پنهنجي خاندان کي نڪرڻ لاءِ چيو. خانڻ توڙي جو هارائڻ لڳو هو. پر پوءِ به همت نه هاريائين هڪ دفعو وري ڀڪن پوڙهن وٽ ڀڳو ته "او چاچا! ماما! ڀائو!!! سر بچائڻ به سنت آهي پر جوان جوءَ نه ڇڏيندا آهن. هونءَ ته سڄي سنڌ پنهنجي آهي جتي چاهون هلي رهي سگهون ٿا. پر اها ڪائرتا آهي، جو اسان پنهنجو ٻوٽ بچائڻ بدران ٻين جي درن تي وڃي ڌڪا کائون. مجيري محمد صديق جي جهڙا ماڻهو سرڪار جي ونگار



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

وهندي اسان کي دربدر پيا ڪن.“
خانڻ جو اهو چوڻ مجيري جي اکين ٽيڏي ڪري پنهنجي چاڙتن ڏانهن نهارڻ ۽ خانڻ تي موچڙن جو ٺهڪو شروع اصل ڪوتي مڙس کي ناڙ ڪري وڏائون.
خانڻ کي مار ملندي ڏسي ماسي جنت جيڪا پڻ پنهنجي پٽ سوڍي ۽ ڏيئرن ملوڪان ۽ مني سان گڏ ترااليءَ ۾ ويٺي هئي. هڪل ڪري ترالي مان لهي پئي، ”چوڪر کي متان اڪيلو سمجهو اٿو.“
ماسي جنت جي اهڙي هڪل ڪانپوءِ ماڻ جو مريد پٽ سوڍو بہ ڪهاڙي اپي ڪري ترااليءَ مان ٽپ ڏئي لٿو تہ ملوڪان ۽ منان بہ پاءُ سان گڏ تراليءَ تان لهي پيون. سوڍي جي ڪهاڙي جو وراڪو ۽ ماسي جنت جي هڪل مان مجيري محمد صديق صورتحال سمجهي ويو. معاملو هٿان نڪري ويندو سو پنهنجي همراهن کي هڪل ڪري پاسي ڪيو ڊرامي بازي ڪندي پنهنجي همراهن کي گارگند ڪندي ڊرائيور کي ٽِيالي ڪيڻ جو چيو.
ماسي جنت جي اهڙي دلداريءَ تي خانڻ جا لڙڪ لڙي پيا. سوڍي وڏي خانڻ جا لڙڪ اگهندي چيو. ”مڙس ٿي خانڻ، تو جهڙا جوان روندي ڪون ٺا سونهن همت ڪر ڳوٺ بچائبو.“ اسان توسان گڏ آهيون.
ماءُ جي مريد سوڍي جي ڳالهہ ٻڌي سندس ڪجهہ دل گهريا يار بہ هڪل ۾ ڏيندي بند تي پهچي ويا.
پوءِ تہ هڪ پاسي پاٽيءَ تہ ٻئي پاسي سوڍي ۽ ان جي يارن جهڙن چيڙاتن ۽ ماهر ڪوڏارين جي ڪوڏرن جي وهڪ.
پاٽي چوي ٻوڙيان ٻوڙيان، همراهن جي لپي جي زيپٽ اصل مشين وانگر پئي وهيا. اصل هڪ ڪن جي ساهيءَ بنا بند جي بچاءَ ۾ لڳي ويا.
ٻي پاسي ملوڪان ۽ منان ماني ۽ پاٽيءَ جي ڪم ۾ لڳي ويون.
ڳوٺ ۾ سرٻاٽ پئجي ويا. هڪڙي پاسي پاٽي تہ ٻئي پاسي ماسي جنت گهر گهر ۾ ڳوٺ جي جوانن لاءِ واڪاڻ ڪندي، ڪنهن کي ميار تہ ڪنهن کي گار. ڪنهن جا شرم مان ڪنڌ جهڪيل تہ ڪي وري ڪوڏر کڻي بند تي پهتا. صديق مجيريءَ ماسي جنت کي گار ڏياري موڪلي تہ ”رن! ڳوٺ جي جوانن جو سر ڪٽائيندي،“
هڪ طرف پاٽي هٿن جا هٿ چڙهي رهيو آهي تہ ٻي طرف خانڻ ۽ سوڍي جي سنگت جا جذبا جوان ٿيندا پيا وڃن.
ڪنهن اچي بند تي محمد صديق مجيري طرفان پوليس موڪلڻ واري سازش ٻڌائي تہ سڀ ڪن پل لاءِ وسامي ويا.
خانڻ کي ذهن ۾ مجيري محمد صديق جي ڏمڪي تري آئي، ”تون پنهنجن حرڪتن کان نہ ٿو مڙين،


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جيڪو بہ نقصان ٿيو. ان جو ذميواريون تون هوندي مان تنهنجي خلاف ڪيس داخل ڪرائيندس.“
ڪن پل لاءِ خانڻ جي دل وسامي وئي پر، مٿان سوڍي هڪل ڪندي چيس، ”متان همت هاري اٿئي دوست.“
جنت مٿي تان مٽي جي ڀريل تغاري بند تي هاريندي چيو ”چوڪر پاڻ کي اڪيلو نہ سمجھ جيڪو ٿيو منهن ڏبو پوليس ۽ مجيري صديق کي محاذ تي شڪست ڏبي.“ تون رڳو همت سان ڪوڙر هلاءِ پوءِ ويهي قدرت جا رنگ ڏس.
خانڻ امالڪ چئي ويٺو. ”ماسي پاٽي“.
جنت پر اعتماد لهجي ۾ چيو ”همت نہ هار ڪچي پنڊي (ٻار ٻچن) کي هوتو مست جي ٽبي تي هلي ويهاربو. ننڍا ٻار ۽ عورتون محفوظ تہ سڀ همت سان ڪم ڪندا.“
خانڻ چيو ”پوءِ ماسي وارو ڪر ٻارن ٻچن کي ڳوٺ جي پنيان ڪسي (واٽر ڪورس) واري ڪڙ سان وٺي وڃي هوتو مست جي ٽبي تي ويهار.“
”توهان بي فڪر ٿي ڪم ڪريو. اهو ڪم منهنجو.“
پاٽي بچاءَ بند کي پائڻ تي پهتو هو.
ڪجھ جاين تان ننڍيون ننڍيون هلڪيون ڦلڪيون روڙيون بہ پئجي ويون هيون. پر خانڻ وارن مڙسي نہ ڇڏي، جيئن جو تيئن حوصلي سان ڪم ۾ رڌل رهيا.
مجيري محمد صديق جي انا مجروح ٿيڻ لڳي هئي هن نہ رڳو خانڻ هٿان هارائڻ جي احساس هيٺ دٻجي خانڻ کي جهڪائڻ لاءِ آخري هربو استعمال ڪندي پوليس کان مدد وٺندي خانڻ کي گرفتار ڪرڻ جو سوچيو. اصل ۾ وڏيرو خانڻ جي دشمني سبب ڳوٺ سان دشمني تي لهي آيو هو. مجيري صديق ان حوالي سان ڪاري جمعدار جي ڪيسي ۾ ڏهہ کان وڌيڪ نيرا نوٽ وڌا تہ، جمعدار ڪارو گڦ ڳاڙيندو بچاءَ بند ڏانهن نڪري ٿو پوي، پر گس تي ڪيس ياد آيو تہ هن پنهنجي پٽن کي ڳوٺ ڇڏڻ لاءِ سامان گڏ ڪرڻ لاءِ چيو هئي ڪون هو.
اوچتو چڻ تہ زندگي موٽڻ لڳي هئي، ماڻهن جي چهرن تان ڊپ جا ليپا لهڻ لڳا هئا ۽ هر هڪ جي هٿ ۾ ڪوڙر اچي وئي هئي. بند کي پونڊڙ روڙيون بند ٿي ويون. پاٽي هٿن جا هٿ چڙهي رهيو هو. تہ بند بہ فتن جا فٽ مٿي ٿيندو پئي ويو. سڄو ڳوٺ بچاءَ بند تي پهتل هو. ڪارو جمعدار بند تي پهتو تہ ان جي گف ئي بند ٿي وئي هئي مجيريءَ جي نوٽن پنهنجو اثر وڃائي ڇڏيو هو. ڪارو جمعدار خاموش جهڙو بيت بند تي لڳندڙ ڪوڙرون کي ڏسندو ئي رهجي ويو...
۽ پوءِ اوچتو ڳوٺ لاءِ سٽائو واءَ گلي پيو هو. نيٺ هڪ وقت اهڙو بہ اچي ٿو جو مجيري صديق بہ پنهنجو ٽيڪٽر ڪاهرائي ڳوٺ جي بچاءَ بند تي پهچي ٿو بند کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ٽيڪٽر بہ ڪم شروع ڪري ٿو.


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جنت ٻاجھاري نظرن سان سوڍي ۾ خانڻ ڪي شفقت سان مٿي تي هٿ رکندي چوي ٿي: ”پاڻي ڪي پائڻ نہ ڏجو. ڪوڏر نہ بيھي مان بس وڃي موٽيس.“

جنت گھر پھتي پنھنجي جوان نياڻين مٺان ۽ ملوڪان کي هڪل ڪندي چيو. ”وارو ڪريو ڪوڏرون کڻون پائرن کي توھان جي مدد جي ضرورت آهي.“

مٺان ۽ ملوڪان جنت جي پٺيان ڪوڏرون کڻي نڪري پون ٿيون. جنت ڳوٺ جي ٻين عورتن کي هڪلون ڪري ٿي تہ توھان ڇو ويھي موت جو انتظار ڪيون ٿيون. اٿو ڪوڏرون کڻون مٺان وارن کي ڪوڏرن سان بند طرف ويندي ڏسي ڳوٺ جون سوين عورتون انھن جي پٺيان نڪري پون ٿيون.

مال جي واڙي جي ڇانو ۾ ويٺل هادي جا ڪن ڪڙا ٿي وڃن ٿا 5 اڙينگ جوان پٽن جو پيءُ هادي جيڪو ٻوڏ جي خطرن کان بي پرواھہ مال جي ڀاڻي وٺ ريڊيو تي جلال جو ڪلام ٻڌي رهيو هو جيئن ئي ڳوٺ جي گھٽي مان جنت جي ڌيئرن ملڪان ۽ مٺان جي هٿن ۾ ڪوڏرون ڏسي ٿو تہ شرم مان ڪنڌ جهڪي پويس ٿو. ويتر جنت پنھنجي پوٽي لاھي هادي کي ڏيندي چيو تہ ادا هادي هي تون سنڀال پنھنجي ڪوڏر ۽ ٽوپي مون کي ڏي ڇو تہ اهي توکان سنڀاليون کون ٿينديون هادي جيڪو هڪ تنگ کان منڊو آهي سو سٽ ڏئي هڪ طرف کان رکيل بي ساکي کڻي هڪل ڪري ٿو راهب - ڊولڻ وارو ڪريو ادي جنت نڪ لاھي ڇڏيو. هاڻي ويڻ سھڻ جي همت نہ رهي آهي. هادي جي هڪل تي سيني ڪوڏرون کنيون ۽ نڪري پون ٿا بند طرف جنت جي ڌيئرن کي ڪوڏرن سان ويندي ڏسي ڏپ ۾ ورتل ڳوناڻن جو لڄ منجھان سر جهڪي وڃي ٿو. ۽ پنھنجي گھرن طرف ڊوڙڻ لڳا. جيئن ڪوڏرون کڻي ڳوٺ جي بچاءَ بند تي پھچن.

ملوڪان ۽ مٺان پنھنجي امڙ سان گڏ وڏي ويساھہ سان وکون کڻندي بند ڏانھن وڌن ٿيون.

❋❋❋



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ڪاري ڏيڍي جا چور

حاجي رکيل پنهنجي دور جو نامي گرامي چور ۽ غضب جو رندڙيو رهيو آهي. رندڙيو به اهڙو جو زمين تي ڪنهن ساهدار جو کُر لڳي باقي همراهه جي وک مان ئي سڃاڻي وٺندو هو ته کهڙي ڪونڌر وک پيري آهي. ۽ پيرو ڪٿي دنگ ڪري سگهي ٿو. پيرن جي سڃاڻپ جي ڪري ٻنگ چور ڪمالو جت ۽ هاشو هڻ هڻ جهڙن نامي گرامي ڏوهارين سان سڌو دشمني ڪنئين هئائين. رکيل پاڻ به بلا جو سريلو مڙس هو. جيلون ڪاٽڻ ڪان جبل لتاڙڻ تائين ڏوهن جي دنيا جا سپ گهيڙ گهٽ ڏٺل اٿس اصل مڙس گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتل آهي. مڙس به اهڙو جو يارن جو يار سنگت تي سر ڏيڻ لاءِ آتو. پنهنجي تي اچي ته ريل گاڏي چڙهي وڃيس تڏهن به مجال آهي جو ڀڙڪ ٻاهر ڪڍي. ۽ جي وڙهي ته ٻولائي اصل مخالف کي تائيم ڏئي ڪري ڏک هٽي ڏک به اهڙو جو همراهه سڄي عمر ياد ڪري.

هڪ ڀيري رئيس پنهل خان ٻڪري چوري جي ڪيس ۾ ٿاڻي تي ويهي ڪٽرايس همراهه ڏندڙ جي ويو پر هڪ لفظ به ٻاهر نه ڪڍيائين. جيترو مار اوترو مضبوط همراهه ڄڻ پٿ هجي. هڪ لمحو اهڙو به آيو سنتري وارث وڏي صوبيدار اڳيان اپو ٿي ويو. ڪتو جواب ڏئي چڙيائينس نوڪري وڃي ته ڏهه ڀيرا وڃي پر مڙس مارڻ نه ڏبو. وارث هو ته سپاهي پر تر جي چورن ۾ وڏي هاڪ هئس. وڙهڻ جو اصل ڪتو. وڏا وڏا ٻنگ ڏوهاري توڙي چڙيائين. چورن کي اهڙي ڳجهي مار ڏيندو هو جو چڱا ڀلا ٽٽي پوندا هئا. ايتري تائين جو وارث نالي ٻڌڻ سان للنگ مڙسن جي سٽن سائي ئي ويندي هئي. چور حد جي صوبيدار کان وڌيڪ سپاهي وارث سان ٿاهي رکندا هئا جئين ڏکي وقت ۾ ڪم اچي سگهي. وارث جي مار به اهڙي تهڙي ڪو نه هئي نه. ستڪائي ۾ همراهه طوطي وانگر پيو. ٻوليندو هو.

وارث رکيل جي سريلائپ تي اصل فدا ٿي پيو تڏهن پنهنجي آفيسر کي رکو ۽ سڌو جواب ڏئي چڙيائين جيڪو وٽي وڃي ڪر. هاڻي رکيل کي هڪ سچو به نه لڳندو. رئيس پنهل خان وارث جي اهڙي انداز تي دنگ رهجي ويو. صوبيدار ۽ رئيس پنهل خان ٻنهي ڄڻن پنهنجي پنهنجي حصي جا اختيار استعمال ڪري وارث جي نوڪري پٽي تيل ڪرائي پر وارث جي پنهنجي ڪاتي ۾ ڪجهه ڪيل خدمت ڪم آئي. سو ڪجهه ڏينهن لاءِ معطل ٿيو. ۽ پوءِ ٻيهر ساڳي ئي مستي سان نوڪري تي چڙهيو.

۽ پوءِ دور بدليو.

رکيل جيلون ڪمائي موٽي اچي پنهنجو ديرو قائم ڪيو ۽ سپاهي وارث پنهنجي ڪاتي ۾ ڪارنامه ڏيکاري سپاهي مان ترقي ڪري صوبيدار بڻجي ويو. ان سڄي عرصي ۾ رکيل ۽ وارث جي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

يار جون ڳنڍيون جيئن پوءِ تيئن اجان وڌيڪ مضبوط ٿيون. هڪ ٻئي لاءِ لڪ لٽائڻ لاءِ تيار اصل پائرن جهڙا دوست. وارث جو وس هلي ۽ رڪيل کي تڪليف اچي اهو ممڪن ئي ڪو نہ آهي. رڪيل بہ پنهنجي يار لاءِ ساهہ صدقو. اصل پاڻ گهورڻ لاءِ بي قرار. سوين موقعا اهڙا آيا رڪيل پنهنجي يار وارث جي خاطر نہ ڪيل ڏوهہ قبول ڪيو هوندو.

وارث جهڙو سنگتي حد جو صوبيدار ٿيو. چڻ تہ رڪيل کي ڦول لڳي ويا هجن. اصل رڪيل جي رات لڳي پئي آهي. جنهن وقت ڏس رڪيل جي لانڊي تي ترجون سريلون منڊيون وينل هيون. تر جا سريلا سنگتي تہ شام صبح ايندي ويندي حاضري پيا ڀريندا هئا. پر ست ڪوهہ پري جا ارڏا مڙس بہ رڪيل جي ديري تي چانهہ چڪي پيئڻ کي پاڻ لاءِ اعزاز پيا سمجهن. مجال آهي جو تر مان ڪک بہ رڪيل جي مرضي کانسواءِ چري. ڪٿان ڪک کڄي ۽ رڪيل کان ڳجهو رهي. اهو ممڪن ئي ڪو نہ آهي. ترجي سڄي ٻڌي چوڙي رڪيل جي هٿ ۾ صلاح سان پئي هلي چور چور جي ذات گڏ بہ ڪيئن نہ ٿئي حاجي رڪيل مڙس بہ اهڙو ئي آهي. رڪيل لڪ وزن ڪٽي بہ سنگت کي ڏکيو ٿيڻ ڪو نہ ڏي. پاڳيو ڪيڏو بہ چيچڙ هجي پر رڪيل ڪيس سڌي ڳالهہ چوري واپس گهرجي تہ چور وساري ڇڏ. هيترو پنگ ٿيندي وٽئي تہ ڳالهہ ڪر نہ تہ ٻي صورت ۾ جُوَ ۾ پيا بہ جوان پيا آهن وجي وئوڙ.

مانجهي ناهوڪو جوانڙو ۽ پنهنجي ڪل ۾ ارڏو ۽ سريلو جوان آهي. جنهن وقت ڏس تہ حاجي رڪيل جي اوطاق تي نظر پيو اچي. تر جي سريلن منڊين جا هٿ ڏورائڻ ۾ اڳرو تہ فخر بہ محسوس ڪري. مانجهي جي اٿڻ ويهڻ ۽ ڪڙي اک حاجي رڪيل جهڙي تجربيڪار مڙس کان گهڻو وقت ڳجهي نہ رهي سگهي. مٿان وري صوبيدار وارث جي تصديق تہ سوٽ جهڪ جهولي کان محفوظ رهيو تہ چورو چوٽ جو سريلو نڪرندو. جتي لاهينس اصل چوٽ تي وڙهندو هلڪو هٿ رڪينس چڱو نڪتو تہ واهہ نہ تہ ڏڪو ڏئي ڇڏبس.

صوبيدار وارث جي صلاح کانپوءِ حاجي رڪيل ايندي ويندي پيو مانجهي مٿان مهر ظاهر ڪندو آهي. حاجي رڪيل جي توجهہ ملڻ ڪري هڪ طرف مانجهي بہ خوش تہ ٻي پاسي سنگت ۾ چوٻول وڌي ويا ڪنهن ڪهڙي ڳالهہ ڪئي تہ ڪنهن وري ڪجهہ چيس رڪيل گرناري مڙس جو سڀ ٻڌي مسڪرائي ٽاري ڇڏيندو هو. ڪي تہ اهو بہ چوڻ لڳا تہ حاجي چوري ۾ آهي ڇا!؟ مانجهي پنهنجي اکر سان گهٽن کي چپ رهڻ تي مجبور ڪيو. حاجي رڪيل جي هٿ رکڻ کانپوءِ مانجهي بہ گهٽي پاڳي اوطاق تي نظر اچڻ لڳو هو. مانجهي ائين ڪري بہ چو نہ سندس نندو ڀاءُ شيرل ڪمائڻ جو ڪو ڏيو. تہ پيڻ مني ۽ امڙ عظيمہ بہ وصلڻ نہ ڏيڻ واريون عورتون هيون. بہ ٻارا زمين جا پنهنجا تہ چار ڏور ۽ کير لسي بہ جام. ڏسندي ڏسندي مانجهي جي اوطاق تي بہ جوءِ جي شاشو خانن جي اچ وڄ شروع ٿي وڃي ٿي. اٿڻ ويهڻ وارن جي نظرن ۾ مانجهي لاءِ راءِ تبديل ٿيڻ لڳي ٿي. ائين ٿئي بہ چو نہ . اوطاق تي ايندڙ ويندڙ مڙسن اهڙيون خدمتون پيون ٿين جو وڃي ٿيا ست خير. ڳالهين کي پر لڳي ويا چار پير



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

چڱا ڪٽڻ سان گڏ تڏي منهه جي چڱي واري ڳالهه حاجي رڪيل تائين رسي وئي. ۽ پوءِ ائين به ٿيو ته هڪ ڏينهن حاجي رڪيل ۽ صوبيدار وارث وچي مانجهي جي اوطاق تي پهتا.

اهو ڏينهن مانجهي جي لاءِ ڄڻ ته عيد هو. مانجهي بنا دير جي 8_7 ڪلو گوشت وارو گهتو ڪٽي ليتايو. ست اٺهه قسمن جي ماني تيار ٿي وئي، ماني به اها جو اصل ڪائڻ وارو آڱريون چٽيندو رهجي وڃي. مانجهي اهو سڀ ڪيئن نه ڪري ها. آخرڪار حاجي رڪيل ۽ صوبيدار وارث پاڻ هلي ان جي اوطاق تي آيا هئا. اها ڳالهه گهٽ ته ڪو نه هئي نه. حاجي رڪيل ته وري به پنهنجي ترجو ماڻهو هو پر حد جو صوبيدار هلي اچي اهو به مانجهي جهڙي هڪ الڙچور وٽ اها ننڊي ڳالهه نه هئي. چڱن پلن ۾ آڙي ڪاپ چورن جو نندين حرام تي ويون هيون. سيني جي وات تي اها ڳالهه رقص ڪندي رهي ته هڪ وات ڳاڙهي چوري وٽ حاجي رڪيل پاڻ هلي. اهو ئي نه بلڪ صوبيدار وارث ڪي به وٽي پهتو آهي. تر ۾ نه ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون هلي ويون ڪنهن ڪجهه چيو ته ڪنهن وري ڪا ڳالهه ڪئي ڳالهه هڪ وٽان سفر شروع ڪيو ته سوين هزارين ڪنن تائين وڃي دنگ ڪيو. ۽ نيٺ اها ٻاڦور حاجي رڪيل ڪي به وڃي پئي تڏهن هن پنهنجي حساب سان جاچا ڪرائي ته. ڳالهه جي ريل ڪهڙي اسٽيشن تان نڪتي آهي. هونئن ته حاجي رڪيل اهڙين ڳالهين تي گهٽو ڌيان ڪو نه ڏيندو آهي. پر مانجهي سان جڙيل ڳالهه هن ڪي به سرور پئي ڏنو. ڇو ته اوطاق ڇڏڻ وقت پير ۾ گاهه ڪندي سندس نظر وچي مني جي سونهن جي سرهاڻ ۾ واسجي وئي هئي، مني هئي به ته اهڙي سهڻي جو ڏسڻ وارن جا. اصل هانو هٿن ۾ پئجي وڃن. تڏهن ته حاجي رڪيل جهڙي ڪڙپيل ماڻهو مڙني جي پرواهه ڪرڻ ڪانسواءِ ڪيترائي پيرا لئوڻو ڦيري سڏو مني ڪي ڏنو هو. مني ڪي ڏسڻ ڪانپوءِ رڪيل ڄڻ ته ڪا اهم شي مانجهي جي اوطاق تي وساري آيو هجي. هر لمحي ان طرف دل ڪي تات هئس. سهڻو ته مانجهي پاڻ به هو اصل سنڌڙين جي دلين ۾ ڪرٽ وهائڻ جهڙو پر سندس پيڻ مني ته قدرت جو هڪڙو شاهڪار هو. نيٺ حاجي رڪيل رهي نه سگهيو ۽ صوبيدار وارث سان من جي ڳالهه اوري ويهي ٿو. وارث ڪيس مانجهي تي مهر ۽ واسطا وڌائڻ جي صلاح ڏئي ٿو. چوندا آهن ته لڳي ڪي لعنت حاجي رڪيل جي دل جو پلاند مني سان اٽڪي پوي ٿو. حاجي رڪيل پنهنجي جگري يار جي صلاح تي مانجهي تي مهر وڌائيندي ان ڪي پنهنجي احسانن هيٺ آڻڻ لاءِ لک وس ڪري ٿو پر مانجهي ڪڏهن اهڙو موقعو ئي ڪو نه ٿو ڏيئس. رڪيل برابر تر جو ڪانيو خانو هو پر مانجهي پاڻ به چوراٺو نوجوان هو. عمر جو برابر ڪچو هو. ڪيس ساماٺي واقعي چند سال ٿيا هئا پر هو اصل ڍهيسر پٽ اصل بندوق سامهون موڪل مجال آهي. جو پوڻتي هٽي، تڏهن به گهٽا ماڻهو اهو ئي سمجهندا هئا ته مانجهي ڪي رڪيل پنهنجي مزي ماڻڻ لاءِ گڏ ڪنيو هلي ٿو ڪن جو خيال هو ته مانجهي حاجي رڪيل جي پڙوت ڪري ٿو تڏهن ته مانجهي لاءِ ايڏو سيڪ ٿو اچيس ته ڪجهه آڙي ڪاپ نظرون رڪيل جي مانجهي تي مهر ان جي پٺسن ۾ پيڻ جي واستن سان ڏسڻ لڳنديون هيون. رڪيل هرحال ۾ مني



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪي ماڻڻ پئي چاهيو جيئن پوءِ تيئن مني جو چاهه رڪيل ڪي وڪڙندو پئي ويو. نيٺ ڪو ڏڱ نه ڏسي چوراڻو گُر استعمال ڪندي مانجهي جي چوري ڪرائڻ جو سوچيو ته جيئن چوري واپس ڪرائي مانجهي تي ٿورو ۽ مني جي دل ۾ جاءِ جوڙي سگهي. رڪيل جو اهو داوُ به مانجهي وڃائي ڇڏيو. ڇو ته مانجهي جو پيءُ وڏو جهان گستو ماڻهو هو. ان مرڻ وقت پنهنجي زال عظيمه کي هڪ ئي پارت ڪئي هئي ته ڏکي سکي ۾ مولا مدد ڪندو پر هڪ ڳالهه ياد رکجان لک ڏک ڏسي به منهنجي مانجهي ۽ شيرل جي تربيت اهڙي ڪجان جو ڪنڌ ڪپائي موٽن پر سر جهڪيل نه هجن ۽ سڀ آرام ڦٽائي رات اکين ۾ گذاري ڇڏجان باقي ڏينهن شينهن آهي. ڇو ته شي به پنهنجي ويندي آهي ۽ لک لعنت راڄ جي سو رات جو ننڊون ڦٽائي ڪنهن کي لوڙهو لتاڙڻ جو موقعو نه ڏجان باقي ڪير زوري ڪري ڪو نه سگهندو جو ايڏا ڪوراڇا اسين به ڪونه آهيون ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو عظيمه پنهنجي مڙس جي ڳالهه کي پاڻي ڏنو. جيستائين مانجهي جوان ٿيو تيستائين رات جو هڪ لمحي لاءِ به اک ڪونه هنيائين. سوين راتيون اجاڳن جي ور چاڙهي ڇڏيائين. ننڊون حرام ٿي ويس پر پنهنجي لوڙهي لتاڙڻ جي ڪنهن کي به وٿي ڪو نه ڏنائين. مانجهي ۽ شيرل جوان ٿيا تڏهن عظيمه جي نور کي ننڊ نصيب ٿي. ۽ پنهنجي مڙس جي ڏنل بندوق ۽ نصيحت مانجهي حوالي ڪندي پاڻ پرسڪون ننڊون ڪرڻ لڳي ٿي. جنهن جا پٽ ڏهيسر هجن اها ماءُ ڪيئن نه سڪون سان سمهندي.

مانجهي پاڻ چار وکون ڪنيل هو سو گهر ۾ هوندو هو ته پاڻ رات ويهي گذاري ڇڏيندو ۽ جنهن رات پاڻ گهر نه ايندو هو ته اهو ڪم شيرل حوالي هوندو هو. مانجهي جو ويهي رات گذارڻ جو ٻڌي حاجي رڪيل هڪ رات مانجهي کي ڪچهري جي بهاني پنهنجي اوطاق تي ويهاري ڇڏيو. ۽ پنيان منل ۽ فضل جهڙن گهاگهه چورن کي موڪليائين ته هر حال ۾ مانجهي جي گهران ڪجهه نه ڪجهه ڪيڻي اچن. مگر ڪيس ڪل ئي ڪو نه هئي تربيت ۽ نسل گسندو ڪونه آهي سو منل جيئن ئي گهر ۾ گهڙيو ته شيرل سڌا فائر ڪري منل کي مرٽينگ ڪري وڌو. خلق ۾ هوڪ هلي وئي ڪن ماڻهن هٽي ماري مانجهي کي چيڙائي وڌو حاجي رڪيل هوندي لوڙهو لتاڙجي پر حاجي رڪيل به وڏو ڪيڏاري مانجهي چڙ ۾ باهه ٿي ويو حاجي رڪيل جي چوڻ تي صوبيدار تر تپائي ڇڏيو. پر چور ظاهر ڪو نه ٿيا. مانجهي جا چوراڻا واسطا ايڏا نه هئا ان ڪري هن سڄو زور حاجي رڪيل تي رکيو ۽ رڪيل به گهاگهه ماڻهو سو ڪيئن ٿو پنهنجي گيم خراب ڪري. ان موقعي ڪانپوءِ رڪيل کي ڄڻ ته موقعو ملي ويو هجي ايندي ويندي مانجهي جي اوطاق تي لڙندو هو. رڪيل کي مني ماڻڻ جو ڏڱ نظر اچڻ لڳي ٿو. ڇو ته گهٽي اچ وڃ ڪري مني وارن رڪيل کان حجاب گهٽائي ڇڏيو هو. هڪ ڏينهن ڳالهين ڳالهين ۾ چورن تائين رسڻ جي ڳالهه ڪري ويهي ٿو. ۽ فورن ڳالهه بند ڪري ٿو ڇڏي. اشارو ملندي ئي مانجهي منل تي وزن وجهي ٿو. حساب نه ملڻ جي صورت ۾ پلاند لاءِ تيار ٿيڻ جي ڳالهه ڪري ٿو. منل سڀ ڪجهه حاجي رڪيل کي ٻڌائي ٿو. حاجي رڪيل ڳالهه هٿان نڪرندي ڏسي منل کي اهو چئي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

راضي ڪري ٿو ڏوهہ ڏنڊ هوءَ پاڻ ڀري ڏيندو. منل تيار ٿئي ٿو ۽ پوءِ مانجهي ۽ منل جو فيصلو حاجي رڪيل ڪري ٿو لوڙهي لتاڙڻ جي ڇٽي طور منل تي ڏيڍ لک ڏنڊ وجهي ٿو. منل ۽ حاجي رڪيل جي وچ ۾ طئي ٿيل راند تحت منل اهو ڇٽي فيصلو مڃڻ کان انڪار ڪري اٿي ٿو. پلي ڪهرائي ڇڏيو پر اها ڇٽي ڪو نہ ڀريندو. جنهن تي وارث ۽ حاجي رڪيل ڪاوڙجي اهو چون ٿا تہ اهو نہ وسار تہ جهيڙو رڳو مانجهي جو نہ آهي. ائين سمجهہ تہ اسان سان بہ جهڙو وارين ٿو. جنهن ڪانپوءِ منل ڇٽي ڀري ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿئي ٿو.

مانجهي جي اچ وڃ وڌڻ ڪري حاجي رڪيل جي وڏوهر ڏي ساران جي نگاهن جي تاڙ ۾ اچي ٿو. ساران جنهن ڪافي عرصي تائين مانجهي کي ساهن ۾ سانڍي رکيو هو سو موقعو ملندي ئي پنهنجي پيار جو اظهار ڪري ٿي. جيڪو مانجهي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري گذري وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ مانجهي ننگ پال مڙس هو. مانجهي جي انڪار ساران جي من ۾ وڌ وجهي ڇڏيا هئا. پر اهڙو موقعو ڪو نہ ٿي وڃايائين جنهن سان مانجهي سان ملڻ ۽ ان کي پاڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هجيس. منل ڏنڊ تہ ڀري ڏنو پر مانجهي جي دل تان لوڙهي لتاڙڻ وارو بار ڪو نہ لٿو هو. اهو ئي نہ بلڪ ڪيس اهو بہ شڪ هو تہ منل سان ٿيل فيصلي ۾ ڪا ڳالهہ ضروري ٿي آهي.نہ تہ منل حاجي رڪيل جو انتهائي پر اعتماد ماڻهو آهي. ان خلاف حاجي رڪيل ايڏو سخت فيصلو ڪيئن ٿو ڪري سگهي. اهو ئي نہ بلڪ منل جنهن جو ڪو بہ گهر گهاٽ ئي ڪو نہ آهي اهو هڪ ڏک سان ايڏي وڏي رقم ڪئين ٿو ادا ڪري سگهي. ڇوندا آهن تہ چور کي گهڻي ٽائيم تائين ڏڪي نہ ٿو سگهجي سو ائين ئي ٿيو مانجهي کي اندران ئي اندران هلڪي ٻاڦور پئجي ٿي وڃي جنهن جو پيرو ڪڍي ٿو تہ چور جا پير حاجي رڪيل جي اوطاق تي دنگ ڪن ٿا. ڪيس يقين ڪو نہ ٿو اچي تہ رڪيل جهڙو مڙس دوستي جي نالي تي ائين ڪري سگهي ٿو. ٻي پاسي اها بہ سوچڻ جي ڳالهہ هئي منل جيڪو هڪ قدم بہ رڪيل جي مرضي سان ناهي کڻندو سو تہ ايڏو وڏو گناهہ ڪيئن ٿو ڪري سگهي. گهڻي کر پير هٽڻ ڪانپوءِ تصديق ٿي وڃي ٿي تہ اهو ڪارنامو حاجي رڪيل جي صلاح سان مڪمل ٿيو آهي. مانجهي پير ساڌر ڪرڻ ڪانپوءِ اصل زهر قاتل ٻڻجي وڃي ٿو. ڪافي ٽائيم تائين سوچيندو رهي ٿو تہ آخر حاجي رڪيل کي ڇئي ٿو ڏئي تہ اهو سڀ ڪجهہ ڇو ڪرايو؟ هڪڙو موڙ اهڙو بہ اچي ٿو تہ مانجهي پنهنجي يارن بلاول ۽ سانول سان صلاح ڪري حاجي رڪيل جي پيڻ درناز جي گهران ڊڳي ڪڍي ٿو. درناز جي چوري چا ٿئي تي رڪيل اصل مچر جي پئي ٿو. حاجي رڪيل پهرين ڏک سان پير سڃاڻي وڃي ٿو. مانجهي کي گهرائي حساب ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. مانجهي انڪار ڪندي چوي ٿو تہ هوءَ چور ئي نہ آهي تہ ڪيئن ڀري ڏئي. حاجي رڪيل ڪاوڙ ۾ ميار مان دوستي نڀائڻ جهڙا طعنا ڏيس ٿو پر مانجهي جو هڪ ئي جواب هجي ٿو دوستي اوتري سچي آهي جيتري تو نڀائي آهي. چور هوءَ نہ آهي باقي ڏاڏ ڪرڻ چاهين ٿو تہ ٽاٽو ڪليو پيو اٿئي فرياد ڪر. جي سڏو وڙهڻ چاهين تڏهن بہ اجازت اٿئي. باقي مان



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

تنهنجي سامهون نہ ٿيندس.

راڄ سامهون اهو جواب ٻڌي حاجي رڪيل اصل ٽپي باهہ تي وڃي ٿو. وارث جيڪو پاڻ بہ ڏمريل هو سو رڪيل جي اشاري سان مانجهي کي لاڪپ حوالي ڪري ٿو. وارث ڏوهہ باسرائڻ لاءِ تشدد جا هڙئي طريقا استعمال ڪري ڇڏيا پر همراهہ ٽنڊ لاءِ تيار ٿي ڪو نہ ٿيو جيترو وڌهہ پوءِ بہ اهوئي جواب تہ چور ناهي تہ ڪئين پيري سنگت ۾ چئو تہ مينهون ڏيڻ لاءِ تيار آهي. باقي چوري الزام ۾ ٽڪر بہ ڪو نہ ڏيندو. وارث چرس ۽ ٻين ڪيسن ۾ چالان جي ڏمڪي ڏنس تڏهن بہ ساڳيو جواب تہ چور ناهي. باقي پلي ريل هيٺان ڏئي ڇڏ

مانجهي جي گرفتار ٿيڻ ڪانپوءِ رڪيل موقعي جو فائدو وٺندي مانجهي جي چوري ڪرائڻ تي لهي اچي ٿو اها رات خالي نہ هئي جنهن رات مانجهي جي ڪڙهہ تي چور نہ آيا هجن. شيرل ۽ عظيمہ مڙسي ڪري سڄي رات پهرو ڏيڻ لڳا. اصل ڪڪ جي ڪڙڪي تي شيرل پنج ڏهہ فائر ڪري پئي ڇڏيا.

مانجهي اهڙي ڄاڻ ملندي ئي حاجي رڪيل کي نياپو موڪليو تہ ريل ۾ جيل مڙسن لاءِ آهي. تو بہ ڪاٿيو هوندو ۽ منهنجي لاءِ بہ اها ئي آهي. وڙهڻ چاهين ٿو تہ مڙساڻا جهيڙا ڪر. ڪڙهہ تي چور موڪلڻ ڇڏي ڏي نہ تہ هڪ سچ منهنجو بہ ٿيندو متان تو سنڀالي نہ سگهين. وارث جڏهن سڀ طريقا استعمال ڪري ٿڪجي پيو تہ رڪيل کي چيائين مڙس چور ڪو نہ ٿو لڳي پر جي آهي تہ تڏهن بہ هن سان هٿ چراند چڱي ڪونہ آهي. مڙس چيڙهو آهي. مرڻ ڪانسواءِ ائين سڌي آڻ ڪو نہ مڃيندو نہ وري مار موچڙي ۾ جيل سان ڪيس جهڪائي سگهبس. اهڙي سريلي منڊي کي سلامي بنائڻ لاءِ پيار ۽ ياري وارو طريقو ڪارگر رهندو. حاجي رڪيل مختلف ڪيسن ۾ چالان ڪرڻ لاءِ چويس ٿو تہ صوبيدار وارث سمجهائيندي چويس ٿو جيل جوانن کي ٽوڙيندي ڪو نہ آهي. هي ڇورو جيل ويو تہ پڇي راس تي موٽندو ۽ پوءِ پاڻ لاءِ گهڻا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو منهنجي صلاح اٿئي تہ ڪنهن بهاني سان ياري جو ڳٽ وجهينس . رڪيل پنهنجي يار وارث جي ڳالهہ مڃيندي ناهہ جو ڏڳ ڪيڍي ٿو. اتي ٿاٽي تي ڳجهہ ڳوهہ ۾ ناهہ ڪري مانجهي مان هٿ ڪين ٿا، مانجهي دل جو سور دل سان سانڍي ٻاهر اچي ٿو بظاهر تہ رڪيل وارن سان گڏ هلي ٿو. پر وجهہ جي ڳولا ۾ رهي ٿو. ساران جيڪا مانجهي تي پاڻ لٽائڻ لاءِ تيار هئي. مانجهي کي اهو ياد ايندي ئي پاڻ کي تيار ڪري ٿو. ساران جيڪا مانجهي لاءِ ماندي هئي سان ان تي نڇاور ٿيڻ لاءِ تيار تي وڃي ٿي. مانجهي ساران کي فرار ٿيڻ لاءِ تيار ڪري ٿو.چو تہ مانجهي جيڪو ساران کي بي پناهہ چاهيندو هو. پر رڪيل جي دوستي جي ڪري پنهنجي دل ۾ جذبن کي قابو رکيو ويٺو هو.چوري جي آڙ ۾ ٻڌرائي ٿاٽي تي مارڪٽ ڪرائڻ ڪانپوءِ مانجهي جي حاجي رڪيل کان دل پچي پئي هئي. دوستي ۽ احترام وارو رشتو لوڪ لڪا وارو ٻڌجي پيو هو.

مانجهي جي چوڻ تي ساران سڀ ڪجهہ ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي وئي هئي. پروگرام موجب ساران کي پڪي روڊ تي اڪيلي ٻبر واري هنڌ پهچڻو هو جتان شيرل ۽ ساران درياهہ پار ڪري مانجهي جي جگري



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

يار قربان وٽ وجي ترسندا ۽ پوري هڪ مهيني بعد هئو مئو ترڙ ڪانپوءِ مانجهي اتي ويندو ۽ پوءِ ٻئي شادي ڪندا.

ائين ٿي ٿيو ساران ڏنل پوري وقت تي پهتي شيرل ۽ ساران وچ واري رستي سان نڪري وڃي موري پل وٽان گاڏي تي سوار ٿيا. سج اڀرندي ئي وڃي قربان وٽ پهتا. ٻي ڏينهن قربان جو مانجهي کي نياپو پهتو تہ تون ڪو بہ الڪو نہ ڪر تنهنجو امانتون منهنجي ٻلي آهن سال ٿي وڃن پر تنهنجي امانت ميري ڪو نہ ٿيندي جڏهن دل ڪڍي هليو اچ. هاٽي لاش ڪڇي سگهن ٿا پر زندهہ حاجي رڪيل ڪجهہ ڪون ڪري سگهندو قربان جو پيءُ ڪانڌيرو خان حاجي رڪيل جو پراٽو يار هو. جنهن رڪيل کي مانجهي جي هر ننڍي وڏي فيصلي کان آگاهہ ڪيو هو. ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو جيئن وارث ۽ حاجي رڪيل سوچيو هو قربان پنهنجي پيءُ جي دوستي نڀائيندي چاچي رڪيل سان پهر وهي ويو ۽ ٽيئن ڏينهن تي مانجهي کي پنهنجي ياءُ شيرل جو لاش ملي ٿو.

***



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# 390 ڏهاڙين جو حساب

هوءَ گهڻ ماڙ بلڊنگ جي ڏاڪن تان ڇڻ ڊوڙندي هيٺ لهي رهي هئي. ائين ڪونهي ته اها ڏاڪڻ توڙي ڏاڪا هن جي پيرن پهرين پيري ڏٺا هجن. هوءَ ڪوڙ بلڪ سوين پيرا بجلي نه هجڻ ڪري انهن ڏاڪڻ وسيلي يارهين فلور جي فليٽ نمبر 21 تي وئي ۽ هيٺ لٿي آهي. پر اهڙي حالت اڳ ڪڏهن ڪونه ٿي هيس جو لڳاتار ڊوڙڻ کان پوءِ به ڏاڪڻ هئي جنهن ڪٽڻ جو نالو ئي ڪو نه ٿئي ورتو. هيٺ لهڻ ويل ڪنهن ماڙ تي در بند ٿيڻ يا وري ڪلڻ جي آواز تي هن جي دل بيهي ٿي وئي ڪائنس ڇڻ ڇرڪ نڪري ٿي ويو ڊپ منجهان ويتر وڏيڪ تيز ڊوڙڻ ٿي لڳي.

يارهين ماڙ جو فليٽ نمبر 21 هونئن ته هن لاءِ اوپرو ناهي رهيو بلڪ، اهو ته هن لاءِ ڪنهن سگهاري پناهه جيان رهيو آهي اتي پهچي وقت ۽ حالتن جو تلخيون پلي ختم نه ٿينديون هجنس پري ڪافي حد تائين هوءَ سامت ۾ اچي ويندي هئي. پر سڪون ٿي ويندي هئي. هوءَ جڏهن به فليٽ نبر 21 ۾ ايندي هئي ته اهو وساري ويهي رهندي هئي ته، ان در سان سندس ڪهڙو قانوني رشتو آهي چند گهڙيون ئي صحيح پر سڄي دنيا کان بي نياز بڻجي ويندي هئي. ڪيس ان خيال ۾ احساس جو ڪارڻ ته اڄ تائين معلوم نه ڪري سگهي هئي پر اهو ضروري هو ته، هن پاران پيٽيل سمورن درن منجهان اهو در ۾ گهر سندس پنهنجو محسوس ٿيندو هو. اهو ئي سبب هو جو اتان ملندڙ پئسا ڳڻڻ بنا پرس ۾ وجهي هلي ويندي هئي. ۽ هن ڪڏهن به فليٽ نمبر 21 جي نئيڙي اڱڻ ڪي لالچ ۾ ڏنڊلي وري اڪ سان نه ڏٺو هو ۽ نه ئي پيٽيو هو. توڙي جو اهو در به هن لاءِ بين درن وانگر طلب ۾ لالچ جي بنيادن تي ئي ڪلندو هو. پر پوءِ به هن گهر منجهان ڪيس پنهنجائپ واري تاثير ملندي هئي.

هوءَ لڳاتار ڊوڙيندي هيٺ لهي رهي هئي، هٿ ۾ سوگهو جهليل پرس بي ترتيبي سان ڏاڪڻ جي ٻنهي ديوران سان ٽڪرائجي رهيو هو ڪنهن ڪنهن مهل سندس ڇاتين سان ٿي لڳو. وقت جي ڪيڏن ئي ڪلورن هوندي به هن ڪڏهن هنيانءُ ڪونه هاريو هو ۽ نه ڪڏهن مرڻ لاءِ سوچيو هو پر هنن ڪجهه گهڙين وچ ۾ ڊوڙندي ڊوڙندي هن ڪيترائي پيرا مرڻ لاءِ پڻ سوچي ورتو هو ۽ رکي رکي اهو به خيال ذهن ۾ آيس پئي ته، جيڪر هوءَ اڏائي گرائونڊ فلور تي وڃي پڄي، مسلسل ڊوڙڻ ۾ ڏاڪا لهڻ سبب سهڪي پئي هئي. پر پوءِ به هيٺ لهڻ واري رفتار ۾ ڪا گهٽتائي ڪو نه ٿي آيس. ڏاڪڻ جي آخري ڏاڪي تان پير پٽ تي رکندي ڊپ وچان پوئتي مڙي ڏٺائين.

هڪ لمحي لاءِ سڪ جو وڏو ساهه کڻي ٿي. تڏهن چند ساعتن لاءِ ذلت کان بچڻ وارو احساس ٿيس ٿو. ڊوڙڻ سبب سڪي ويل نڙيءَ کي آلو ڪرڻ لاءِ ڪنگهڪار ڪري ٿي. ڪنگهڻ ڪري گڏ ٿيل ٿڪ اتي ئي ڦٽي ڪري ٿي. ٿڪ جو گهڻو حصو هيٺ ڪرڻ بدران سندس ڪپڙن تي لڳڻ سبب



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جهٽ گهڙي لاءِ پنهنجي نيچپٽي ۾ ٻئي لمحي ڪاوڙ جو احساس ڏياريس ٿو.

ڪن پل ۾ حواس بحال ٿيڻ لڳنس ٿا ته سڄو بت پگهر ۾ شل. محسوس ٿي ڪري، اشهد آڱر سان چهري تان پگهر اگهڻ لڳي ٿي. پگهر اگهڻ وقت لڳيس ٿو ڄڻ ڪي پل اڳ ٿيل تذليل روڙي رهي هجي. هڪ لمحي لاءِ سامت ۾ اچي وڃي ٿي. ۽ پوءِ نظرون مٿي کڄي وڃنس ٿيون سامهون بلڊنگ جي چوڪيدار ڪي پاڻ ڏانهن طنزيہ مرڪ مرڪندي ڏسي ٿي ته چرڪ نڪري ٿو وڃيس. ۽ پوءِ وڏيون وکون کڻندي اڳتي وڌڻ لڳي ٿي هڪ لمحي لاءِ خيال اچيس ٿو "هي ڇا! هٽ وٺي پاڻ کي ماڻهن آڏو تماشو ٿي بڻايان." پنهنجو پاڻ تي ضبط آڻي وٺي ٿي.

۽ دل ۾ خواهش ڪر موڙيس ٿي ته زمين ڦاٽي پوي ته ان ۾ لهي وڃي. ائين ميڻ بتي جيان ڏهاڙي سڙي ڳري مرڻ کان ته جند ئي ڇٽي پوندي وڏي وک سان اڳتي وڌي ٿي تڏهن بہ چوڪيدار جون نظرون ڪنهن تکي خنجر جيان پٺ ۾ لهندي محسوس ڪندي رهي ٿي.

فليٽن کان ٻاهر نڪري اچي ٿي. گهٽي ۾ پهچندي پنٽي ڪنڌ ڦيري، هڪ پيرو ٻيهر پڪ ڪري ٿي ته پنيان ته ڪو نہ پيو اچي. ڪنهن کي بہ پنيان ايندي نہ ڏسي بچي وڃڻ جو احساس پيدا ٿيس ٿو. اهڙو احساس پيدا ٿيندي ئي هلڪي سرهائي چهري تي اڀري اچيس ٿي.

ان لمحي خيال اچيس ٿو پاڙي وارن کي ڪنهن ٻڌايو؟ اڳ ته ڪڏهن ائين ڪو نہ ٿيو هو! گڏ ٿيل ماڻهو چاهن ها ته جهلي ٿي سگهيا. پوءِ انهن ڪيس پڪڙيو ڇو ڪو نہ؟؟؟ اگهاڙي بت کي ڪپڙا پرائڻ ۾ بہ ته ڪافي دير لڳي هئي پوءِ بہ ڪيس جهلي ڇو ڪو نہ سگهيا.

ذهن تي ڪيترن ئي سوالن جو ڳڙو ڪرڻ سبب بي حال ٿي پوي ٿي. اڄ جو شدت سان احساس ٿيس ٿو. پر هو اڄ جي پرواهہ ڪرڻ بنا ڪجهہ ٽائم اڳ وجود ڏوڏي ڇڏيندڙ زلزلي بابت سوچيندي اڳتي وڌي وڃي ٿي.

" ڪٿي ائين تہ ناهي، متان اهو سڀ ڪجهہ عامر مون کان جند ڇڏائڻ لاءِ ڪيو هجي؟"

"نہ نہ ائين ڪٿين هوندو هو پاڻ بہ ته مون کان وڌيڪ پريشان ٿي ويو هو. ٻيو ته جسم جو واپار ڪرڻ باوجود مون ڪڏهن بہ هن سان حساب ناهي ڪيو. ڪوڙ پيرا ته روڪ رقم وارا ماڻهو ڇڏي هن وٽ پهتي آهيان. ڪڏهن بہ ڏوڪڙن جي گهر نہ ڪئي اٿم. جيڪو ڏنائين اکين تي رکي هلي آئي آهيان." ذهن جي ڪاپي تي سوالن جو وڏ ڦڙو شروع ٿي وڃيس ٿو. پاڻ تان سوالن جي تيرن جو رخ موڙڻ لاءِ دل تي پٿر رکندي پاڻ مطمئن ڪندي چوي ٿي ڪجهہ بہ هجي عامر ائين نہ ٿو ڪري سگهي. ها ائين ته آهي توڙي جو مان هي سڀ ڪجهہ ڪٽنب جي پيٽ پالڻ لاءِ ڪري رهي آهيان. پر پوءِ بہ ڪيڏا پيرا ائين بہ ٿيو جو سڄو سڄو ڏينهن عامر سان ويهي هٿين خالي گهر آئي هوندم. جنهن تي ڪيترائي پيرا ائين ڪرڻ ڪري امان موچڙن مان بہ ڪڍيو هوندم. پر پوءِ بہ عامر لاءِ چاهہ ۾ ڪمي ٿيڻ ڪو نہ ڏني اٿم.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

امان سان ڪو گيراهڪ نہ ملڻ جو ڪوڙ ڳالهائي پاڻ بچايو تہ هوندم پر ڪيترين ئي راتين گهر جي ٻين ياتين سان بک تي ڪاٽيون اٿم. وڏي ڳالهہ تہ عامر بہ تہ چاهڻ جي دم ڀريندو آهي.

پوءِ ائين ڇو ٿيو. اهي سڀ ڪير هئا!؟ اڳ تہ ڪڏهن ڪنهن ڪو نہ ڏٺو هو. ٿي سگهي ٿو تہ، مون کي فليٽ ۾ داخل ٿيندي ڪنهن ڏسي ورتو هجي... ها ! ائين ٿي سگهي ٿو... اسان غريب ماڻهو پيٽ پالڻ لاءِ ڪجهہ ڪريون تڏهن بہ خراب ۽ اهي ماڻهو ڏوڪڙن خاطر سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار نفرت مان چوندي هُون پاڻ الاءِ ڇا ڇا ڪندا وتن ۽ ٻين جي معاملي ۾ شريف بڻجي ويندا آهن. ماڻهو بہ وڏا ماءُ جا........آهن.

پر... عامر جو الائي ڇا ٿيو. ائين نہ ٿي تہ پاڙي وارا ڪيس پوليس حوالي ڪن... نہ... نہ ائين ڇو ڪندا...

ڪال ڪري عامر کان حال احوال وٺڻ گهرجي اهڙو خيال ايندي ئي پرس کولي موبائيل ڪڍي عامر کي ڪال ڪري ٿي تہ فون ۾ بيلنس نہ هجڻ وارو ميسج ٻڌي پريشان ٿي وڃي ٿي، هي ڇا!!! مئي بيلنس کي بہ هاڻي ڪٽڻو هو. چڱو ڀلاءَ، ڪمپنيءَ کان اوڌر ٿي وٺان اهو سوچيندي فون ۾ ڪمپنيءَ کان اوڌر وٺڻ واري آپشن ۾ وڃي ٿي موبائيل فون تي ڪمپنيءَ کان پهرين ئي قرض وٺڻ وارو ميسج ملڻ تي مجبوريءَ واري مرڪ مرڪندي پٽڪي ٿي... ان کي ڇئبو آهي مُئي ڏٻري تي مڇر گهٽا هيڏي هوڏي ماڻهن جو جائزو وٺڻ کانپوءِ پرس کولي چيڪ ڪري ٿي، رڳو 50 روپيا ڏسي پريشان ٿي وڃي ٿي بي ساختہ واتان نڪري وڃيس ٿو ان کي ڇئبو آهي جڏهن نہ ڪٽندي آهي تہ هر ڪو ساٿ ڇڏي ويندو آهي. دڪان تي وڃي ويهن جو بيلنس وجهرائي ٿي جنهن کان پوءِ هڪ پاسي بيهي عامر جو نمبر ملائي ٿي. رنگ پاس ٿئي ٿي ۽ رسيو ٿيڻ تي هيلو ڪري ٿي اڳيان ڪو بہ آواز نہ اچڻ تي هڪ لمحي لاءِ شڪجي سوچي ٿي ڪٿي فون پوليس وٽ تہ ڪو نهي. ها ائين بہ ممڪن آهي. هڪ لمحو رکي وري هيلو ڪري ٿي پريان آواز نہ ملڻ تي تڪڙو تڪڙ و هيلو هيلو ڪرڻ لڳي ٿي. فون اٽينڊ ڪرڻ کانپوءِ ڪو ڳالهائي ڇو ڪو نہ ٿو_عامر_عامر ڳالهين ڇو ڪو نہ ٿو؟

”هيلو_هيلو_مان عامر جي سوٽ تي ڳالهايان... پليز مون کي عامر سان ڳالهہ ڪرايو اوهان ڪير آهيو ڳالهايو ڇو نہ ٿا“ ڪال ڪٽجي وڃي ٿي... ڪير ٿو ٿي سگهي... ؟ٻيهر ڪال ڪري فون ڪن تي رکي ٿي تہ بيلنس ختم ٿيڻ جو ميسج ٻڌي واڙجي ٿي وڃي ٿي ”هي ڇا!!! پئسا بہ ڇٽ ٿي ويا ۽ رابطو بہ ڪو نہ ٿيو.“

سامهون ڪولڊ ڪارنر ڏسي اڄ وڏي وڃيس ٿي. دڪاندار کان پاڻيءَ جي بوتل وٺڻ لڳي ٿي. ٺيڪ ان وقت سندس ڄاتل سڃاتل آواز ڪنن تي پوي ٿو. ”يار توهان سمجهو ڪو نہ ٿا، مزو بہ هفتو پندرنهن ڏينهن نہ، آئي ڏينهن در تي بيٺي آهي. مون کان وڏيڪ مزا پاڻ تي ماڻي وري شام جو پنج سئو ڏي، گهر ۾ ڪجهہ ڪو نهي. روز روز پئسا ڏبا آهن ڇا! وڃي ڪو ٻيو در تاڙ اسان توسان ڪوٺ واڏ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

۾ ٻڏل آهيون. پر سمجهي ڇا هلي هئي عشق ڪرڻ باقي يار! توهان واهه جو ڊرامو ڪري ڏيکاريو ائين پئي لڳو ڄڻ واقعي پاڙي وارا هجو.“

آواز سڃاڻڻ ڪانپوءِ هوءِ جيئن ئي ڪاوڙ مان اوڏانهن ڪنڌ ڦيري ٿي ته سامهون عامر کي انهن ئي ماڻهن سان گڏ ايندي ڏسي ٿي جن ڪجهه ٽائم پهرين فليٽ نمبر 21 ۾ هيرو شيما جيڏي تباهي آندي هئي. ڪي پل ته کيس ويساهه نه پئي آيو ته عامر ساڻس اهڙو به سلوڪ ڪري سگهي ٿو... ٻي ڪن ۾ اندر جي باهه پڙڪي پويس ٿي اکين ۾ رت لهي اچيس ٿو ۽ ڪاوڙ مان سڄو بت ٿڙڪڻ لڳيس ٿو هيءَ اجان ڪجهه چوي، عامر جي هن تي نظر پوندي ئي ان جي نظرن جا جهنڊا جهڪي ٿا وڃن. هوءَ بت جي سموري سگهه سهيڙي عامر ڏانهن وڌي ٿي. ڪجهه وقت پهرين هراسيل هرڻي، هاڻي مڃريل شينهڻ بڻجي پوي ٿي. عامر کيس اهڙي انداز سان پاڻ ڏانهن وڌندي ڏسي وائڙو ٿي وڃي ٿو. ان ڪان پهريان جو عامر ڊپ منجهان پڙڪو ڏئي اڏامي وڃي، شڪاري باز جيان جهڙپ سان هن جا ٻئي هٿ عامر جي ڳلي ۾ پئجي وڃن ٿا. عامر موت جي ڊپ کان پاڻ بچائڻ لاءِ دانهن ڪري ٿو پر عامر جي دانهن سندس ڪاوڙ جي گجگوڙ ۾ دٻجي وڃي ٿي.

جذبات جي باهه ۾ ٺهڪندي عامر تي ٺڪن، مُڪن جو وسڪارو لائي ٿي ڏئي. گڏوگڏ ڇرين وانگر دانهون ڪندي چوي ٿي، ”مان عام طور تي 5 هزار وٺندي آهيان ان حساب سان مون کي حساب ڏي، 30 ڏهاڙين جو جيڪي مون تو جهڙي بي قدر ۽ ناشناس قسم جي ماڻهوءَ تي خرچ ڪيون آهن. هاڻي جو هاڻي، منهنجو حساب ڪر. ٻي صورت ۾ مان توکي زنده نه ڇڏينديس.“ هن جي رڙين تي ماڻهن جو حجوم گڏ ٿي وڃي ٿو پر هاڻي هن جو پنهنجو پاڻ تي وس نٿو هلي هاڻي هن کي ڪنهن جو ڊپ رهيو ئي ناهي نه، ماڻهن جو نه پوليس جو ۽ نه ئي عزت جو... هوءَ عامر کي ڌڪ هڻڻ سان گڏ حساب ڏي جون دانهون ڪندي رهي ٿي. ۽ ايتري تائين جو ٻي حال بڻجي ڪري ٿي پوي.

***



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# پي ايس 57

علي شيراز جو شمار ملڪ جي اهم ترين سياستدانن ۽ سينيئر پاليامينٽرين ۾ ٿئي ٿو. زندگي جون چاليهہ بهارون پاور پاليٽيڪس  ڪي انجواءِ ڪندڙ علي شيراز اڃان يونيورسٽي جي فرسٽ ايئر ۾ هو تہ سندس والد نواب علي تعمير خان دل بيهي وڃڻ ڪري بي وقتو چالاڻو ڪري ويو هو. جنهن ڪانپوءِ خانداني ۽ سياسي وارث جي  طور علي شيراز کي پڳ ٻڌرائي وئي هئي. هوئنئن تہ علي شيراز کان وڏو  ڀاءُ پروفيسر علي رياض وڌيڪ پڙهيو لکيو ۽ سمجهدار هو مگر نواب علي تعمير خان پنهنجي حال حيات ۾ ئي خانداني پڳ ۽ سياسي وارث علي شيراز کي ئي ڊڪليئر ڪري ويو هو. ڇاڪاڻ تہ نواب علي تعمير موجب علي شيراز ۾ ڪجهہ داڻا نظر اچن ٿا. جڏهن تہ پروفيسر علي رياض، پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پڙهيو لکيو ۽ باشعور نوجوان هو جيڪو پنهنجي پيءُ نواب علي تعمير جي روائتي سياست ۽ عام ماڻهن سان ٿيندڙ رويي جو سخت بلڪ بي رحمي جي حد تائين مخالف هو. پيءُ جي ڪارنامن ۽ عام ماڻهن سان ٿيندڙ ورتاءُ تي ڪڏهن ڪڏهن تہ سخت احتجاج بہ ڪندو هو پر ڇا ڪجي پيءُ تہ آخر پيءُ آهي ان سامهون گهڻو ڪجهہ چاهڻ باوجود خاموش رهڻ کي ترجيح ڏيڻي پوندي آهي. علي رياض کي جيتري بہ وٽي ملندي هئي تہ هو غريبن جي ڪم اچڻ جي ڪوشش ڪندو هو اهو ئي نہ بلڪ غريب شاگردن جي وڏ ۾ وڏ مدد ڪندو هو ايتري تايئن پڙهائي جو شوق رکندڙ شاگردن کي پاڻ ويهي پڙهائيندو هو. جنهن تي علي تعمير کي ڪاوڙ لڳندي هئي. ڪوڙ موقعن تي نواب علي تعمير  پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي علي رياض کي پنهنجي خانداني حيثيت ياد ڏياريندو هو. پر علي رياض انسانيت جي خدمت ۽ شعور ۾ حصو هر ڪنهن واري عشق ۾ ورتل هو تنهن پنهنجي پيءُ جي هڪ بہ ڪو نہ ٻڌي. جڏهن تہ نواب علي تعمير رياض کي اڻ ٻالوءِ چرياڻ چئي خانداني پڳ ۽ سياسي ورثو سنڀالڻ جا داڻا پنهنجي ننڍي پٽ علي شيراز ۾ ڏٺا ۽ ان کي ئي سياسي حلقن ۾ متعارف ڪرائڻ لڳو هو. علي رياض کي پنهنجي ڀاءُ علي شيراز جي جان نشين مقرر ٿيڻ کان وٺي خانداني پڳ ملڻ وارن سمورن فيصلن تي ڪو بہ اعتراض ڪو نہ هو. هو تہ فقط خلق خدا جي تڪليف ختم ڪرڻ بابت سوچيندو هو.

علي شيراز پهرين ڀيري پنهنجي والد نواب علي تعمير جي وفات کانپوءِ پنهنجي خانداني سيٽ خالي ٿيڻ کانپوءِ ننڍي چونڊ وسيلي ايم پي اي طور چونڊ  جي فلور تي پهتو هو. تڏهن سڀ کان ننڍي عمر واري اسيمبلي ميمبر طور سڃاڻپ ملي هئس ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ملڪي سياست ۾ جوڙ توڙ جي ماهر ۽ اهم مهرو تصور ٿيڻ لڳو  هو پنهنجي پارٽي ۾ ايتري تہ  شهرت ۽ عزت ملي هئي جو ايتري سندس پيءُ کي بہ ڪو نہ ملي هئي جيڪا هن ٿوري ئي عرصي ۾ حاصل ڪري ورتي هئي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پارٽي جي اهم فيصلن سميت ٽڪيٽن جي ورهاست کان ويندي هر ننڍي وڏي فيصلي ۾ پارٽي علي شيراز جي راءِ کي اهميت ڏيندي هئي. هڪ ڪان وڏيڪ پيرا پارٽي جو صوبائي صدر ۽ مرڪز تي مختلف عهدن سميت ڊپٽي چيئرمين پڻ رهيو آهي. جڏهن ته هڪ پيرو سي ايم به پيرا صوبائي وزير هڪ پيرو وزيراعظم جو سياسي صلاحڪار ۽ به پيرا وفاقي گهرو وزارت جا قلمدان علي شيراز وٽ رهيا آهن.

علي شيراز جنهن پنهنجي حيثيت ۾ وڏن جي ٻاريل لاٽ کي اجان وڏيڪ مضبوط ڪيو. هن پنهنجي والد علي تعمير خان کي ڏٺو ڪاپي ڪئي اهي سپ گيسٽ ۾ شوق هئا جيڪي هنن جي مرحيات پيءُ ۾ هئا. ڪائڻ ۾ پيئڻ جي شوق کان ويندي جانور پالڻ ۾ عورتون ويهارڻ وارين خوبين جي به هنڌين ماڳين هاڪ هئس. ٽي شاديون ڪيون هئائين سنگت جو سلسلو ته ڳڻپ کان مٿي هو پروفيسر علي رياض پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي پيٽ ۾ مڪمل الڳ نيچر ۽ طبيعت جو مالڪ هو ۽ پنهنجي ڪل ۾ مست رهڻ وارو ماڻهو هو. علي رياض پنهنجي والد توڙي ننڍي ڀاءُ علي شيراز جي هر ان فيصلي جي مخالفت ڪندو آهي جيڪو عوام الناس جي خوشين خلاف هو. علي رياض سدائين ٻين جي لاءِ جيئڻ ۽ سماج ۾ بيداري لاءِ رات ڏينهن جاڪوڙي رهيو هو ته علي شيراز پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلندي ٻين جي وات مان گرهه ڪيڻ لاءِ آتو نظر ايندو هو.

اهڙي طرح ٻئي ڀائر شوقن کان ويندي عملن ۽ افعالن ۾ هڪٻئي کان الڳ هئا. خانداني ۾ سياسي حريف منيب انوار به ڪو گهٽ ماڻهو ڪو نه آهي. ٻئي خاندان جيترا سگهارا آهن ان کان ڏهوڻ تي هڪ ٻئي جا روائتي حريف ۽ مخالف پڻ رهيا آهن ٻنهي خاندان جي اهڙي رسا ڪشي ۽ مخالفت به پيڙهين سان گڏ پروان چڙهي آهي اهو ئي نه بلڪ هڪٻئي کي گهٽ ڏيکارڻ ۽ هارائڻ لاءِ ڳري کان ڳرو قدم کڻڻ لاءِ تيار رهندا آهن. ايتري تائين جو هر حد اڪرڻ لاءِ به تيار ٿي ويندا آهن.

سياست لاءِ عام تاثر اهو جڙيل آهي ته سياست جهڙي ريت ماڻهو کان هانو ۾ هٿ وجهڻ وارا فيصلا ڪرائيندي آهي. انهن فيصلن لاءِ عام حالتن ۾ ڪير سوچي به ڪو نه ٿو سگهي علي شيراز پنهنجي روائتي حريف منيب انوار کي شڪست ڏيڻ لاءِ هن پيري هر گُر استعمال ڪرڻ جو سوچي ويٺو آهي. ٻنهي خاندانن ۾ سدائين ڪاٽي جو مقابلو ٿيندو آهي ۽ هار جيت به آڱرين تي ڳڻپ جيتري فرق سان ٿيندي آهي. منيب انوار ۽ علي شيراز جيڪي هڪٻئي جا گذريل 5 پيڙهين کان مخالف آهن سي اليڪشن جي مند ۾ هڪٻئي کي شڪست ڏيڻ لاءِ ننهن چوٽي جا زور لڳائيندا ئي نه آهن بلڪ هر محاذ تي هڪٻئي کي هارائڻ لاءِ سرگرم رهن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن ته ائين به ٿيندو آهي جو سڀ ڪجهه لٽائڻ باوجود ماڻهو کي شڪست سان ملاقات ڪرڻي پوي ٿي. بلڪل ائين جيئن گذريل به اليڪشنن ۾ وڏين ڪوشش باوجود ٻئي پيرا شڪست علي شيراز جي حصي ۾ آئي هئي. پر هن پيري علي شيراز اهو سڀ ڪجهه نه ٿو چاهي ۽


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

پنهنجي سوچ کي يقيني بنائڻ لاءِ هر وڏو قدم کڻڻ لاءِ تيار رهي ٿو ۽ پنهنجي سڳهاري ۽ خانداني حريف کي شڪست ڏيڻ جو پڪو پهه ڪري چڪو هو.

منيب انوار حڪمران ڌر جو ڪامياب وزير آهي. جنهن علي شيراز کي عتاب هيٺ رکيو آهي هر ممڪن ۽ هر حد تائين علي شيراز کي مالي ۽ سياسي نقصان رسايو آهي. تنهن ڪري علي شيراز مالي حوالي سان ڪمزور ضرور آهي پر پوءِ به هو هن ڀيري هر صورت ۾ منيب انوار کي شڪست ڏيڻ جو فيصلو ڪري ويٺو آهي ۽ هر داءُ هٿان وڃائڻ نه ٿو چاهي. مخالف کي هارائڻ لاءِ سڀ کان سڳهارو اليمينٽ ٿي پيو آهي اليڪشن سميت مڙني سياسي سوين لاءِ پئسو اهم ٿئي ٿو. جيڪو علي شيراز وٽ هن ڀيري منيب انوار جي ڀيٽ ۾ هن ڀيري تمام گهٽ آهي ڇاڪاڻ ته به ڀيرا اليڪشن ۾ شڪست سبب هڪ طرف وڏو مالي نقصان پهتو آهي مٿان وري نوٽ ڇاپڻ وارا پڻ سڀ در بند رهيا آهن. پيسو پاور ڪانسواءِ ڪمائڻ مشڪل ٿي نه بلڪ ناممڪن آهي.

علي شيراز پنهنجي پيسي واري کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي وڏي ڀاءُ علي رياض کان مدد گهري ٿو جنهن لاءِ علي رياض پڻ حامي ڀري ٿو. پر وڏي ڀاءُ ڀاران ٿيندڙ مدد مان علي شيراز جو ڪجهو چڙهندي نظر نه ٿو اچي. تڏهن هو پنهنجي ڀاءُ کان ڊفينس فيز 2 وارو بنگلو گهري ٿو جيئن وڪڻي اليڪشن جا خرچ هلائي سگهي. پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي هر ممڪن حد تائين مالي مدد لاءِ حامي ڀريندڙ علي رياض ڊفينس وارو گهر ڏيڻ کان اهو چئي انڪار ڪري ٿو ته ڇاڪاڻ ته اهو گهر ردا جو آهي ۽ هو پنهنجو گهر وڪڻڻ لاءِ تيار ناهي.

پنهنجي وڏي ڀاءُ جي اهڙي جواب ملڻ تي علي شيراز کي ڏاڍي ڪاوڙ اچي ٿي پر هو پنهنجو پاڻ تي ضبط آڻيندي وراڻي ٿو ته ردا هوندي به اڳ پوءِ سندس ننهن ٿيڻ واري آهي. تنهن ڪري اهو گهر هوندي به هن جي ئي ملڪيت ۾ شمار ٿيندو. ان ڪري ڪيس اهو گهر وڪڻڻ جي اجازت ڏني وڃي هو پنهنجي سڳهاري مخالف منيب انوار کي شڪست ڏئي سوڀاري ٿيڻ ڪانپوءِ ڇهه مهينن اندر ساڳيو گهر يا وري ان کان به سٺو گهر ردا کي وٺي ڏيندو علي رياض مجبوري ظاهر ڪندي صاف صاف انڪار ڪندي چوي ٿو ته اهو گهر سندس نياڻي جي نالي آهي ۽ ان جي مرضي ۽ اجازت ڪانسواءِ هڪ سر به وڪڻي ڪو نه ٿو سگهي. ردا جي نالي علي رياض جو انڪار علي شيراز جي انا کي مجروح ڪرڻ لاءِ ڪنهن بارودي سرنگهه جو ڪم ڏئي ٿو. پر علي شيراز دل جو درد دل ۾ سانڍي خاموش ٿي وڃي ٿو.

اليڪشن جي تاريخ ويجهو ايندي ئي چونڊ مهم تيز ٿي وڃي ٿي هر اميدوار ميدان ۾ ڪڏي پوي ٿو. ورڪ دوران هڪ طرف ماڻهن سان نوان واعدا ۽ پراڻين غلطين سڌارڻ جا واعدا وچن ٿي رهيا آهن. ته ٻي طرف تڪ جا سمورا مسئلا حل ڪرڻ جون دعوائون ٿين ٿيون تڪ کي ماڊل تڪ بڻائڻ تعليمي معيار سڌارڻ ۽ پڙهيل لکيل نوجوانن کي روزگار جا قول اقرار ڏين ٿا.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هڪ ڏينهن علي رياض ڪي ملڪ ڇڏڻ واريون فون تي ڌمڪيون ملن ٿيون. علي شيراز پنهنجي ننڍي ڀاءُ علي شيراز وٽ پهچي ٿو. ۽ اهڙو ذڪر ان سان ڪري ٿو.

علي شيراز پنهنجي وڏي ڀاءُ پروفيسر رياض ڪي مليل ڌمڪين جي الزام سنئون سڌو پنهنجي سياسي حريف منيب انوار تي مڙهي ٿو ۽ پريس ڪانفرنس وسيلي منيب انوار ڪي سطحي حرڪتن کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪندي چوي ٿو مخالفن اگر اهڙي ڪريل حرڪت ڪئي ته هو ان کان به وڌيڪ خطرناڪ قسم جي جواب ڏئي سگهن ٿا. هنن وٽ پنهنجي دفاع ۽ بقا جي سگهه آهي تنهن ڪري مخالفن ڪي نيچ حرڪت ۽ پنيان وار ڪرڻ واري پاسي کان پرهيز ڪن. نه ته هوءَ هر قسم جي جوابي ڪارروائي ڪرڻ جي سگهه رکن ٿا. ٻڇڙ وارا ناهن علي شيراز نه رڳو اهو پر اليڪشن ڪميشن ڪي وٽ پڻ احتجاج نوٽ ڪرائيندي مخالفن خلاف اهڙي ڪريل حرڪت تي ڪارروائي جي اپيل ڪري ٿو جنهن تي اليڪشن ڪميشن منيب انوار کان سختي سان پڇاڻو ڪري ٿي منيب انوار پاڻ تي لڳل هر الزام ڪي سختي سان رد ڪندي چوي ٿو هو اهڙي ڪنهن به ڪريل حرڪت ۽ چورن وانگر پنيان وار ڪرڻ واري ڪنهن به ڪارروائي جو حصو ناهن اهڙي قسم جا الزام هٽي مخالف اسان جي سياسي ساخ متاثر ڪرڻ لاءِ گهري سازش ڪئي پئي وڃي. اليڪشن مهم دوران ٻنهي ڌرين طرفان ڏي سوال ۽ وٺ جواب جو سلسلو هلي رهيو هوندو آهي ته اوچتو هڪ ڏينهن اليڪٽرانڪ ميڊيا تي بريڪنگ نيوز هلي ٿي. امن پسند پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ علي شير جو وڏو ڀاءُ ۽ ناليواري سماجي ڪارڪن پروفيسر علي رياض اڻ ڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويو.

پروفيسر علي رياض جي مارجڻ جي خبر علائقي ۾ باهه وانگر پکڙجي وڃي ٿي. علي شيراز ڀاءُ جي قتل جو الزام منيب انوار تي مڙهيندي ڪيس بنا دير گرفتار ڪرڻ جي گهر ڪري ٿو پروفيسر رياض جي اوچتي قتل تي علائقي ۾ گوگاءُ ٿي وڃي ٿو تقريبن هر ماڻهو ڏک جو اظهار ڪندي قتل جي مذمت ڪري ٿو. منيب انوار پاڻ تي لڳل الزام سختي سان رد ڪندي هرڀاءُ پلاند ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. علي شيراز اليڪشن ڪميشن ۽ عدالتن ڪي ازخود نوٽيس وٺڻ سان گڏ منيب انوار جي چونڊ وڙهڻ تي پابندي مڙهي فورن گرفتار جو مطالبو ڪري ٿو. امن پسند پارٽي ۽ ان جا ڪارڪن پروفيسر رياض جي قتل خلاف سخت احتجاج ڪندي روڊن تي نڪري ٿا اڇن صورتحال خراب ٿيڻ واري حد تائين مسئلو وڏي وڃي ٿو.

عدالت جاچ ٽيم جوڙيندي حتمي فيصلي اچڻ تائين منيب انوار ڪي سياسي سرگرميون معطل رکڻ جون هدايتون جاري ڪري ٿي. هوڏانهن موقعي جو فائدو علي شيراز پنهنجي مخالف منيب انوار خلاف ڀرپور مهم ٿو هلائي. جڏهن ته منيب انوار وقتي طور تي پريشان ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجو سڄو ٽائيم پروفيسر علي رياض جي قاتلن جو سراغ لڳائڻ ۾ لڳي وڃي ٿو. علي شيراز عدالتي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

فيصلو ملڻ ڪانپوءِ منيب انوار جون سرگرميون ملتوي ٿيڻ ڪانپوءِ جو ڀرپور فائدو وٺي ٿو. جنهن سبب منيب انوار جي تڪ ۾ پوزيشن انتهائي ڪمزور پئجي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته علي رياض واحد ماڻهو آهي جنهن جي علائقي ۾ بنا ڪنهن فرق ۽ نمبر پليٽ لڳائڻ جي انسانيت جي بنيادن تي علائقي جي ماڻهن جي مدد ڪئي آهي. اهوئي سبب هو جو علائقي ۾ پروفيسر رياض کي انتهائي احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو پنهنجي برادري ۽ حلقن جيترو احترام منيب انوار ۽ ان جي برادري ۽ انهن جي اثر هيٺ رهندڙ ماڻهو به ڪندا هئا.

اليڪشن مهم تان موٽندي علي شيراز جي ڊرائيور ۽ انتهائي ويجهو رهندڙ منٺار کان تازو لاٿل گاڏي وڃي ڪنهن بلڊنگ سان لڳي ٿي. جنهن ڪري گاڏي مڪمل تباهه ٿي وڃي ٿي. تازو لهرايل گاڏي جي حالت ڏسي علي شيراز آئوٽ آف ڪنٽرول ٿيندي پنهنجي انتهائي راز دار ۽ ڊرائيور منٺار تي نه رڳو تشدد ڪري ٿو پر نوڪري کان به ڪڍي ڇڏي ٿو. منٺار جنهن هيل تائين نه ڄاڻ ڪيترا ڀيرا تذليل جو منهن ڏٺو هو پر هن ڪڏهن به علي شيراز کي ڇڏڻ جو ڪون سوچيو هو. ماڻهو کي ڪنهن مهل به پنهنجي هجڻ جو احساس ٿيندو آهي پهرين ڀيري منٺار کي ذلت جو احساس ٿيس ٿو. ۽ منٺار بنا ڪنهن ڳالهائڻ جي چپ چاپ نوڪري ڇڏي هليو وڃي ٿو. جنهن تي علي شيراز کي اڃان وڏيڪ ڪاوڙ اچي ٿي ۽ ڪيس علائقو ڇڏڻ جو به حڪم ڪريس ٿو اها ڄاڻ جڏهن منيب انوار کي ملي ٿي اهو بنا وقت هٿان ضايع ڪرڻ جي منٺار سان رابطو ڪري ٿو ۽ ڪيس پاڻ وٽ نوڪري آفر ڪري ٿو. سڀني پڳهار ۽ ٻيون سهولتون حاصل ٿيڻ ڪري منٺار بنا دير منيب انوار جي آڇ قبول ڪري وٺي ٿو. ۽ پوءِ اليڪشن کان هڪ ڏينهن پهرين پروفيسر رياض جي قاتلن بابت منٺار سمورن ثبوتن سان عدالت آڏو پيش ڪري ٿو. ڪورٽ منٺار جي بيان ٻڌڻ ڪانپوءِ علي شيراز کي ياءُ پروفيسر رياض جي قتل ڪيس ثابت ٿيڻ تي گرفتاري جا حڪم جاري ڪري ٿي. جنهن جي جواب لاءِ علي شيراز وٽ ڪي به دليل نه ٿا هجن ۽ پوءِ ڳالهه بلڪل کلي اچي ٿي ته علي رياض کي قتل ڪنهن ٻي نه سندس سڳي ڀاءُ قتل علي شيراز ڪرايو آهي. جنهن تي عدالت علي شيراز کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ ان جي اليڪشن ورهڻ تي پابندي مڙهڻ جو فيصلو ٻڌائي ٿي.

❊❊❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ڪونج ڪاڏي وئي؟

ابي مرحوم جي اوچتي چالاڻي ڪانپوءِ وڏي عرصي تائين اسانجون ذهني توڙي مالي حالتون پنهنجي جاءِ تي ڪون رهيون هيون. توڙي جو اسان ٻئي ڀائر ابي جي پيٽ ۾ وڏيڪ ڪمائڻ لڳا هئاسين پوءِ بہ خبر ناهي ڇو سدائين گهر ۾ ڪجهہ کٽل رهيو آهي. اڄ بہ امڙ ابي جي هٿن ۾ برڪت ڳڻائيندي ڳوڙهن جي پيتا ڏيندي ڪيس ياد ڪري پنهنجي اندر جو درد هلڪو ڪري وٺندي آهي. امڙ هر معاملي کي ابي جي دور سان ڀيٽي خوشحالي جا منظر ڳڻائيندي رهي ٿي.

ابو پنهنجي زماني ۾ پن جي ٻيڙين ٻڌڻ جو شاهہ ڪاريگر استاد سمجهيو ويندو هو. اهو ئي سبب هو جو هر سيٺ ابي کي پنهنجي پاندي تي ڪم ڪرڻ لاءِ چوندو هو. پر ابو هر ڪنهن کي هٽ جوڙي هڪڙو ئي جواب ڏيندو هو. سيٺ ٻچڙن جي روزي ٽئي پئي. ڪا لوڙهہ ٿئي تہ اول اوهان کي عرض ڪبو ٻيو ڪير آهي منهنجو.

اسانجي ٻيڙين جي مانڊڻي بلاول پارڪ چوڪ واري ڪنڊ تي هئي. جنهن ۾ مشڪل سان ڪجهہ سيني براندن جا 15_20 سگريٽن جا پيڪيٽ، هڪ اڌ برني ڪٽمنڙن (ٽافين) جي ۽ هڪ برني ڪيڪن جي هئي باقي ماندڙي ۾ پن جي ٻيڙين جا پڙا رکيل هئا. ٻيڙين جا پڙا هر ٻي ڏينهن مان ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ فتو گڏجي سيٺ چاچي بالو جي مانڊي تي ڏئي ايندا هئاسين جتان وري ڪجهہ ٻيڙين ٻڌڻ لاءِ پن ۽ ڪجهہ رقم ملندي هئي جنهن مان گهر جو سيڌو سامان وٺندا هئاسين. هونئن تہ ابي جي مانڊڻي تي ڪافي سارا ماڻهو ايندا هئا جنهن وقت ڏس هڪ اڌ ماڻهو ويٺل هوندو هو. جن سان ابو يڪو ويهي ڳالهائيندو هو. پر چاچا سيٺ بالو ۽ چاچا حبن جنهن کي ابو ماستر حبن چوندو هو. اهي ٻئي ماڻهو اهڙا هئا جن کي ابو چينڪ ۾ چانهہ ۽ هڪ ننڍي پن جي ٻيڙي هر حالت ۾ پياريندو هو. اسان پوري ڄمار ۾ چاچا بالو کي ڪڏهن بہ چڱو ڪپڙو پائيندي نہ ڏٺوسين. جڏهن تہ چاچا حبن هميشہ ويل ڊريسڊ رهندو هو ۽ روزانہ شيو بہ ڪندو هو. چاچا حبن ڏاڍو سهڻو مڙس هو جيڪي بہ ڪپڙا پائيندو هو مٿس ڏاڍا ٺهندا هئا. ابو سڄو ڏينهن مانڊڻي تي ٻيڙيون ٻڌندو هو. ابي جي گيراهڪن جي اڪثريت سندس دوستن جي هئي جنهن سان سياست سميت، مختلف سياستدان ۽ انهن جي ڪمن تي بحث ڪندو رهندو هو. جيڪي ٻاراڻي زماني ۾ اسان کي ڳالهيون سمجهہ ڪون ايندڙيون هيون. مان ۽ فتو اڪثر ڪري سوچيندا هئاسين تہ اڪثر آخر مسئلو ڪهڙو آهي جو ابي وارا ايڏو زور سان ۽ جهيڙي ڪرڻ واري انداز سان ڳالهائن ٿا. شروع شروع ۾ تہ اسان کي وڙهڻ جو گمان ٿيندو هو پر پوءِ اسان بہ ان سُر کي سمجهي ويا هئاسين چاچا حبن سان سدائين پنهنجي ننڍي ڏيءُ ڪونج گڏ هوندي هئي ڪونج هر وقت سينگاريل رهندي هئي اسان ڪڏهن بہ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪونج کي ميري حالت ۾ ڪو نه ڏٺو بلڪل ٻاڙهي رهڻ واري گڏي لڳندي هئي. شروع شروع ۾ ابي ۽ چاچا ماستر حبن جي هر ڳالهه ۾ سنڌ جو ذڪر گهڻو ٿيندو هو جنهنڪري مان ۽ فتو اهو سمجهندا هئاسين ته سنڌ شايد ڪونج جي ننڍي ڀيڻ آهي ان ڪري ابي وارا رڳو ان جون ڳالهيون ٿا ڪن. ڪونج ماڻهڻي تي هوندي هئي ته هر اينڊڙ ماڻهو ڪونج کي پيار ڪندو هو. سنڌ به اسان کي ڪونج جهڙي سهڻي ۽ سنڍڙي ڇوڪري لڳندي هئي. مان ۽ فتو اڪثر پر پٺ ڪونج تي ڳالهائيندا هئاسين. نه ڄاڻ ڇو مون کي خوف لڳندو هو ته ڪونج ايتري صاف ستري آهي مٿي سان راند ڪندي ميري نه ٿي وڃي. ڪونج به اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ڪندي هئي. جو اسان حيران هوندا هئاسين ته ايتري ننڍڙي ڇوڪري اهڙيون ڳالهيون ڪيئن ٿي ڪري سگهي.

ماستر حبن ۽ سيٺ بالو واحد ماڻهو هئا جن کي ابو زبردستي ويهڻ لاءِ چوندو هو. پوءِ به نه ويهندا ته سدائين هڪڙو جملو چئي ويهاري ڇڏيندو هو. يار ويهه ته وات به وڙهايون ۽ وات ڪوڙو به ڪريون ۽ پوءِ مون کي چوندو هو. ابا جلدي سان ڇينڪ ۾ چانهه چئي اچ ۽ پوءِ مان ڊوڙندو سائين صالح شاهه جي هوٽل تي چانهه جو آرڊر ڏئي ايندو هئس. چانهه پيئڻ کانپوءِ جلدي سان پن جي بيڙي دڪائي به تي لاڳيتا وڏا ڪش هڻڻ کانپوءِ بيڙي سامهون واري کي ڏيندو هو. ابو اهڙي شاهه خرچي رڳو چاچي بالو ۽ چاچي حبن لاءِ ڪندو هو.

ابو سيٺ بالو ۽ ماستر حبن سان رانديون ڪندي جوان ٿيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڳالهين ئي ڳالهين ۾ جواني جي سمنڊ جي لهرن ۾ لڙهي الاءِ ته ڪهڙي وڃي پار پڄندو هئا. تڏهن انهن جي ڳالهين ۾ سوين رولاڪيون ۽ تڪليفن جا ذڪر انهن بي ڇهرن تي تڙڳندي نظر ايندا هئا.

ان زماني ۾ منهنجي دل چوندي هئي ته سڄي ڄمار ڪونج سان گڏ راندي ڪندي گذاري ڇڏيان. منهنجي دل ته اها به چوندي هئي ته ڪونج جي گهر وڃي ان جي ننڍي ڀيڻ سنڌ کي ڏسان. پر اهو سڀ ڪجهه ان ڪري به نه ڪري سگهندا هئاسين ته ابي کي ماڻڍي تان هڪ لمحو به فرصت ڪو نه ملندي هئي جڏهن ته مان ۽ فتو اڪيلا انهن جي گهر ڪو نه وڃي سگهندا هئاسين. ڇاڪاڻ ته اسان ٻنهي پنهنجي گهر جي رستي کانسواءِ ٻيو ڪجهه ڏٺو هو ته اهو هو چاچي بالو جي بيڙين ٻڌڻ وارو ڀاڻو. جتي اڪثر ڪري چاچا بالو پنهي اگهاڙي ڪري ويٺل ملندو هو. چاچا ماستر حبن ۽ بابو جڏهن به اڪيلا ٿيندا هئا تڏهن ماستر حبن ابي کي چوندو هو. ٻار پڙهائين ڇو نه ٿو. عمر چڙهي ويندن پوءِ وينو هٿ هڻندين. اجايون سال ضايع نه ڪرين. . تڏهن مون کي ايترو ته محسوس ٿيندو هو ته چاچا حبن اسان بابت ڪجهه چئي رهيو آهي. مگر ڇا ٿو چوي سا ڳالهه سمجهه ۾ ڪو نه ايندي هئي. هڪ ڀيري چاچي حبن جي وڃڻ کانپوءِ مون ابي کان پڇيو هو ته چاچا ڇا پئي چيو ته ابي رڳو مسڪرائيندي ايترو چيو هو ته هو. ماستر آهي واندو ان کي اسانجي حالت جي ڪهڙي خبر. منهنجي ٻاراڻي ضد تي ابي پن جي بيڙي دڪائي هڪ وڏو ڪش هڻڻ کانپوءِ ٿڌو ساهه کڻي چيو هئائين ته توهان کي اسڪول موڪلڻ لاءِ چوي ٿو. ان لمحي مون



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪي گڏي سان وقت وڏيڪ گذارڻ جو موقعو سمجهه آيو هو سو بنا ڪجهه سوچڻ جي چيو هيم. ابا موڪل نه اسڪول اسان ڪي. تڏهن ابي جو آواز ڳروٽي ويو هو.

وڏو ٽڏو شوڪارو پري چيو هئائين ها ابا ڏسون ٿا. خاموش ٿي ڪري بيڙي جا لاڳيتا ڪش هڻڻ لڳو هو ۽ پوءِ خاموش ٿي بيڙيون پٽڻ شروع ٿي ويو هو. ان گهڙي ابي جي چهري تي عجيب ريکائون چٽجي ويون هيون. جنهن جا عڪس ۽ معنائون مون کي سمجهه ۾ ڪو نه آيون هيون پر چهري تي اپريل درد چڱي طرح پڙهي سگهجي پيو ۽ پوءِ اها خاموشي اوستائين ڇانيل رهي هئي جيستائين ڪو ماڻهو نه آيو هو. مون کي خبر ناهي ڇو چاچا ماستر حبن سٺو لڳندو هو. مان اڪثر فتو کي چوندو هئس ته ماستر حبن اسان جو ابو ڇو نه ٿيو. ان زماني ۾ ماستر مون لاءِ ديو مالائي ڪردارن جهڙو هو. هڪ ڏينهن ابي ۽ چاچي ماستر حبن وچ ۾ ڳالهين ۽ ڳالهين ۾ ڪنهن ڳالهه تي جهيڙو ٿي پيو هو. مون پهرين ڀيري ابي ۽ ماستر حبن کي تلخ لهجي ۾ گار گند ڪندي ڏٺو هو. ابي وارن جي وچ ۾ اهڙو تلخ لهجي ڏسي مان ۽ فتو پريشان ٿي ڪري روئڻ شروع ٿي ويا هئاسين. تڏهن ابي بدران اسان کي ماستر حبن پرچايو هو. ٻي ڏينهن مان ۽ فتو صبح جو سوير مانڊٽي تي آيا هئاسين جتان ماستر حبن ۽ ڪونج سان گڏجي اسان ٻه اسڪول ويا هئاسين ان ڪانپوءِ اسان روزانو اسڪول وڃڻ شروع ڪيو هو. مون کي چٽي طرح ياد آهي ته اسان کي ڪتاب ۽ سليٽون چاچا ماستر حبن وٺي ڏنيون هيون. ڪونج سان گڏ بينچ تي ويهڻ ۾ مون کي ڏاڍو سٺو لڳندو هو.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن چاچا ماستر کي اسڪول جي ميدان ۾ ڪنهن سان جهيڙو ڪندي ڏٺو هو. جهيڙي وقت ماستر حبن جي هٿ ۾ رول هو جيڪو ان کان اڳ اسان هن جي هٿن ۾ ڪڏهن ٻه نه ڏٺو هو. چاچا حبن اڪيلو ۽ سامهون ٻه ٽي ڄڻا هئا چاچا حبن کي اسان زندگي ۾ پهريون ڪنهن سان وڙهندي ڏٺو هو. ماستر حبن جي مٿي مان رت وهڻ باوجود وڙهي رهيو هو. هڪڙي مڙسالي کي رول هٽي ڪيرائي وڌو هئائين.

۽ پوءِ ڪوڙ سارا ماڻهو اچي ويا هئا. اهڙي نموني وڙهندي ڏسي مان حيران هئس ڇاڪاڻ ته چاچا ماستر حبن سدائين هر ڪنهن سان کلي ٻاڪر پائي ملندو هو. شل نه ڪنهن کي تڪليف اچي ڏک ونڊڻ ۾ سڀ کان اڳيان ته آئي وئي کي ڀيو پارت ڪندو هو ته فلاڻي سان هٿ همراهي ڪريو. جهٽ گهڙي ويهي اچوس مطلب ته هر معاملي ۾ سڀ جي اڳيان جهيڙي ڦڏن ۾ ناهڻ لاءِ وتندو هو منٿون ڪندو ائين لڳندو هو ته ڪنهن جي جهيڙي سان چاچا ماستر جو نقصان ٿيندو هجي. ماستر حبن جي اهڙي رويي جي ڪري هر ڪو سندس عزت ۽ احترام ڪندو هو. جنهن مسئلي ۾ هٿ وجهي اهو حل. سڄو شهر ڄاڻيندو هو ته ماستر حبن هر ڪنهن جو سڄڻ آهي ماڻهو ٻه ڪيس اهڙي ئي موٽ ڏيندا هئا. اگر ڪنهن ٻي ڌوهي کي ڌوهي چئي سامهون واري کان معافي وٺڻ لاءِ چوندو هو ته اڳيون ماڻهو پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ بدران ماستر حبن جي ڳالهه رکندي معافي وٺي ڇڏيندو. اهڙو ڪرو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جو پنهنجي سڳي پيءُ کي به سڏو چئي ڏيندو هو. ڏرين کي ناهڻ وقت مجال آهي جو ڪنهن سان رياڻو ڪري. اصل ڏوهه ورهائي هڪ پاسي ڪندو هو. اصل سڏو سڏو چئي ڏيندو هو ته ڏوهارين آهين وٺينس ٿو معافي يا نه. وٺ معافي يا پوءِ شهر سڄي سان جهيڙو ٻول ۽ پوءِ سامهون واري کي انڪار جي همت ئي ڪو نه ٿيندي هئي.

جهيڙي جو ڪارڻ اسان کي سمجهه ۾ ڪو نه آيو هو پر هر ماڻهو جي واتان اهو ٻي ٻڌوسين ته ماستر حبن ايم پي اي شرجيل صاحب جي خاص ماڻهو نواز ۽ ٻين سان اسڪول جي پلاٽ تي جهيڙو ڪيو آهي.

چون ٿا نواز ٻهرين ماستر کي ڌمڪائڻ ۽ سمجهائڻ آيو هو ته پلاٽ جي معاملي تي تون خاموش رهه تون ماستر آهين پگهار سان ڪم رک شهر جي وڏي ٽيڙ جي ڪوشش نه ڪر. تنهنجو ڇا وڃي جو وتين ٿو رکواليون ڪندو. پر ماستر حبن سڌو جواب ڏنس پورو شهر ڪاڻي وڃو پر اسڪول جي پلاٽ جي انچ تي بيهڻ ڪون ڏيندس. جيڪو وٺيو وڃي ڪريو پر اسڪول جي پاسي نه لڙجو. اسڪول معنيٰ روشني ۽ مان پنهنجي شهر کي اوندهه ۾ ڪرڻ ڪو نه ڏيندس منهنجي شهر جو مستقبل سان جيڪو به کيڏندو ان کي مان بخش ڪو نه ڪندس.

ٻي ڏينهن ماستر حبن کي ايم پي اي شرجيل پنهنجي بنگلي تي گهرايو هو.

ماستر حبن ۽ ابو جيئن ئي بنگلي تي پهتا ته ايم پي ايم شرجيل ٻنهي تي ڏاڪا ٻڏي چڙهي ويو. توهانجي پيءُ جو اسڪول آهي اڙي ٽڪي جا ماستر تنهنجي ايڏي مجال جو منهنجي ماڻهن تي ٿو هٿ کڻين مرچون وجهندس ٻنهي کي اگر ٻيهر اهڙي حرڪت ڪئي اٿو.

مڙس آهن معتبر هليا آهن اسڪول ۽ شهر جو مستقبل بچائڻ.

شرجيل پنهنجي وانئي نواز کي حڪم ڪندي چوي ٿو. جلدي سان ايس ڊي او کي فون لڳاءِ ڪرايونس ٿا چني شهر بدلي جيئن اتي ويهي پٽر ميڙي ته خبر پويس نواز ادب مان چوي ٿو. حاضر سائين شرجيل ماستر کي نڪري وڃڻ لاءِ چوندي چوي ٿو. وري پلجي اسڪول ۽ منهنجي ماڻهن جو نالو ورتو اٿئي ته ڪير ڇڏائڻ وارو ڪو نه هوندئي. نڪري وڃ هتان گڏهه. ٽڪي جو ماستر هليو آهي شهر جي وارثي ڪرڻ.

ماستر حبن ۽ ابو نڪتا هئا. پر نڪرندي نڪرندي ماستر حبن مڙي شرجيل صاحب کي چيو هو. پلي مون کي ڪهرائي ڇڏيو. باقي اسڪول جي پلاٽ تي منهنجي حياتي ۾ ڪو اچي قبضو نه ٿو ڪري سگهي. توهان هن شهر جا وڏا آهيو. چونديل عوامي نمائندا ۽ منهنجي شهر جا حاڪم آهيو. منهنجي بدلي دنيا جي ڪهڙي به ڪنڊ ۾ ڪرائي ڇڏ مون کي ان جي پرواهه ناهي. پر اسان جي ايندڙ مستقبل سان نه کيڏو. ها صاحب هي آواز مون اڪيلي جو نه بلڪ پوري شهر جو آهي. شرجيل ڪاوڙمان حبن طرف ڏسڻ ڪانسواءِ چيو هو ماستر مان نه ٿو چاهيان ته تو جهڙي ٽڪي جي ماڻهو سان



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

الجهان. تو خصيص ماستر جي ڪري مان پنهنجو اميج نه ٿو وڃائڻ چاهيان . باقي هڪڙن ڳالهه ياد ڪري ڇڏ. ته هڪ ماڻهو به ڪو نه بيهندي. متان ڪنهن قسم جي ڪا تڪڙ ڪجان. مان وري به چوان ٿو صبح ماڻهو ايندا اگر ڪنهن قسم جي فشري ڪئي اٿئي پوي توکي خبر پئجي ويندي. هٽ جوڙي ماستر چوي ٿو سائين حيات موت خدا جي وس ۾ آهي. باقي اسڪول جي پلاٽ بابت سوچڻ ڇڏي ڏي. شرجيل پير ۾ ڪنيل پستل ڪڍي ٿو پر ڪيس نواز روڪي وٺي ٿو. بابا هن ماسترڙي تي ٽا گولي خرچ چو ٿا، ڪريو ڇڏيوس.

ٻي ڏينهن نواز وارا اسڪول پهچن ٿا. اتي ماستر حبن ۽ باقي شهر واسين جو رخ ڏسي نواز وارا بنا ڪجهه چوڻ جي واپس هليا وڃن ٿا. شام ستين وڳي ماستر حبن چرين وانگر دانهون ڪندو اسان جي مانڊڻي تي اچي ٿو.

اهڙي حالت ۾ ماستر حبن کي ڏسي ابو پريشان ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجائپ مان هڪل ڪري چوي ٿو ماستر گهر ڏي ته خير آهي نه ڇا ٿيو آهي جو ائين دانهون ڪندو اچين ٿو. تڏهن ماستر رڳو ايترو چئي سگهيو هو ته لاهوتي ڪونج الاءِ ڪاڏي وئي.

ابي کان ڇرڪ نڪري وڃي ٿو. ٻي ساخته چوي ٿو ڪٿي شرجيل جو منهن ڪارو ته ڪون ٿيو آهي نه ماستر حبن.

مون کي به اهڙو ئي شڪ آهي. حبن وراڻيو

هل ته ٿاڻي تي هلون. ابو ٽپ ڏئي مانڊڻي مان لهي چوي ٿو. ڏسندي ئي ڏسندي پارڪ چوڪ وٽ اڌ شهر گڏ ٿي وڃي ٿو سڀ ٿاڻي تي پهچن ٿا.

پوليس ايف آءَ آر داخل ڪرڻ بدران انڪار ڪندي چوي ٿي پهرين آڙو پاڙو جانچي اچو ائين نه ٿئي ٻارڙي ڪنهن جي گهر هجي ۽ اسان وينا شهر جي معززن تي ايف آءِ آرون داخل ڪرايون.

ايف آءِ آر پڳي ڪو نه ٿي وڃي اها ڪهڙي وقت به ڪاٽي سگهجي ٿي. بلڪ پوليس استاد حبن سان گڏ آهي. اسان کي پڻ ايڏو ئي ڏک ٿيو آهي. الله خير ڪندو پهرين توهان چڱي نموني جانچ ڪري اچو.

ان رات ابو سڄي رات گهر ڪو نه آيو هو. صبح جو سڄي شهر ۾ اها خبر هلي وئي هئي ته ڪونج گم ٿي وڃڻ جي ڪري ماستر حبن جي گهر واري گذاري وئي آهي. تڏهن پورا ٽي ڏينهن اسانجي مانڊڻي بند رهي هئي.

ڪونج جي گم ٿيڻ جو مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو. مان رڳو اهو سوچيندو هئس ته ڪونج ميري نه ٿي وڃي. منهنجي ٻاراڻي ذهن ۾ ڪونج جي گم ٿيڻ کان وڌيڪ ان جي ميري ٿيڻ جو وڌيڪ خطرو هو.

۽ پوءِ اسان جي هٿن ۾ ڪونج واپس ڪرايو جا پلي ڪارڊ هئا  پريس ڪلب آڏو احتجاج


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڪيو هو احتجاج ۾ اسان جي اسڪول جي شاگردن سميت پوري شهر جا ماڻهو شامل هئا. ڪجهه ڏهاڙن ڪانپوءِ خبر پئي ته ماستر حبن گم ٿي ويو آهي. تڏهن سيٺ بالو ۽ ابي جي واتان ماستر حبن جي هوش هليو وڃڻ جون ڳالهيون ٻڌيون هيونسين.

تنهن ڪانپوءِ ابو اسان کي روزانه پريس ڪلب تي وٺي وڃي احتجاج ڪرائيندو هو. ۽ اهو احتجاج اوستائين جاري رهيو جيستائين ابو حيات رهيو.

ابي جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ تڏهن مان ۽ فتو ميٽرڪ ۾ اچي پهتا هئاسين. ابي جي چالاٽي وقت اسان کان ڪونج ۽ ماستر حبن وسري ويا هئا. اسان ابي جي لاڏاڻي واري ڏک ۾ ورتل هئاسين اچانڪ خبر پئي ته تڏي تي شرجيل صاحب اچي ٿو. شرجيل صاحب جي اچڻ جو ٻڌي اڪثر تڏي تي وينل ماڻهو حيران رهجي ويا هئا سيني جي زبان تي هڪ ئي سوال هو ته اهو ڪيئن ممڪن آهي لاهو تي جيستائين جيئرو هو شرجيل خلاف احتجاج ڪيو هو پوءِ هي سڀ ڪجهه ڪيئن اسان اجان سڀ ان حيرت ۾ ئي هئاسين ته شرجيل وارا پهچي ويا.

شرجيل مون سان اهڙو پاڪر پائي مليو جڻ پنهنجي ڪنهن سڳي سان ملندو هجي بلڪ اهڙي طرح مون سان ڪڏهن ابو به مليو ئي ڪو نه هو.

شرجيل صاحب اٿڻ ڪانپوءِ معمول کان ڪجهه وڌيڪ ڏاڍيان ڳالهائيندي چيو ته پٽ گهڻو پڙهيل آهين.

مون هٻڪندي وراڻيو سائين ميٽرڪ ڪئي اٿم پنهنجي خاص ماڻهو نواز کي مخاطب ٿيندي چيائين شام هن کي ڪلرڪي جو آرڊر گهر وييٺي پهچائي وڃ. نواز ڪوزش واري انداز ۾ حاضر بابا چيو ۽ پوءِ سڀ هليا ويا هئا شرجيل صاحب وڃڻ وقت اسان اجان وڌيڪ حيران هئاسين شام نواز مون کي ڪلرڪي جو آرڊر ڏيڻ آيو هو. آرڊر منهنجي حوالي ڪندي چيو هئائين ڪراچي وڃڻو پوندي جيترو ٿي سگهي جلدي وڃي جوائن ڪر ۽ پوءِ ٽئين ڏينهن تي مان ڪراچي جوائن ڪرڻ لاءِ پهتس.

ڪراچي ۾ ابيءَ جي دوست چاچو خير محمد جي آسري ڪپڙا ٻڌي نڪري پوان ٿو. خير محمد پهرين ته اسان وٽ جام ايندو هو هڪ ننڍڙو ڳاڙهي ڪلر جو رسالو به ڪڻي ايندو هو. پر هاڻي جهونو ٿيڻ ڪري تمام گهٽ ايندو آهي. جڏهن چاچي خيرل وٽ پهتس ته اصل جي ۾ جايون ڏنائين ۽ پنهنجي پٽ عاليان کي حڪم واري انداز ۾ چيائين ته هن کي ڪڏهن به ڪنهن به شئيءَ جي تڪليف نه ٿيڻ گهرجي. ائين سمجهه ته هي تنهنجي پاءُ ۽ منهنجي پٽ آهي.

عاليان مون کي ڪراچي جا سڀ تفريحي هنڌ گهمائڻ شروع ڪيا. هڪ ڏينهن اسان سمنڊ تي بيٺا هئاسين ته هڪ شخص جيڪو انتهائي خراب حالت ۾ مليو. جسماني طور تي صفا ضعيف هو.

اهو شخص ڪونج ڪونج چئي هڪ طرف ڊوڙي رهيو هو ڪونج جو نالو ٻڌي هڪ لمحي لاءِ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

مان بي ساخته متوجهه ٿيس دل ست ڪاڏي ته ڏسانس ڪٿي متان ماستر حبن هجي. اهو پاڳل شخص ڊوڙي ڊوڙي وجي ڪنهن هنڌ ويهي رهي ٿو. اسان جڏهن پهتاسين تڏهن مان دنگ رهجي ويس. ڇاڪاڻ ته اهو بي حال ۽ ضعيف شخص ماستر حبن ئي هو. مان بي اختيار ٻڌجي وجي مست ملنگ ٻڌيل ماستر حبن کي پاڪر پايان ٿو ۽ عاليان کي چوان ٿو پليز منهنجي مدد ڪر ته هن کي اسپتال تائين وٺي هلون. ۽ پوءِ وڏي ڪوشش سان ماستر حبن کي اسپتال وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيون ٿا.

***



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# ستين آسمان جا فرشتا

هڪڙو زمانو هو. سڄي خاندان سميت امان ۽ بابا کي ڪم چور، رولو ۽ گهر جي ذميوارين کان لاپرواهه ۽ غير ذميوار سمجهندي هئي. اهو ئي نه بلڪ هر ايندڙ ويندڙ ماڻهو سان ور ور ڪري اهڙو اظهار به ڪندي رهندي هئي. مان سيني جو بابا ڏانهن اختيار ڪيل ورتاءُ محسوس ته ڪندو هئس پر ڪنهن کي به چئي ڪو نه سگهندو هئس. تڏهن منهنجي ٻاراڻي ذهن ۾ هڪڙو ئي خيال رهندو هو ته وڏو ٿي سيني کان بابا جو پلاند وٺندس. ان زماني ۾ مون کي امان بلڪل به سٺي ڪو نه لڳندي هئي. بلڪل خراب ۽ جهيڙالو قسم جي عورت لڳندي هئي  جو ته مون کي اهڙي قسم جون جهڳڙالو عورتون سٺيون ڪو نه لڳنديون آهن تڏهن امان هر ننڍي وڏي ڳالهه تي ابي سان جهيڙو ڪندي رهندي هئي. مان سمجهندو هئس ته امان ٻين ماين ۽ ماڻهن جي آڪڙ ۾ اچي بابا لاءِ اهڙو خراب سوچي ٿي. امان جڏهن پاڙي وارين ماين سان ڪچهري ۾ بابا لاءِ جڏهن غلط ڳالهيون ڪندي هئي تڏهن مون کي چڙائيندي هئي. اول مان امان کي اتان اٿارڻ جي ڪوشش ڪندو هئس ان جي نه هلڻ جي صورت ۾ مان پاڻ روئي ڪري هليو ويندو هئس.

امڙ جي حوالي سان جڏهن بابا سان اهڙو ذڪر ڪندو هئس ته هڪ ٿڌو شوڪارو ڀري پنهنجي اندر جي درد ۽ ڪاوڙ کي خارج ڪرڻ ڪانپوءِ مسڪرائي چوندو هو ”ديش ڀڳت“ مرشد لطيف ساڃاهه ڏيندس پاڻ مسڪين ڪٿي ٿا پڄي سگهون سامراجي قوتن کي. بابا ۽ ان جو انتهائي ويجهو دوست چاچا عابد مون کي پنهنجي اصل نالي بلاول بدران ديش ڀڳت سڏيندا هئا. هڪ ڀيري منهنجي نالي خارڻ (خراب) جي معاملي تان امان جو بابا سان پاڻي پٽ وارو ميدان به لڳي چڪو هو. ان طوفاني جهيڙي ۾ مون پنهنجي چمار ۾ پهريون ڀيرو بابا کي امان تي هٿ کڻندي ڏٺو هئو. خبر ناهي ڇو امان کي ڪٿ ڪڏهن وقت بابا مون کي خراب لڳڻ بدران ڏاڍو سٺو لڳو هو.

ان ڏينهن بابا جي اکين مان ڪاوڙ جا الا پئي نڪتا. بابا جي اهڙي ڪيفيت ڏسي هيڪاري مان ئي خوفزده ٿي ويو هئس. جنهن تي چاچا احمد امان جي پاران بابا کي ڪچيون گاريون ڏنيون هيون. پر بابا ڪچي چا جهڙو يت. بس اکيون هيٺ ڪري ڪٿ تي جيئڻ جو ويهي رهيو ته اصل هڪڙو اکر به ورندي يا صفائي ۾ ڪو نه ڳالهايائين. چاچا احمد ڪاوڙ مان بار بار هڪڙي ڳالهه دهرائي رهيو هو. تون آڻيندين انقلاب. تون پاڻ کي روشن خيال ٿو سڏائين. اڙي جن جا ننگ دربدري جي دنيا ۾ ڀٽڪن اهي ڪجهه به ڪون ڪري سگهندا آهن. چاچا احمد جون گاريون ۽ امان جو روئڻ ماحول ۾ عجيب ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي هئي، مان بي حواسن جيئن ٻاهر ڊوڙڻ لڳس ته چاچي ڪونج مون کي سنڀالي ورتو هو. چاچا احمد بابا جو وڏو ڀاءُ هو ۽ ڪونج ان جي زال. چاچي ڪونج کي پٽراڻو



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

اولاد ڪو نہ هو. ان ڪري هو مون کي تمام گهڻو پيار ڏيندي هئي. ان گهڙي خبر ناهي بابا ڇا سوچي رهيو هو پر ان جي اکين مان بيوسي جهلڪي رهي هئي هو بلڪل سچي صورتحال کان لاتعلق بڻيو وينو هو.

البتہ شام جو اوطاق تي چاچا عابد سان دل جو درد ونڊيندي سڏڪي پيو هو. ان ڏينهن مون بابا کي سڏڪندي ڏسي حيرت کاڌي هئي تہ وڏا بہ روئندا آهن ڇا!؟

اهڙي خبر ملڻ تي چاچا احمد بہ ڏينهن چاچا عابد سان اوطاق ۾ انتها ئي خراب سلوڪ اختيار ڪيو هو. تڏهن اتي موجود بابا بہ ضبط تي چاچا سان مخاطب ٿيو هو. زندگي ۾ پهريون ڀيرو هوندو جو چاچا احمد سان بابا اهڙي ڪاوڙ ڀري لهجي ۾ ڳالهائيندي ڏٺو هئم. بابا انتهائي جذباتي ٿي ويو هو. بابا ڪاوڙ مان بار بار هڪ ئي ڳالهہ ڪري رهيو هو عابد جي منهنجي دوست طور ڀلي عزت نہ ڪريو پر اوطاق تي هلي ايندڙ مهمان جي حيثيت ۾ تہ مان ڏيوس. اسان جي خانداني توڙي قومي ورثو ۾ عزتون ڏيڻ آهي. در تي هلي ايندڙ ۽ نياڻي ميڙ تي ست خون معاف ڪري ڇڏڻ تہ اسانجي ئي ورثي ۾ شامل آهي. پاڻ وڏي سان جهڪي ملڻ ۽ ننڍي سان پيار ڪرڻ بہ سنڌ جي روايت آهي. ماءُ جو مريد ٿيڻ ۽ ڀينرن جو ڏيهہ ٿيڻ کان ويندي سام تي سر قربان ڪرڻ بہ اسان وٽان ئي ٻين قومن ٻڌو هوندو ۽ توهان مهمان جي عزت نہ ٿا ڪريون. مان توهان کي ڀيءُ جو درجو ڏنو آهي. پر جيڪي پيئر روايتن کان بہ خبر هجن انهن لاءِ نفرت جي اظهار ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهجي. بابا جا اهي لفظ منهنجي ذهن ۾ نقش ٿي ويا هئا ۽ مان اڄ بہ مهمانن ۽ دوستن جو دل سان قدر ڪندو آهيان.

هڪڙو دور اهڙو بہ آيو جو گهر ۾ سڀ ڪجهہ موجود هجڻ باوجود امان ايندي ويندي گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ هجڻ جو ٻڌائڻ لڳي هئي. هڪ ڏينهن بابا کيس ڏاڍي پيار ڀري انداز سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو تہ مون کي خبر ناهي مون کي منهنجي ڪهڙي گناهہ جي سزا ملي رهي آهي. پر مئي اهو سوچ تہ زالون مردن جي عزتن جو ڍڪ ٿينديون آهن پردو ۽ پناهہ بڻبيون آهن. تون ائين ڇو ٿي ڪرين. ادا احمد گهر جو وڏو آهي ۽ گهر هلائي پيو ۽ منهنجو خيال ۾ توکي ڪا تڪليف نہ پهتي آهي پر وري بہ مان ڪوشش ڪندس في الحال هٿ تنگ آهي. ڪا راهہ نڪرڻ ڏي تڏهن امان زور زور سان دانهون ڪري چوڻ لڳي هئي تہ اگر سنڀالي نہ ٿو سگهين تہ هٽ ڪيڄ تہ اسين وچي پنهنجو بندوبست ڪريون. باقي ماني گرهہ لاءِ ڪنهن سان ياراڻي ڪو نہ ڪنداسين. امان جي اهڙي انداز تي بابا جي انگ انگ مان باهہ ڀڙڪندي ڏٺي هئم پر پوءِ بہ بابا کي ضبط جو مظاهرو ڪندي امان کي ٿڌي دل سان سمجهائي رهيو هو. ان لمحي بابا جي ڪيفيت ڏسڻ وٽان هئي. هڪ عجيب درد ۽ بي وسي جا عڪس سندس اکين مان ليئا پائي رهيا هئا. ان ئي ڏينهن چاچا احمد اسان جو خرچ بند ڪيو هو.

۽ بابا سڄو ڏينهن ٻاهر رهڻ کانپوءِ شام جو هٿين خالي آيو هو. بابا جي اچڻ وقت مون کان امان



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جو سمجهايل ڊرامو وسري ويو هو. امان جي پلان مطابق بابا جي اچڻ شرط مون کي بڪ لڳڻ جون دانهون ڪريون هيون. ۽ ماني لاءِ روٺو هو. پر مون ائين ڪو نه ڪيو ڇو ته مون کان بابا جي حالت ڏٺي ڪو نه پئي ٿي. مون چاچا ۽ امان کان بابا کي نوڪري ملڻ جو به ٻڌو هو. مان ڊرامي جو حصو نه ٿيس ته امان چاچي ڪونج کي سڏ ڪري چيو ته ادي ماني گرهه هجي ته ڏي" منهنجو ننڍڙو ٻي حال ٿي ويو آهي.

امان وارن کان وٺي اچي توکي واپس ڪنديس. چاچي ڪونج انڪار ڪندي چيو هو ته جيڪو اٽو هئو پچائي کائي ويا آهيون هن وقت ڪجهه به گهر ۾ ڪو نه آهي.

ان ڪانپوءِ بابا گهران نڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. پورا ٽي ڏينهن بابا وٽ سگريٽ ڪو نه هئا. مان مامي جمعي کان پن جي ٻيڙي وٺي آيو هئس. ان ويل بابا حيرت مان پڇو هو.

ڪٿان ڪٺي آيو آهين ۽ ڪنهن چيو اٿئي، تڏهن مون کيس ٻڌايو هو ته سندس لاءِ مامي وٽان ڪٺي آيو آهيان تڏهن مون کي ڀاڪر ۾ ڀري ڏکاري لهجي ۾ چيو هئائين، "ديش ڀڳت" تنهنجي ماءُ نه ائين سوچي ته مان پهاڙن سان به وڙهي سگهان ٿو. قوم دشمن عناصرن جي حربن مون کي ايترو پريشان نه ڪيو آهي جيترو تنهنجي ماءُ. مان تني پوندس منهنجا حوصلا جواب ڏئي ويندا لڳي ٿو مان ڌرتي جي آزادي جي رستي تي گهڻو وقت سفر نه ڪري سگهندس ۽ پوءِ خاموش ٿي ويو هو مون کي پنهنجي ٻانهن جي گهيري مان آزاد ڪري ڇڏيو هئائين. سندس اکين ۾ آلاڻ هئي. مون سواليه نظرن سان ڏٺو ته هن بنا ڪجهه چوڻ جي منهن ٻي طرف ڦيرائي ڇڏيو هو.

شام جو دير سان پڦي حُسن بانو سگريٽ جو پيڪيٽ ڪٺي آئي هئي. ابي هڪ ساهي ۾ ٽي سگريٽ لاڳيا پيتا هئا ۽ پوءِ ڪيتري ئي دير تائين بابا ۽ پڦي اڪيلائي ۾ ڳالهيون ڪندا رهيا هئا. پهريون ڀيرو هو جو مون کي بابا ٻاهر وڃن لاءِ چيو هو. مان ڪافي سوچيندو رهيو هئس ته بابا ۽ پڦي ڇا پيا ڳالهائين.

۽ ٻي ڏينهن چاچا عابد پورن پندرهن ڏينهن ڪانپوءِ آيو هو. اسانجي اوطاق بدران چاچا عابد نار واري ٻير هيٺان ويٺو هو. ۽ مان بابا وارن لاءِ پاٽي جو ڪرشو ڀري ويو هئس. چاچا عابد مون کي ڀاڪر ۾ ڀري پيار ڪندي چيو هو "ديش ڀڳت" خوش ته آهين نه. مون ڪنڌ هاڪار ۾ لوڏي ها چيو ها. تڏهن بابا منهنجي پٺي ٺپيندي چيو ته ابا شل مرشد لطيف ڪندو پنهنجي بلاول وانگر ڌرتي لاءِ قربان ٿيندين. ان زماني ۾ مون کي هڪڙو خيال بار بار ايندو هو ته مرشد لطيف اسان وٽ ڇو نه ٿو اچي. ڏن لاءِ نه وري اسان انهن جي درگاهه تي ويا آهيون. هڪڙي ڀيري بابا کي مرشد لطيف جي درگاهه تي هلڻ جو چيو هو ته بابا پيسا هٿ اچڻ لاءِ چئي چپ ڪرائي ڇڏيو هو.

۽ پوءِ ٻي ڏينهن بابا ۽ چاچا عابد ڪراچي ويا هئا. بابا جي ڪراچي وڃڻ ڪانپوءِ مان ڏاڍو اداس ٿي ويو هئس. پورا ٽي ڏينهن ته بخار ٿي پيو هئم. گهڻي پريشان ۽ اداس رهڻ ڪري امان مونکي تمام



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

گھڻو سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر مون کي هڪ پل به مزو ڪو نه پئي آيو. هر هڪ لمحي ۾ هزار ڀيرا بابا کي ياد ڪندي ان جو ذڪر ڪندو رهندو هئس. ايتري تائين جو امان وارن کي پريشان ڪري ڇڏيو هئم. ڳالهه وڃي ڊاڪٽرن تائين پهتي هئي. نيٺ آهستي آهستي بابا ڪانسواءِ رهڻ جو هنر سکي ورتم ۽ پوءِ جڏهن بابا سامهون ايندو هو ته ڊوڙي وڃي چنبڙي پوندو هئس. نه ته بس چڻ ياد ئي نه هجي.

شروع وارا ٽي مهينا بابا هر مهيني هڪ هزار جو مني آرڊر موڪليندو هو. بابا جي موڪليل هزار سان اسانجي گھر ۾ ڪو انقلاب ڪو نه آيو هو. البته ايترو ضرور ٿيو هو ته امان تمام گھڻو خوش رهڻ لڳي هئي.

بابا جي موڪليل پئسن جو ور ور ڪري پئي ذڪر ڪندي هئي.جن ماين سان بابا جون شڪايتون ڪندي هئي انهن سان بابي جون تعريفون ڪندي ڍاپجندي ڪو نه هئي. بابي جي اچڻ جو اطلاع مليو ته امان حد کان وڌيڪ خوش ٿي هئي. جيستائين بابا گھر ڪو نه پهتو هو تيستائين امان سک سان ويٺي ڪو نه هئي مون کي ڪيترائي ڀيرا چيو هئائين ڏس ته صحيح تنهنجي ابا دير چو ڪئي آهي ۽ مان ڊوڙي وڃي چاچا احمد کي چيو هو. جيستائين بابا پهتو هو اوستائين امان ويٺي انتظار ڪيو. اصل ويهڻ ڪو نه پئي آيس ڪنهن پل جهونگاريائين پي ته ڪنهن گھڙي در تائين اچ وڃ پئي ڪيائين بابا جڏهن گھر پهتو ته امان گھور ٿيڻ جي ادائن سان آجيان ڪئي هئي. مون کي ياد آهي ان رات امان ۽ بابا ڪافي دير تائين ڳالهائيندا رهيا هئا. تڏهن مون کي ائين لڳو هو چڻ ته بابا کي ڪا به امان سان شڪايت نه هجي. ڳالهين ڳالهين ۾ بابا مون کان پڇيو هو ته "ديش ڀڳت" اسڪول ويندو آهين. تڏهن مون کان پهرين امڙ جواب ڏنو هو. جي ها مان پاڻ زوانو تيار ڪري موڪليندي آهيانس. جنهن تي بابا ورندي ۾ چيو هو مني پنهنجي لاءِ سڀ کان اهم ديش ڀڳت آهي. سو نه پڙهي پيو ته اسان جي زندگي جو مقصد پورو ٿي ويندو.

ٿهه پهه امان وراڻيو هو. نواب گھرجون سڀ ذميداريون منهنجون آهن تون انهن لاءِ پريشان نه ٿيندو ڪر. مان ويٺي آهيان بابا ٻيهر ڪراچي ويو مان ۽ امان ڏاڍا اداس ٿي ويا هئاسين.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن صبح سوير جو چاچا عابد اسانجي اوطاق تي آيو هو. ان ٽائيم مان اسڪول پئي ويس چاچا عابد مون کي ڏسڻ سان ئي سڏ ڪري ٿو. مان چاچي وٽ پهتس ته هن معمول کان وڌيڪ گرم جوشي ۽ پاٻوهه مان مون کي ڀاڪر پائيندي چيو "ديش ڀڳت" جلدي سان ادا احمد کي سڏ ڪر. مان حيرت مان چاچا کي ڏسڻ لڳس ته هن ٻيهر چيو بابا دير نه ڪر. مان حيران هئس ته چاچا عابد اڳ ته چاچا احمد جو نالو ٻڌڻ پسند نه ڪندو هو ان سان ملڻ لاءِ ڪيئن تيار ٿيو اهو به ايڏو جلدي منهنجي بي خبري ۽ معصوميت ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ لاءِ جواب ڏئي وئي هئي. بابا جلدي ڪر نه بينو چو آهين. چاچا عابد جو جملو ٻيهر منهنجي ڪنن تي ٻريو ته مان بنا ورندي ڏيڻ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

جي پوئتي ٻوڙ وڌي. گهر پهتس تہ امان ڪاوڙ مان پڇيو وري ڇو آيو آهين. اڄ اسڪول نہ ويندين ڇا تڏهن وراڻيو هئم تہ چاچا احمد سان ملڻ لاءِ چاچا عابد آيو آهي. ادا عابد اهو بہ ايترو سوير!؟ خدا ڀيو خير ڪري. اڄان امان چاچي کي ڪجهہ چيو ئي ڪو نہ هو تہ سامهون کٽ تي ويٺل چاچا احمد اٿي بيهندي چيو هو. ڀاڄائي تون پريشان نہ ٿي مان ڏسي ٿو وٺانس تہ ڇو آيو آهي مان بہ چاچي احمد پٺيان اوطاق تي آيو هئس. خبر ناهي ڇو مون کي چاچا عابد بابا وانگر لڳندو هو. مون ڪڏهن بہ چاچا کي سيريس ڪو نہ ڏٺو هو. سدائين کلندو ٻوڳ مسخريون ڪندو رهندو هو. ان ڏينهن خبر ناهي ڇو چاچا حد کان وڌيڪ سيريس لڳي رهيو هو ۽ پريشان بہ.

چاچا عابد اسان کي ڏسندي ئي بي ساختہ چاچا احمد طرف وڌندي ڏک مان چيو هو. ادا احمد يار اسان سان وڇوڙو ڪري ويو.

ڇا!؟ ڇا پيو چئين ڀائو. خير تہ آهي نہ هي ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين!؟ چاچا احمد پريشاني مان لاڳيتا سوال ڪيا هئا. خير ئي تہ ناهي نہ ادا چاچا عابد وڌي اڃي چاچا احمد کي ڀاڪر پري سڏڪڻ لڳو هو. جنهن تي چاچا احمد حيران ٿيندي پڇيو پر ٿيو ڇاهي ڀاءُ ڪجهہ تہ ٻڌاءِ ادا يار نواب اسان کي ڇڏي هن پار هليو ويو. عابد جي ڳالهہ ٻڌڻ ڪانپوءِ چاچا احمد جهڙوڪر وسامي ويو هو. چاچا عابد جي ڀاڪر مان ڊرڪندي هيٺ ويهي رهيو هو. وڏي دانهن ڪندي چيو هئائين ادا تنهنجي ئي صلاح تي هتان ڪڍيومانس پوءِ بہ ساڳيا ڏينهن ڏيکارئي. هي ڇا ٿي ويو. ان کان تہ بهتر هو هتي ئي هجي ها. بس ڪر ڀاءُ يار جي ايتري ئي حياتي هئي. مون سوچيو هو تہ ڪراچي ويندو تہ انهن ڌاڙن جي نظرن مان ٽري ويندو. پر ائين نہ ٿيو. مان حيران هئس تہ ٿي ڇا رهيو آهي. چاچا وارا ڇو پيا روئن. پر چاچا احمد واتان ڪراچي ۽ هڪ هزار جو ذڪر ٻڌم تہ منهنجو خيال بابا ڏانهن ويو هو. ادا هو ظالم وڏي عرصي کان هن جي پٺيان هئا. ڪراچي ۾ جوڳي نہ ڪنهن جو مٽ سو فرشتا فائدو وٺي ويا. چاچا عابد سڏڪندي ٻڌائي رهيو هو.

بابا جي قتل جي خبر علائقي ۾ باهہ وانگر پکڙجي وئي هئي. هزارين ماڻهو آيا هئا. هر ڪنهن جي وات تي بابا جي تعريف هئي. ڪيس ايماندار ۽ بهادر اڳواڻ چئي رهيا هئا. تڏهن مون فيصلو ڪري ورتو هو تہ مان بہ ايماندار ۽ بهادر اڳواڻ ٿيندس. پر اهو هوندو ڇا آهي ان وقت مون کي ڪا بہ خبر نہ هئي. مون کي بابا جي قتل ڪانپوءِ خبر پئي هئي تہ بابا قومي ڪارڪن هو ۽ ان ڪري ئي مون کي ديش ڀڳت سڏيندو هو. تڏي تي ايندڙ هر ماڻهو بابا جي تعريف ڪندي نظر آيو هو. چوٿين ڏينهن سڀ ڪو پنهنجي ڪمن ڪارين سان لڳي ويو هو. اسانجو پورو خاندان خاص ڪري امان وڏي صدمي هيٺ هئي. تڏو ختم ٿيڻ ڪانپوءِ بہ روئندي رهندي هئي. پورو سال امان روئندي رهي هئي. بلڪ بي حال ڪيفيت ۾ هوندي هئي. امان جي مٿان تڏهن ڏکن جا جبل ڪريا هئا. جڏهن امان ۽ چاچي ڪونج ڪنهن ڳالهہ تان جهيڙو ڪيو هو. ان جهيڙي اسان لاءِ پنهنجي گهر جا در سدائين لاءِ



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

بند ڪري ڇڏيا هئا. چاچا احمد بنا ڪنهن لاڳو لحاظ ڪرڻ جي اسان ماءُ پٽن کي گهران ڪيڏي ڇڏيو هو. جنهن ڪانپوءِ اسان ماما جمعا خان جي گهر اچي رهيا هئاسين. ماما جمعو ٽرڪ تان ڪرڻ سبب هڪ ٽنگ کان معذور هو. ۽ گهر ۾ پاتين جو اڪيلو ڪمائڻ وارو هو. اسان جي گهر پهچڻ تي ماما ارهو ٿيڻ بدران خوش ٿيو هو ماما کي اجان وڏيڪ محنت ڪرڻي پئي هئي. پاڻ جو ڏکيو سکيو وقت ڪڍيو پر اسان کي تڪليف محسوس ٿيڻ ڪو نہ ڏنائين . بابا جي تڏي ڪانپوءِ مون کي چاچا عابد وري ڪو نہ مليو هو. اسان ان سان ملڻ جي ڏاڍي ڪوشش بہ ڪئي پر هو نہ مليو نہ مليو. خاص ڪري اسان تڏهن اجان وڏيڪ ڪوشش ڪئي هئي جڏهن معلوم ٿيو تہ چاچا ايس ڊي ايم بڻجي ويو آهي. ڪو حل نہ ڏسي امان مون کي چڻن جو ٿالھ ناهي ڏنو ۽ مان شهر ۾ ڪپائي شام جو پهرين پيري هڪ سو تيرنهن روپيا ڪمائي آيس ۽ پوءِ اهو منهنجو معمول ٿي ويو هو. مان روزانہ صبح جو سوير چولن جو ٿالھ کڻي نڪرندو هئس ۽ شام جو 5 بجي موٽندو هئس. منهنجي ڪمائڻ ڪانپوءِ ماما جمعا خان جو وزن ڪجهہ گهٽ ٿيو هو. مٿان وري امان جي بہ عزت وڌي هئي. مامي وارن جو احسان وارو نپو ڪجهہ گهٽيو هو. منهنجي پڙهائي ختم ٿي وئي هئي. دراصل امان تہ چاهيو پئي تہ مان پڙهان پر منهنجي دل صفا ختم ٿي وئي هئي. امان وڏي ڪوشش ڪئي پر مان اسڪول ڪو نہ ويس جنهن ڪانپوءِ امان مون کي چولن جو ٿالھ تيار ڪري ڏنو هو. هڪ ڏينهن مان چولا ڪپائيندي وڃي پريس ڪلب تي پهتس جتي سائين سرمد مليو هو. سائين سان ملڻ بہ عجيب لمحو هو. مان چولا وڪڻي رهيو هئس تہ پاهران سائين سرمد ايندي ئي مون کان ڏهہ رپين جا چولا ورتا ان دوران مون کان سائين سرمد پڇي ورتو هو تہ اسڪول ويندو آهين بابا، نہ ويندو آهيان نهہ پهہ وراڻيو هئم.

تنهنجو بابا ڇا ڪندو آهي. ابا کي ڪراچي ۾ شهيد ڪيو ويو هو. اڃا تنهنجو والد صاحب ڇا ڪندا هئا منهنجو مطلب نالو ڇا هئس. مون بابا جو نالو ورتو تہ سائين سرمد جي هٿان مان چولن واري پليٽ ڪري پئي. تون ڪامريڊ نواب جو پٽ آهين!؟ جي سائين مون وراڻيو هو. گهر ۾ ڪير ڪير اٿئي. مان ۽ امان ماما جمعي خان وٽ رهندا آهيون، مامو هڪ ٽنگ کان معذور آهي سو گذارو ڪو نہ پئي ٿيس. تڏهن امان مون کي چولا ناهي وڪڻڻ لاءِ ڇيو آهي. تڏهن سائين سرمد فيصلا ڪن لهجي ۾ چيو هو. ٺيڪ آهي پر اڄ ڪانپوءِ تون چولا نہ وڪڻنديون سڀاڻي صبح کان ئي تون هتي پهچي وڃ.

۽ ها پگهار ٽي هزار ڏيندس ان کان علاوه ڪوٽ ٽوٽ ۾ بہ گڏ هونداسين. مون بنا سوچڻ جي سائين سرمد جي ڳالهہ مڃي ورتي هئي. گهر جڏهن امان سان اها ڳالهہ ڪيم، امان اصل نڇاور ٿيندي چيو ابا پيو ڇا ڪپي. اصل هن وقتي ئي وڃي نوڪري شروع ڪر. ۽ پوءِ روزانہ صبح 12 کان شام پنج تائين آفيس ۾ هوندو هئس. هاڪري ڪرڻ کان ويندي هر ڪم ڪندو هئم. سائين مون کي ڪمپيوٽر سيکارڻ سان گڏ خبر ناهڻ ۽ اداري ڏي موڪلڻ سميت سڀ شيون سيکاريون هيون.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

هڪڙو وقت اهڙو به آيو جو خبر ناهڻ کان ويندي اداري کي پاس ڪرڻ تائين سڀ ڪم مان ڪرڻو لڳو هئس. ان کان علاوه سائين جا ذاتي ڪم ڪاريون به منهنجي ذمي اچي ويون هيون. جيئن پوءِ تيئن سائين سرمد جو مون تي ڀروسو وڌڻ لڳو هو. اهي ڪم جيڪي منهنجي موجودگي ۾ نه ڪري سگهندو هو سي به هاڻي ڪرڻ لڳو هو. قومي تحريڪ جا ڪارڪن ايندا هئا ته سائين خوش ٿيندو هو ۽ انهن جي خبر پاس ڪرڻ کان ويندي چانهه وغيره به پياريندو هو. ڪچهرين ۾ ڪڏهن ڪڏهن بابا جو ذڪر نڪري ايندو هو ته سڀ کان وڌيڪ تعريفون سائين سرمد ڪندو هو. نواب جهڙو بهادر ۽ اٽموٽ اڳواڻ صدين کانپوءِ پيدا ٿيندا آهن. اسين جامڙا آهيون فرشتن جو دٻاءَ ڪٽي نه سگهياسين. اسان جيءُ منو ڪرڻ وارن مان هئا سين ۽ هو تن سان اهي ملندا آهن جيڪي نواب وانگر جي مُنُو ناهن ڪندا. بابا جي تعريفن تي مون کي فخر ٿيڻ لڳو هو ۽ منهنجي آڏو بابا جي شهادت جا پيرا نڪرڻ لڳا هئا. پر جڏهن به مان سائين کان اڪيلائي ۾ پڇندو هئس ته ڳالهه گول ڪري ڇڏيندو هو.

سائين طرفان روزانو به سو ملڻ ڪري اسانجي گهر جو گاڏو بهتر نموني هلڻ لڳو هو. ماما جمعي خان کي هاڻي محنت ڪرڻ جي ضرورت نه رهي هئي. گهر جا سمورا خرچ مان ڪرڻ لڳو هئس. ماما جمعا خان ته هر حال ۾ به امان تي گهور ويندو هو. پر منهنجي ڪمائي اچڻ کانپوءِ ۽ امان جي عزت اجان وڌيڪ وڌي وئي هئي مامي توڙي گهر جا ٻار ٻچا اسان کي زمين تي پير رکڻ ڪو نه ڏيندا هئا. بابا جي شهيد ٿيڻ کانپوءِ امان مڪمل طور تبديل ٿي چڪي هئي. ڪيس ڪڏهن به خوش ٿي کلندي ڪو نه ڏٺو هئم سدائين اداس رهندي هئي. پر جڏهن کان مان ڪمائڻ لڳو هئس ته تڏهن کان امان ڪافي مطمئن نظر اچڻ لڳي هئي.

۽ پوءِ مان ٻاراڻي عمر مان نڪري جوان ٿي ويو هئس. مون کان ٻاراڻي زماني جا سڀ ڏک ڏاکڙا وسري ويا هئا. مان گهڻو وقت سرمد سائين سان گڏ گذارڻ لڳو هئس. سائين جو مون تي ڀروسو وڌي ويو هو هاڻي مون کي پاڻ سان گڏ پيارڻ به لڳو هو. ڪڏهن ڪڏهن سائين ڊارون جو ڊِؤ (گهڻو پي ويڻ) ڪري ويندو هو تڏهن بابا شهيد کان ويندي چاچا عابد جي آفيسر ٿيڻ تائين جو ذڪر ڳجهي انداز ۾ ڪري ونندو هو. سائين سرمد بابا کي چرياڻ پٽ ۽ عابد کي شاطر سڏيندو هو هڪ پيري اهو به واتان نڪري ويو هئس ته شهيد جي موجودگي جو اطلاع عابد ڏنو هو.....

۽ پوءِ اهڙو ماڻ جهڙو پٽ. هڪ دفعي سائين جي گهر وينا هئاسين سائين سرمد شراب جي جولان ۾ اچي اهو به ٻڌائي ڇڏيو هو ته نواب سياسي اڳواڻ طور فرشتن کي قبول ڪو نه هو. انهن فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته نواب اگر قومي تحريڪ مان هٽ نه ڪيو ته ان کي ٻي دنيا ۾ رسايو وڃي. پوءِ بابا کي گرفتار ڇو نه پيا ڪن هيل تائين جي تجربي جي بنيادن تي مان سائين کان ڪافي عرصي کانپوءِ ان ڳجهه بابت سوال ڪيو هو. نواب کي گرفتار ڪرڻ جو مطلب هو سياسي ممڻ مچائڻ چاڪاڻ ته نواب جي پنهنجي تحريڪ ۽ عوامي سطح تي وڏي پذيرائي هئي ان جي گرفتاري



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ڏکي پڙ پوين ها پيو تہ نواب جي گرفتاري سان پارٽي وڏيڪ منظم ٿئي ها قومي تحريڪ حرڪت ۾ اچي وڃي ها. ڪنهن وڏي عوامي رد عمل جو خطرو هو. تڏهن تہ ٽارگيٽ ڪلنگ جي نالي گولي جو استعمال ڪيو ويو آهي. پوءِ بہ ڪيترو شديد ري ايڪشن سامهون آيو هو. ۽ اڃان تائين قاتلن جي گرفتاري جي گهر ٿيندي رهي ٿي. هي تہ پارٽي جي لاوارثي سبب ڪا بہ تحريڪ ڪو نہ هلي.پيو تہ انهن پلاننگ ئي اهڙي ڪرائي هئي ۽ انهن اهو سڀ ڪجهہ ڪيو هو. پويان 6 مهينا تہ نواب بلڪل خاموش ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙي ڪنڊ ۾ غائب ٿي ويو هو. تڏهن مون کي چاچا عابد جا واڳو وارا ڳوڙها نظر آيا هئا. ۽ مان امان جي اختيار ڪيل رويي تي سوچڻ لڳو هئس.

رات جو جڏهن گهر پهتس. امان کان پهريون سوال اهو ئي ڪيو هئم تہ امان ڪي پل صدمي ۾ وڃي وئي هئي ۽ پوءِ سڏڪندي چيو هئائين ادا احمد کي ڪنهن ٻڌايو هو تہ تنهنجي پاءُ کي قتل جو پروگرام ٺهي رهيو آهي بهتر ٿيندو تہ هتان ڪيڏي وڃونس. مون بي ساختہ چيو هو. جيئن اڪيلو ڪري بي دردي سان شهيد ڪري وڃهنس. ابا اسان تہ پنهنجي طور تي بچائڻ گهريو هو. پر اسان کي ڪهڙي خبر تہ ائين ٿيندو.

سائين سرمد جي پنهنجي اداري ۾ وڏي ساک هئي تہ علائقي ۾ بہ هن کي وڏي احترام سان ياد ڪيو ويندو آهي سائين ننڍي وڏي سان نياز ۽ نوڙت سان ملندو هو. جيڪا ڳالهہ ڪندو سڀ سچ سمجهندا هئا. ماڻهو ڳالهہ ڪندا آهن. ائين سائين کي جڏهن شاگرد سياست ڪندو هو تڏهن بہ ايترو سنو هو. سائين سياست جي زماني کان وٺي اڄ تائين جهوڪ شريف کي جهوڪ پاڪ چوندو هو. ۽ جهوڪ جي ڪيل حاڪم وقت کي انڪار تي ڳالهائيندي ٿڪندو ئي ڪو نہ هو. سائين چوندو هو تہ دنيا جي جابر کي سڀ کان پهرين انڪار جهوڪ جي مٽي مان مليو هو. ڏاڍ آڏو آڻ مڃڻ کان انڪار جريت جي علامت آهي ۽ اهڙي جريت هر ڪو نہ ٿو ڪري سگهي. سائين هر جمع تي جهوڪ جي درگاهہ تي حاضري ڀرڻ کي اولين فرض چوندو هو. جڏهن کان مان سمجهدار ٿيو هئس تہ مون کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. سائين چوندو هو. هتي اهو اڃي جيڪو انڪار جي فلسفي کي ڄاڻي سگهي.

سائين مون کي سدائين پاڻ سان گڏ رکندو هو. مان هن جي سيني دوست کي سڃاڻيان ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو تہ هڪ اڌ ماڻهو اهڙا ايندا هئا سائين جن سان مون کي ڪڏهن بہ انهن سان نہ ملايو. هونئن نہ تہ هر دوست سان منهنجو تعارف ڪرائي خوش ٿيندو هو. انهن اڻ ڄاڻ ماڻهن بابت نہ تہ ڪڏهن سائين ٻڌايو ۽ نہ وري مون کي مناسب لڳو هو پڇانس تہ اهي ڪير دوست آهن. سائين سرمد کي اڳوات ئي خبر پئجي ويندي هئي تہ ملڪ ۾ ڇا ٿيڻ وڃي پيو ۽ هلندڙ صورتحال جو نتيجو ڇا نڪرندو. ان حوالي سان اخبار ۾ مضمون بہ لکندو هو.

ان بابت ڪو بہ سائين سرمد کان پڇندو تہ سائين توهان کي خبر ڪيئن ٿي پوي. تہ سائين


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

سدائين هڪڙي ئي ورندي ڏيندو بابا ”فقيراڻا ڦند“ ۽ پوءِ مسڪرائي ان ڏس ۾ ڪو به سوال جواب ڪرڻ جي موڊ ۾ نه هوندو هو.

هڪ ڏينهن مان ۽ سائين دارون پي رهيا هئاسين ته ڦرارن ۾ ايندي سائين ٻڌايو هو ته سانول پيانڪ نموني سان مارجي ويندو. مون کان ڇرڪ نڪري ويو هو. ڇاڪاڻ ته سانول منهنجو ڏاڍو سنو دوست هو. مون کي خبر هئي ته سائين ان ڏس ۾ وڌيڪ نه ڳالهائيندو پر ڏک ڀري لهجي ۾ چيومانس سائين ان کي بچائي نه ٿو سگهجي تڏهن بي اختياري جي ڪيفيت ۾ سائين سرمد رڳو ايترو چيو هو. مان ڇاڻان ٿو ته هڪڙو ٻيو بهادر قومي ڪارڪن موت جي واڳن حوالي ٿي ويندو. هڪڙي جريت انڪار جي همت رکندڙ زبان ڪٽجي ويندي. پر ڇا ڪجي اهو هن فقير جي وس ۾ به ڪو نه آهي. خير ڏسون ٿا قوم جا اهڙا دلير پٽ مرڻ ڪو نه ڏبا. هاڻي اسان وٽ ڊڄڻ لاءِ رهيو ئي ڇا آهي. اڃان به زندگي عزيز ڪئي سين ته جهوڪ شريف ڏي ڪهڙو منهن ڪڻي هلبو.

ان ڏينهن اسان معمول کان پهرين سڀ ڪم ڪار ختم ڪري گهر لاءِ اٿيا هئاسين. اسان اڃان گاڏي ۾ وينا مس هئاسين ته هڪ ڊبل ڊور گاڏي اسانجي گاڏي پرسان اچي بيٺي هئي. سائين گاڏي ڏسڻ کانپوءِ ڇرڪ پريندي چيو هو سنگت اچي وئي آهي. مان انهن کان ٿي ٿو اچان. پر تون اوسيتائين ٻاهر نه اڄجان جيستائين مان سڏيان. سائين لهي ويو.

سڀ آفيس ۾ وڃي وينا هئا. ۽ مان گاڏي ۾ انتظار ڪرڻ لڳو هئس. ان ڏينهن منهنجي ذهن تي رڳو سانول سوار هو. سانول جيڪو خوبصورت نوجوان ۽ پڙهيو لکيو سياسي ڪارڪن هو. ان جي موت جي خبر ٻڌي مان مان ڏاڍو پريشان ٿي ويو هيس هر هر ان خيال جي گهيرٽ ۾ اچي پئي ويس. مون کي ائين پئي لڳو هڪ ٻيو ديش ڀڳت يتيم ۽ قوم وڌي اذيت مان گذرندي اڌ مني ڪلاڪ کانپوءِ ٻاهران آيل ٻئي همراهه پنهنجي گاڏي ۾ ويهي هليا ويا. گهڻي ئي انتظار کانپوءِ به سائين سرمد ٻاهر نه آيو ته مان دل ٻڌي آفيس ۾ هليو ويس ڇا ڏسان سائين سرمد کي شديد دل جو دورو پيو هو اهو لقاءَ ڏسي مان دنگ رهجي ويس. ڊوڙي وڃي سائين کي کڻڻ جي ڪوشش ڪيم ته سائين پنهنجي ساري تڪليف تي ڪنٽرول ڪندي وڏو ساهه کڻي فقط ايترو چيو هو. بلاول مون پنهنجي حصي جو ڪم ڪري ڇڏيو آهي سانول بچي يا نه پر فقير هلن ٿا. مون سائين کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو سائين اهي بعد جون ڳالهيون آهن. توهان همت ڪريو سائين اسپتال گهڻو پري ناهي، مون کي پري ڪندي چيو. منهنجي ماروي ۽ دودي جي ڀارت هجئي. اگر وس ۾ هجئي ته انهن جو خيال رکجان. مون زبردستي استاد کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو ته سائين توهان پاڻ سنڀاليو. سڀ خير ٿيندو مان سائين کي کڻي اسپتال پهتس جتي ڊاڪٽر چيڪ اپ ڪرڻ کانپوءِ سائين جي اسان سان گڏ رهڻ جا سمورا آپشن ختم ٻڌايا هئا. ۽ نور مور جو سگنل ڏيندي ٻڌايو هو ته سائين دل بيهڻ ڪري وڇڙي ويو آهي. مون سائين جي وڇوڙي جي خبر پنهنجي اداري ڏي تفصيل سان موڪلي هئي جيڪا ٻي ڏينهن اخبار ۾


Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

ايڊٽ ٿي ڇپي هئي. اخبار ۾ رڳو اها خبر آئي هئي تہ روزمانہ آواز جو رپورٽر ۽ ناليوارو صحافي سرمد آزاد دل بيهڻ ڪري 50 سالن جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. ٻي ڏينهن مان اداري مان پڇا ڳاڇا ڪريان تہ مون خبر ۾ جيڪي تفصيل ڏنا هئا. اهي سڀ ايڊٽ ٿي ويا آهن. تڏهن نيوز ايڊيٽر اخبار جي ايڊيٽر صاحب جي نالي تي مون کي دٻ ڪيڊي خاموش ڪرائي ڇڏيو هو.

۽ ٻي ڏينهن اخبار ۾ منهنجي رپورٽر مقرر ٿيڻ وارو اشتهار هلي ويو هو مان رپورٽنگ ڪندو رهيو هئس. ۽ مون ايمانداري سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو منهنجي ڀرپور ڪوشش هئي تہ سائين سرمد جهڙي عزت ۽ محبت ماڻيان ۽ پوءِ وقت کي پر لڳي ويا هئا مان سينئر صحافين ۾ شمار ٿيڻ لڳو هئس. غريبن ۽ ٻي ڀهچ ماڻهن جو آواز بڻجي پيو هئس. شل نہ ڪنهن سان ناانصافي ٿئي مان بي چين بڻجي ويندو هئس.

ان سڄي عرصي ۾ مون کي اگر ڪو ڏک هو تہ اهو هو پنهنجي دوست سانول بابت ڪيل سائين سرمد جي اڳ ڪٿي تہ سانول بي دردي سان ماريو ويندو مون وٽ هونئن تہ سياسي ڪارڪن ايندا ئي رهندا هئا. مان سائين سرمد جي روايتن تي هلندي انهن جي خبر هلائڻ سان گڏ انهن کي ڇانهہ ۽ بي خاطر توازه ڪندو هئس مون کي اڪثر ڪري نيوز ايڊيٽر ڪجهہ ماڻهن سان ملڻ جي صلاح ۽ هدايت ڪندو هئس. مان انهن سان ملندو تہ هئس پر ڪڏهن بہ اهڙي ڳالهہ پلي ڪو نہ پئي جنهن مان ڪجهہ پرائجي هڪ ڀيري تہ رات جو ٽي بجي ڪجهہ ماڻهو منهنجي گهر تي آيا هئا مون کي ڌمڪائي ڏيان سان ڪم ڪرڻ ۽ خبرون سوچي سمجهي هلائڻ جو چئي ويا هئا. پر مان اها بہ خبر هلائي ڇڏي هئي. مان بلڪل سائين سرمد جي روايتن جو امين بڻجي ويو هئس. مون وٽ بہ قومپرست سياست ڪندڙ دوست جام ايندا هئا. سانول منهنجو جگري دوست هو ۽ قومي ڪارڪن منهنجي دل چوندي هئي تہ ان کي ٻڌايان پر همت ڪو نہ ساري سگهندو هئس. مان ۽ سانول هر جمع تي جهوڪ ويندا هئاسين سانول ڏاڍو ذهين ۽ ڪمال جو مقرر قسم جو نوجوان هو قوم ۽ قومي مفادن خاطر پاڻ ارپڻ تائين تيار هوندو هو. مان ۽ سانول روزانہ ملندا هئاسين ۽ پوءِ سانول شاگرد ونگ جي مرڪز تي هليو ويو هو جنهن ڪري گهٽ ٽائيم ملندو هئس. آخري ڀيرو مان ۽ سانول امان جي تڏي تي مليا هئاسين ان ڏينهن سانول سڄو ڏينهن ۽ رات اسان جي اوطاق تي گذاريا هئا.

اسان دل کولي ڪچهريون ڪيون هيون. ان ڏينهن مون دل ٻڌي سانول کي احتياط سان هلڻ لاءِ چيو هو. تنهن تي مرڪي وراڻيو هئائين سائين قومي سفر ۾ مئس تہ ڌرتي تي گهوريس. ان رات سانول مون کي انڪار جي فلسفي تي وڏو ليڪچر ڏنو هو. مان ان سان ملي ۽ ڪچهريون ڪري وڏو خوش ٿيو هئس.

۽ پوءِ پورا ستاويهہ ڏينهن ڪانپوءِ سانول سترنهن ڪارڪنن سميت جهوڪ ويندي نامعلوم هٿيارٻندن هٿان بي دردي سان شهيد ڪيو ويو هو. ملڪ جي اليڪٽرانڪ ۽ پريس ميڊيا واقعي کي



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

وڏي ڪوريج ڏني هئي ظاهر آهي هڪ سياسي پارٽي جي مکيه اڳواڻ ۽ سترنهن ڪارڪن سان گڏ قتل ٿيڻ ڪو عام ايونٽ نه هو. ان واقعي جي خبر علائقي ۾ باهه وانگر ڦهلجي وئي هئي.

پورو علائقو حراس ۾ ونجي ويو هو. ان واقعي جو مون کي شديد صدمي ۾ رسيو هو. علائقي ۾ سني صحافي ۽ هڪ وڏي اخبار ۾ ڪم ڪرڻ سبب هڪ پرڏيهي خابرو اداري مون سان رابطو ڪيو هو ان واقعي جي رپورٽ مون هڪ پرڏيهي خبرن جي اداري کي ڏني هئي ته ملڪ جي ڳجهن ادارن ظلم ڪري هڪ خالص قومي اڳواڻ ۽ ان جي سترنهن ڪارڪنن کي بي دردي ۽ بي رحمي سان قتل ڪري ڇڏيو آهي. اها خبر جڏهن پنهنجي اداري کي موڪليم ته ايڊيٽر صاحب پاڻ فون ڪري چيو ته فرشتن جو ذڪر خبر مان ڪڍي موڪل. مون اسرار ڪندي چيو ته سائين اهم معاملو ته اهو آهي تڏهن ايڊيٽر ڪاوڙ مان فون ڪٽي ڇڏي تو ۽ ٻي ڏينهن منهنجي نمائندي معطل ٿيڻ جو اشتهار هلائي ڇڏين ٿا تڏهن مون کي محسوس ٿو ٿئي ته ستين آسمان جا فرشتا ڪٽي رسائي حاصل ڪري سگهن ٿا.

❊❊❊



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

# نئون نياپو اڪيڊميءَ جا مارڪيٽ ۾ موجود ڪتاب

عشق جون ڳليون ( سفر ناما ۽ ٻيون لکڻيون) گل حسن ڪلمتي مُلهه: 200 روپيا

ڪالاش: ڪافرن جو ديس (سفرنامو) گل حسن ڪلمتي مُلهه: 200 روپيا

جڏهن مان چوهٽ جو هوندس (ڪهاڻيون) ممتاز مهر مُلهه : 70 روپيا

نه وڃڻ جو پڇتاءُ (ڪهاڻيون) يوسف سنڌي مُلهه: 70 روپيا

ڊائريءَ ۾ رکيل گلاب (ڪهاڻيون) منصور ٻرڙو مُلهه: 70 روپيا

مٽيءَ هاڻا ماڻهو (ڪهاڻيون) اڪبر اديب مُلهه: 90 روپيا

رنگن جي خانه بدوشي (نظم) ايوب گل مُلهه: 70 روپيا

ٻه ڪتاب (ڪهاڻيون) ممتاز مهر مُلهه: 90 روپيا

ڳوڙهن جا ڪبوتر (ڪهاڻيون) پرويز مُلهه: 90 روپيا

مس سدا بهار چنبيلي (ناول) الطاف شيخ مُلهه: 125 روپيا

ڪپيل نڪ (ڪهاڻيون) عباس سارنگ مُلهه: 90 روپيا

لاڙ لهرون ۽ سمنڊ (شاعري) نواز خان زئور مُلهه: 150روپيا

سمنڊ تو مونکي سڏي (پنجڪڙا) ايوب گل مُلهه: 100روپيا

عجب اکڙيون (ڪهاڻيون) قرت العين حيدر مُلهه: 90 روپيا

پٿر جو جگر ميڻ جي دل (ناول) موهن ڪلپنا مُلهه: 90 روپيا

چتر ليکا (هندي ناول) سنڌيڪار: رشيد ڀٽي مُلهه: 200 روپيا

وڇوڙي جا ورڍ (پنجابي ناول) سنڌيڪار: پرويز مُلهه: 80 روپيا

هن پار مان هن پار تون (ڪهاڻيون ۽ ٻيون لکڻيون) ڪرشن کتواڻي مُلهه: 50 روپيا

گيتانجلي (شاعري) رابندر ناٿ ٽئگور مُلهه: 50 روپيا

منهنجي زندگيءَ ۾ آيل عورتون ۽ مرد (خاڪا) خشونت سنگهه مُلهه: 70 روپيا

سنڌ ارغون دور ۾ (تاريخ/تحقيق) اڪرام ساگر عباسي مُلهه: 50 روپيا

جهڄان پسي جهوڪ (ڪهاڻيون) تاجل بيوس مُلهه: 35 روپيا

شهيد بينظير ڀٽو جو ڪيڏارو (شاعري) تاجل بيوس مُلهه: 80 روپيا

مارئي ملير جي ۽ شاهه عبداللطيف (ڏکهو نظم) بينظير ڀٽو مُلهه: 80 روپيا

هئا اڳهين گڏ... (ناول) حسيب ڪانهيو مُلهه: 100 روپيا

خمار گيت ۽ چانڊني (شاعري) رحمت الله پيرزادو مُلهه: 90 روپيا

محبت ٻه قيامت ٻه (ناول) ڪرشن چندر/ٻيدل مسرور بدوي مُلهه: 125 روپيا

ماستر هريام جو ٻئنڪاڪ وڃڻ (ڪهاڻيون) الطاف شيخ 150 روپيا

ڪراچيءَ جا لافاني ڪردار (پاڻو پهريون) گل حسن ڪلمتي مُلهه: 350 روپيا

ڳولا جو سفر (تاريخ) اياز ڀٽو مُلهه: 130 روپيا

سگنيچر (ناول) حسيب ڪانهيو مُلهه: 150 روپيا



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano

فيس بڪ (ڪهاڻيون) ڊاڪٽر منظور قادر مُلهہ: 200 روپيا
ڏکڻ مان ٿو سج اڀري (ناول) ڪرشن چندر/سراج مُلهہ: 150 روپيا
عربَ تاريخ جي آئيني ۾ : پروفيسر برنارڊليوس مُلهہ: 200 روپيا
چيڪلو (ناول) ڪرشن چندر/بيدل مسرور بدوي مُلهہ: 130 روپيا
يارنهن منٽ (ناول) پائلو ڪوئلهو مُلهہ: 150 روپيا
خالي بوتلون (ادب لطيف) عمر قاضي مُلهہ: 300 روپيا
اچو تہ نيپال گهمون (سفرنامو) آغا ثناءُ الله خان مُلهہ: 200 روپيا
مان هت جنم نہ وٺندس (ڪهاڻيون) امداد ڪانهيو مُلهہ: 150 روپيا
منهنجو نينهن نارين سان (ناول) عمر قاضي مُلهہ: 250 رپيا
تاريخ مان... (ڀاڱو پهريون) : ميم. الف. منصور عباسي مُلهہ: 250 روپيا
هُن مونکي چيو ڏنو (نظم) ايوب گل مُلهہ: 150 روپيا
ويچار- "ادبي تنقيد ۽ اپياس" ممتاز مهر مُلهہ: 200 روپيا
عڪران مان مليل مسودو (ناول) پائلو ڪوئلهو مُلهہ: 140 روپيا
جميلا ۽ دوشين ( ٻہ ناوليٽ) چنگيز اعتماتوف مُلهہ: 200 روپيا
پيار جو ٽڪنڊو ( سهڪاري ناول) سهيڙيندڙ: بيدل مسرور بدوي مُلهہ: 200 روپيا
اي جرني ٽو ٿائيلينڊ (سفرنامو) الطاف شيخ 250 روپيا
منهنجو ساگر منهنجو ساحل (سفرنامو) الطاف شيخ 250 روپيا
اتهاس جا آواز : انعام شيخ مُلهہ: 400 روپيا
ڪراچي سنڌ جي مارئي: گل حسن ڪلمتي مُلهہ: 4000 روپيا
مان سنڌ گهمڻ نہ ويندس (ڪهاڻيون): عبداولاحد سومرو مُلهہ: 80 روپيا

## ترت پڌرا ٿيندڙ ڪتاب

جيل جي ڊائري: بدر ابڙو
ڪيمياگر (ناول) پائلو ڪوئهلو/فهيم اختر ميمڻ
ڏاهو نہ هئس ڏيهہ ۾: روچي رام
تهذيبن جي ٻڻ ٻٽياد جي ڳولا: مائيڪل ووڊ
درد هڪ پيار جو (شاهڪار مليالم ناول) سنڌيڪار: سندري اُتم چنداڻي
ڪٺ پتليءَ جو ناچ (شاهڪار بنگالي ناول) سنڌيڪار: لکمي کلاڻي
ويهين صديءَ جي تاريخ (تصويرن سان) م. ا منصور عباسي

لڪ پڙهہ لاءِ
Karachi. SINDH. **C-4, Sachal Goth, Gulshan-e-Iqbal,**
Ph # 021-34690389 Cell # 0346-2103811
**E-mail:naonniapo@yahoo.com**



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944 www.facebook.com/groups/Kutabkhano